ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 06 جولاءِ 2026ع 20 محرم الحرام 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 روپيه شمارو (320)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

خامنه اي جي جنازي تي حملو ڪري سموري ايراني قيادت کي هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪري سگهون ٿا: ٽرمپ

آيت الله خامنه اي جي جنازي تي ايراني ماڻهن کي روئيندي ڏسي ڪيس حيرت ٿي، مان سمجهندو هئس ته ماڻهو هن کان نفرت ڪندا آهن، يا شايد اهي ڏيکاءَ جا ڳوڙها به ٿي سگهن ٿا

آمريڪا چاهي ته ان موقعي تي گڏ ٿيل سموري ايراني قيادت کي هڪ ئي حملي ۾ ختم ڪري سگهي ٿو، پر ائين نه ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته پوءِ ڳالهين لاءِ ڪو به نه بچندو

آمريڪا جي عوام ڪنهن کي به پنهنجي آزادي کسڻ نه ڏيندو، آمريڪا جا ماڻهو دنيا جا سڀ کان بهادر ۽ بهترين ماڻهو آهن

اسان جي ملڪ ۾ سيني کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي، آمريڪا سڄي دنيا لاءِ اميد جي هڪ ڪرڻ آهي ۽ اسان ڪڏهن به آمريڪا کي ناڪام ٿيڻ نه ڏينداسين

اسان وٽ دنيا جي سڀ کان طاقتور فوج موجود آهي، وينزويلا ۽ ايران کي ڏسو، اسان ان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي: آمريڪي صدر

اسان جو ملڪ نه رڳو طاقتور پر نميوارو پڻ آهي، اسان پنهنجي عوام جي آزادي کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيون ٿا ۽ دنيا کي به اسان جي عوام جي آزادي جو قدر ڪرڻ گهرجي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آيت الله خامنه اي جي جنازي تي ايراني ماڻهن کي روئيندي ڏسي ڪيس حيرت ٿي آمريڪي نيوز ويب سائيٽ ايڪسيوس جي هڪ صحافي سان ڳالهائيندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته "مان سمجهندو هئس ته ماڻهو هن کان نفرت ڪندا آهن يا شايد اهي ڏيکاءَ جا ڳوڙها به ٿي سگهن ٿا". هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن آمريڪا چاهي ته ان موقعي تي گڏ ٿيل سموري ايراني قيادت کي هڪ ئي حملي ۾ ختم ڪري سگهي ٿو پر ائين ان ڪري نه ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته پوءِ ڳالهين لاءِ ڪو به نه بچندو هئي پاسي، آمريڪا جي 250هين سالگره جي تقريب کي خطاب ڪندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته آمريڪي عوام ڪنهن کي به پنهنجي آزادي کسڻ نه ڏيندا. هن چيو ته آمريڪي دنيا جا سڀ کان بهادر ۽ بهترين ماڻهو آهن. آمريڪي صدر چيو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

تهران: لکين ماڻهو تهران جي مرڪزي اسڪوائر ۾ سپريم ليڊر آيت الله علي خامنائي جي جنازي نماز ۾ شريڪ آهن

ايراني سپريم ليڊر آيت الله سيد علي خامنه اِي جي جنازي نماز ادا، تهران ۾ لکين ڳاڙها جهنڊا بلند، پلاند جو مطالبو

سپريم ليڊر خامنه اي سنڌن نياڻي بشريٰ حسيني، ننهن زهرا حداد عادل، ناٺي مصباح الهديٰ باقري ۽ ڏوهٽي زهرا محمدي جي جنازي جي نماز ۾ 100 ملڪن جي وفدن سميت ۽ لکين ماڻهو شريڪ

جنازي نماز آيت الله جعفر سبحاني پڙهائي، جنازي واري هنڌ ۽ تهران جي گهٽين ۾ ڪارا ڪپڙا پهريل سوڳوار انتقام ۽ انصاف جي علامت طور ڳاڙها جهنڊا لهرائيندي، شهيد رهبر کي الوداع چيو

جنازي جو جلوس اڄ تهران کان قم روانو ٿيندو تدفين کان اڳ آيت الله علي خامنه اي جو جسد عراق جي شهرن نجف ۽ ڪربلا پڻ نيو ويندو، کين مشهد ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو

آيت الله سيد علي خامنه اِي جي ميت نجف ايئرپورٽ ذريعي عراق پهچائي ويندي، نجف ۽ ڪربلا ۾ تقريبن ڪلاڪن مڙهه کي امام رضا جي روضي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

ايراني منتظمين پاران تدفين ڪانپوءِ چاليهه ڏينهن تائين مختلف صوبن ۾ مذهبي ميڙاڪا، دعائن ۽ عبادتن جو اعلان ڪيو ويو، سنڌس ورسي تائين وڌيڪ تقريبون ۽ ڪانفرنسون ٿينديون

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني سپريم ليڊر آيت الله سيد علي خامنه اي ۽ سندس خاندان جي چئن فردن جي جنازي جي نماز تهران ۾ ادا ڪئي وئي 100 ملڪن جي وفدن سميت ۽ لکين ماڻهن شرڪت ڪئي آيت الله جعفر سبحاني شهيد ايراني سپريم ليڊر جي جنازي جي نماز پڙهائي آيت الله خامنه اي جي جنازي ۾ ايراني صدر مسعود پزشڪيان اسپيڪر باقر قاليباف ۽ ٻيا بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ جمهوريت ۽ قومي سالميت خلاف هر سازش کي عوامي طاقت سان ناڪام بڻايو ويندو: وڏو وزير

پنج جولاءِ 1977ع تي شهيد ذوالفقار ڀٽو کي اقتدار تان هٽائڻ جي سازش عوامي راءِ ۽ آئين تي حملو هئي

پيپلز پارٽي هر دور ۾ آمريت جو بهادري، ثابت قدمي ۽ عوامي طاقت سان مقابلو ڪيو آهي

اسين هر قيمت تي آئين، جمهوريت ۽ عوام جي حڪمراني واري حق جو دفاع ڪندا رهنداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪاري ڏينهن جي موقعي تي سنڌس خاص پيغام ۾ چيو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ٽيليڪام بل ذريعي ڪنهن جي ذاتي زمين تي قبضو نه ڪيو ويندو: شزه فاطمه خواجه

اسان پاڻ خلاف لڳايل مالي الزامن تي قانوني ڪارروائي جو پورو حق رکون ٿا: اعظم نذير تارڙ

بل جو مقصد وزيراعظم جي وژن موجب انٽرنيٽ جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي: پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (اي پي پي) آءِ ٽي ۽ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني سفير خليل هاشمي جو ڪاشغر ۾ اين ايل سي جي لاجسٽڪس مرڪز جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) چين ۾ پاڪستان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪا ڪمزور رياست نه پر پنهنجي پيرن تي بيٺل هڪ مضبوط ملڪ آهي: احسن اقبال

اڄ پاڪستان جو معاشي نظم و ضبط هن وقت حقيقت جو روپ اختيار ڪري رهيو آهي

مهانگائي جي شرح 3.5 سيڪڙو تائين لاٿ ۽ پرڏيهه مان پورهيتن پاران موڪليل ناڻو 31 ارب ڊالرن کان وڌي ويو آهي

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آبادي ۽ انساني وسيلا اسان جي رٿابندي ۾ ڪا معمولي حاشيو ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته مهانگائي جي شرح 3.5 سيڪڙو تائين لهڻ ۽ پرڏيهه مان پورهيتن پاران موڪليل ناڻو 31 ارب بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

چين ۽ روس جون گڏيل سامونڊي مشقون هلندڙ مهيني شروع ٿينديون

بيجنگ (اي پي پي) چين ۽ روس جي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

شام جي صدر پاران ٽرمپ کي يوم آزادي تي مبارڪون، لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي دعوت

دمشق (اي پي پي) شام جي صدر احمد بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ميامي: وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال آمريڪي رياست فلوريڊا ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستاني نسل جي ڊاڪٽرن سان ڳالهائي رهيو آهي

پنج جولاءِ تي آمراڻي قدم سان جمهوريت تي راتاهو هڻي عوام جي امنگن جو قتل ڪيو ويو: نثار کهڙو

ملڪ ڪنهن به غير آئيني قدم جو متحمل نه ٿو ٿي سگهي، آئين جي بحالي باوجود ڪمزور جمهوريت آهي

ملڪ جي سمورن مسئلن جو حل جمهوريت جي تسلسل، پارليامينٽ ۽ آئين جي بالادستي ۾ آهي

پيپلز پارٽي جمهوري ڪردار ادا ڪندي وفاقي حڪومت ۾ شامل نه هجڻ باوجود ن ليگ جي حمايت ڪري پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ پاران 5 جولاءِ 1977ع ۾ جمهوريت تي راتاهو هڻڻ خلاف اڄ ڏينهن سڄي سنڌ ۾ ريلين ڪيو ڪارو ڏينهن ملهايو ويو پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪانگو ۾ ايبولا سبب فوت ٿي ويلن جو انگ 500 جي ويجهو پهچي ويو

ڏاڍي وبا مسلسل پکڙجڻ لڳي 1528 تصديق ٿيل ڪيس سامهون اچي چڪا آهن: اختياريون

وائرس خلاف نه ڪا منظور ٿيل ويڪسين ناهي ۽ نه ئي ڪو مخصوص علاج دستياب آهي

ڪنشاسا (اي پي پي) جمهوريه ڪانگو ۾ ايبولا وائرس جي ڏاڍي وبا مسلسل پکڙجي رهي آهي جتي هن وقت تائين 1528 بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

آزاد جموں ڪشمير ۾ شهرين ڪالعدم جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي شهرين هڙتال کي رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد جموں ڪشمير جي شهرين ڪالعدم جوائنٽ ايڪشن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ ڪارروايون جاري، وڌيڪ 15 هزار 591 غيرقانوني پناهگير گرفتار

اقامه، ليبر ۽ سرحدي قانونن جي ڀڃڪڙي تي غيرقانوني پناهگيرن کي سرگهر ڪيو ويو

روزگار، رهائش ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 17 ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي: اختياريون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ اقامه، ليبر ۽ سرحدي قانون جي ڀڃڪڙي تي وڌيڪ 15 هزار 591 غيرقانوني پناهگيرن بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقويءَ ڪيپٽن ڪرنل بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين پاران صحافي ايم بي سومرو جي سس جي وفات تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پارلياماني رپورٽرز بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي جرئت ۽ قرباني قوم لاءِ هميشه مشعل راهه رهندي: سردار اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڪيپٽن بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ مزدور ۽ سندس ٻارڙا واهه جي ڪناري تي پنهنجي روزي جو وسيلو بڻيل گڏهن کي وهنجاري رهيا آهن

غير جمهوري قدمن ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ کي نقصان رسايو آهي: رياض شيرازي

پنج جولاءِ 1977ع پاڪستان جي سياسي ۽ جمهوري تاريخ جو هڪ المناڪ باب آهي

شهيد ذوالفقار ڀٽو پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي جمهوريت ۽ آئين جي حفاظت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي 5 جولاءِ يوم سياهه جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ چيو آهي ته 5 جولاءِ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سينئر ڪاشف شورو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪارگل ويڙهه جي هيرو ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد کي پوري قوم خراج عقيدت پيش ڪري ٿي: طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن بابت وفاقي وزير طارق فضل چوڌري چيو آهي ته قوم جي عظيم سپوت، ڪارگل ويڙهه جي بهادر هيرو ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد (نشان حيدر) جي 27هين يوم بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ وڏيرا شاهي نظام ناسور جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي: ڪاشف سعيد شيخ

هر جڳهه تي ويٺل سسٽم هر شعبي کي تباهي جي ڪنڌيءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي

جماعت اسلامي ان ظلم ۽ ڀوتارڪي نظام خلاف جاکوڙي رهي آهي: ڪنوينشن کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته ظالم وڏيرا شاهي نظام سنڌ ۾ هڪ ناسور جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي جڏهن ته هر جڳهه تي ويٺل سسٽم هر شعبي کي تباهي جي ڪنڌيءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي جيڪو سنڌ جي ترقيءَ ۾ سڀ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رڪشا جو ٽالر سان ٽڪر ماءُ پيءُ ۽ چار ڌيئرن سميت ڇهه ڄڻا زخمي

ڊيفنس موڙ گولڊ مارڪ ويجهو پيش آيل حادثي ۾ رڪشا ۾ سوار گهرڀاتي زخمي ٿيا

سمورن زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڪورنگي روڊ تي ٽريفڪ حادثي ۾ ماءُ پيءُ ۽ چار ڌيئرن سميت هڪ ئي خاندان جا ڇهه ماڻهو زخمي ٿي پيا. ڊيفنس پوليس موجب حادثو ڊيفنس موڙ گولڊ مارڪ ويجهو پيش آيو جنهن ۾ زخمين جي سڃاڻپ 37 سالن جي لياقت، سندس زال 30 سالن جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آمريڪي آزادي جي ڏينهن تي نيويارڪ ۾ آتشبازي دوران ڌماڪو، بروڪلن برج کي باهه

بروڪلن پل تي باهه لڳڻ کان پوءِ باهه وسائڻ لاءِ فوري طور تي به فائر برگيڊ گاڏيون موڪليون ويون

باهه لڳڻ وقت، بروڪلن پل آتشبازي جي تقريب جي ڪري ٽريفڪ لاءِ بند هو ۽ گاڏين کي اندر وڃڻ جي اجازت نه هئي

وڏي پيماني تي آتشبازي جي مظاهرن دوران اهڙا واقعا غير معمولي نه آهن: فائربرگيڊ عملو

نيويارڪ (م ر د) آمريڪا جي آزادي جي ڏينهن جي تقريب دوران نيويارڪ ۾ هڪ پل تي باهه لڳي وئي، پر فائر فائٽرز بروقت ڪارروائي ڪندي باهه تي ضابطو آڻدو نيويارڪ فائر ڊپارٽمينٽ موجب، 4 جولاءِ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

تهران: ايران جي شهيد روحاني پيشوا آيت الله علي خامنائي ۽ سنڌس فرزند مجتبيٰ خامنائي جي تصويرن آڏو هڪ ناري گذري رهي آهي

پ پ ڪارڪنن جمهوريت جي بحالي لاءِ تشدد ۽ سختيون برداشت ڪيون: شيري رحمان

پنج جولاءِ 1977ع شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ عوام جي حقن خلاف جمهوريت تي حملو ڪيو ويو

ڏور کي جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوامي فيصلن جو هر قيمت تي تحفظ ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته جمهوريت جي بحالي لاءِ ڪارڪنن ڪيل تشدد ۽ سختيون برداشت ڪيون پر قائد عوام جي نظرياتي تان هٽ نه بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪابل ۾ پاڻي جي کوٽ شديد بحران جي شڪل اختيار ڪري رهي آهي: گڏيل قومون

زمين هيٺ پاڻي جي سطح ۾ گهٽتائي ۽ آبادي ۾ تيزي سان اضافو ٿيو آهي

لاڳيتو ڪوششن جي باوجود مسئلو شهر جي وڌندڙ آبادي لاءِ وڏو چئلينج بڻيل آهي

ڪابل (اي پي پي) گڏيل قومن افغانستان جي گادي واري شهر ڪابل ۾ پيئڻ جي پاڻي جي وڌندڙ کوٽ جي باري ۾ خبردار ڪندي چيو آهي ته اهو بحران شهر جي ترقي لاءِ سنگين چئلينجز جو سبب بڻجي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

غزه ۾ اسرائيل جي ڪنٽرول هيٺ علائقن ۾ واڙ رهواسين لاءِ وڏو خطرو آهي: گڏيل قومون

اسرائيلي فوجين علائقن تائين پهچ تي پابنديون لاڳو ڪرڻ لاءِ خطرناڪ طاقت جو استعمال ڪيو آهي

حملن ۾ 18 عورتن ۽ 43 ٻارن سميت 196 فلسطينين جي فوتگين جي تصديق ڪئي وئي آهي

غزه (اي پي پي) گڏيل قومن خبردار ڪيو آهي ته غزه ۾ وڌندڙ اسرائيلي قبضي سبب هتي جي رهواسين کي خطرا موجود آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ اين جي اوز خبردار بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور: گرمي وڌڻ بعد ماڻهو هڪ اسٽال تان ٿڌي لسي پي رهيا آهن

ڪارگل جنگ جي هيرو ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جو يوم شهادت، خراج عقيدت پيش

مسجدن ۾ شهيدن جي درجن جي بلنديءَ، مغفرت ۽ وطن عزيز جي سلامتي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

باوقار قومون پنهنجي شهيدن جي قربانين کي هميشه عزت ۽ احترام سان ياد رکنديون آهن: عالم سگهڙا

اسلام آباد (اي پي پي) ڪارگل جنگ جي هيرو ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جو يوم شهادت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آءِ فون جي لالچ ڏئي دوست هٿان پيءُ مارائيندڙ پيو پٽ به گرفتار

جوابدار اعجاز ملڪيت جي تڪرار تان پنهنجي دوست شيراز هٿان والد کي قتل ڪرايو هو

گرفتار ڪيل ٻئي پٽ جمشيد پنهنجي ڀاءُ کي والد کي مارائڻ جي اجازت ڏني هئي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ابراهيم حيدري ۾ ملڪيت جي تڪرار سبب پنهنجي ئي والد جي قتل واري بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ايڪشن ڪاميٽي پاران عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

ٻارن کي بازياب ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب آڏو هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (HRCP) ۽ پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي خانگي چڙيا گهر مان بيمار شينهن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو

ناظم آباد جي علائقي ۾ جانورن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن گڏيل ڪارروائي ڪئي

بيمار شينهن کي انتهائي خراب حالت ۾ ڪيئي [illegible] تي علاج لاءِ منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ناظم آباد ۾ قائم هڪ نجي چڙيا گهر مان بيمار شينهن کي ريسڪيو ڪري محفوظ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ملير پوليس جون بهادرانه ۽ پيشهورانه ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن: گهرو وزير

ڌوهارين ۽ سماجي براين خلاف بنا امتياز جي ڪارروايون هر حال ۾ جاري رکيون وڃن

جوابدارن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل اهلڪارن کي بهترين علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته ملير پوليس جون بروقت، بهادرانه ۽ پيشهورانه بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

قائد عوام ۽ شهيد راڻي، جمهوريت، آئين، عوامي حقن لاءِ قربانيون ڏنيون: تحسين عابدي

پنج جولاءِ 1977ع تي غير آئيني قدمن ذريعي عوام جي فيصلي کي نظرانداز ڪيو ويو

پيپلز پارٽي عوام جي حق حڪمراني تي ڪڏهن به سودي بازي نٿي ڪري سگهي: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابديءَ چيو آهي ته 5 جولاءِ 1977ع پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ اهڙو المناڪ ڏينهن آهي جنهن آئيني نظام، عوامي اختيار ۽ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

شهيد ذوالفقار ڀٽو پنهنجي جان قربان ڪري آمريت کي دنيا آڏو رسوا ڪيو: سعيد غني

قائد عوام 1971ع کانپوءِ شڪست کاڌل قوم کي ڪجهه ئي سالن ۾ ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهاريو

پنج جولاءِ پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي، جنهن جا اثر ملڪ اڄ ڏينهن تائين ڀوڳي پيو

ڪراچي (رپورٽ : راهب گهانگهرو) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪڏهن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

بدين: حيسڪو يونين جا اڳواڻ ڪاميابي بعد آفيس آڏو بيٺل آهن

اسلام آباد ۾ عورت سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندڙ جوابدار جي فائرنگ ۾ پاڪ فضائيه جو گروپ ڪيپٽن شهيد

نائنٿ اوينيو ۾ موٽر سائيڪل سوار جوابدار عورت سان زبردستي ٿيندي ڏسي ڪيپٽن عاصم پهچي ويو

جوابدار ڏندڇڪ بعد پستول سان فائرنگ ڪري ڪيپٽن کي موقعي تي ئي شهيد ڪري فرار ٿي ويو

قومي ۽ سوشل ميڊيا تي عورت جي تحفظ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪندڙ بهادر آفيسر کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فضائيه جو بهادر گروپ ڪيپٽن عاصم هڪ عورت کي بچائيندي شهيد ٿي ويو شروعاتي رپورٽ موجب گروپ ڪيپٽن عاصم نائنٿ اوينيو مان گذري رهيو هو ته هڪ موٽر بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان حماس ۽ حزب الله جي وفدن ملاقات

تهران (م ر د) تهران ۾ ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان حماس ۽ حزب الله جي وفدن ملاقات ڪئي آهي عرب ميڊيا موجب ملاقات دوران عباس عراقچي اسرائيلي جارحيت خلاف ايران جي حمايت بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سانا جو 42 هون ڪنوينشن: تعليم، ادب، اقليتن جي حقن، عورتن کي بااختيار بڻائڻ بابت ويهڪون

سنڌ ۾ انساني وقار ۽ سماجي هم آهنگي جي بنياد طور تعليم - خواندگي کان روشني تائين سيشن منعقد

ڪينيڊا، آمريڪا، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن مان آيل مهمانن تعليمي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ شرڪت ڪئي

تقريبن ۾ عورتن جي تعليم، نوجوانن جي رهنمائي ۽ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي تحفظ تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

ٽورنٽو (رپورٽ ضياء قريشي/ سبين ميمڻ) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي 42 هين ڪنوينشن ۾ اڄ تعليم، ادب، اقليتن جي حقن، عورتن جي بااختيار بڻائڻ ۽ سنڌي ثقافت تي فڪر انگيز بحثن سان بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ٽورنٽو: سانا جي 42 هين ڪنوينشن ۾ شريڪ مهمان ڪتابن جي رونمائي ڪري رهيا آهن

چين ۽ برطانيه وچ ۾ واپاري خدمتن جي معاهدي تحت گڏيل تربيتي اسٽڊي شروع

بيجنگ (اي پي پي) چين ۽ برطانيه وچ ۾ واپاري خدمتن جي معاهدي سان لاڳاپيل بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ريلوي وفاقي وزير پاران ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد (نشان حيدر) جي 27 هين بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت صحت کاتي جون سموريون سرڪاري ڊسپينسريون خانگي اداري حوالي ڪري ڇڏيون

ڊسپينسرين جا انتظامي معاملا سرڪاري فنڊ سان هلندڙ غير سرڪاري اداري حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

سمورن ضلعي صحت آفيسرن کي ڊسپينسرين جا انتظامي اختيار نئين اداري حوالي ڪرڻ لاءِ خط جاري

هن قدم سان بنيادي صحت جون سهولتون وڌيڪ بهتر، منظم ۽ عوام لاءِ آسان بڻائڻ ۾ مدد ملندي: اختياريون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي صحت کاتي صوبي جي سمورين سرڪاري ڊسپينسرين جا انتظامي معاملا هڪ سرڪاري فنڊ سان هلندڙ غير سرڪاري اداري حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي واهڪا اسپتال ۾ ايڇ آءِ وي جا ڪيس انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن: سعيد غني

هينئر تائين 78 ٻارن جو ڊيٽا سامهون اچي چڪو آهي، جيڪو ڪو معمولي معاملو ناهي

[illegible] ڊاڪٽر يا ڪنهن ٻئي عملي جي غفلت ثابت ٿي ته ان خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته سيسي جي انتظام هيٺ هلندڙ واهڪا اسپتال ۾ ايڇ آءِ وي جا ڪيس انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن هن بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسڪردو: پاڪستاني جبل چاڙهو عباس علي ۽ الاسڪا جو بينجمن ليبر 8125 ميٽر اوچي نانگا پربت چوٽي سر ڪرڻ بعد بيٺل آهن

ملير پوليس جون بهادرانه ۽ پيشهورانه ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن: گهرو وزير

ڌوهارين ۽ سماجي براين خلاف بنا امتياز جي ڪارروايون هر حال ۾ جاري رکيون وڃن

جوابدارن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل اهلڪارن کي بهترين علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي صحت کاتي صوبي جي سمورين سرڪاري ڊسپينسرين جا انتظامي معاملا هڪ سرڪاري فنڊ سان هلندڙ غير سرڪاري اداري حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ ڪجهه ڪلاڪن جي رڪارڊ برسات ممبئي شهر کي ٻوڙي ڇڏيو

ڀارتي رياست مهاراشٽرا جي شهر ممبئي ۾ طوفاني برسات سبب سمورو شهر ٻڏي سوئمنگ پول ۾ تبديل ٿي ويو

ممبئي شهر ۾ 12 ڪلاڪن جي دوران 260 ملي ميٽر تائين برسات پئي، هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

اوڀرين علائقن ۾ 186 جڏهن ته ڏاکڻي علائقن ۾ 168 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي

ممبئي (م ر د) ڀارت ۾ ڪجهه ڪلاڪن دوران 250 ملي ميٽر کان وڌيڪ جي برسات ممبئي شهر کي ٻوڙي ڇڏيو جنهن سبب زندگي جو نظام مفلوج بڻجي ويو ڀارتي ميڊيا موجب ڀارتي رياست مهاراشٽرا بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

استور: مشهور برزيل پاس تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گهمڻ لاءِ آيل سياح تازي ٿيل برفباري مان لطف اندوز ٿي رهيا آهن، ٻئي طرف برفپوش پهاڙن جا خوبصورت نظارا

5 جولاءِ 1977 پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي: بلاول ڀٽو

شهيد ڀٽو جمهوريت پسند ڪارڪنن جي قربانين ثابت ڪيو ته حق ۽ عوامي حاڪميت کي ڪڏهن به شڪست نٿي ڏئي سگهجي

اڄ 49 سال گذرڻ کان پوءِ به اسان جو ارادو اهوئي آهي ته آئين جي بالادستي جو هر قيمت تي دفاع ڪنداسين

ووٽ جي تقدس، پارلياماني جمهوريت ۽ عوام جي حق حڪمراني جو تحفظ ڪنداسين

اسلام آباد (م ر د) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 5 جولاءِ 1977 پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي جڏهن عوام جي مينڊيٽ، آئين ۽ پارلياماني جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڊيره بگٽي: ٻن ڌرين وچ ۾ فائرنگ، 4 ڄڻا مارجي ويا، هڪ زخمي

زمين ڪوهه ڌرينجن ۾ پئسن جي تڪرار تان ٻن ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ شروع ٿي وئي

ڊيره بگٽي (م ر د) ڊيره بگٽي جي علائقي ڌرينجن ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

والاريل جمون ڪشمير: راجوڙي ۾ ڀارتي فوجي آپگهات ڪري ڇڏيو

جمون (اي پي پي) غيرقانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اسرائيل کي خطي کي ٻيهر جنگ جي باهه ۾ ٻوڙڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي: طيب اردگان

ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ مفاهمت جي ياداشت کان پوءِ دنيا راحت جو ساهه کنيو آهي

ترڪي اسرائيل جي اشتعال انگيز ڪارروائين تي به نظر رکي رهيو آهي، اسرائيلي حڪومت، جيڪا جنگ جي عادي آهي

ڪڏهن به سڄي علائقي کي هڪ ڀيرو ٻيهر بارود ۽ رت جي ٻوڏ ۾ ٻوڙڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي

اسلام آباد (م ر د) اسرائيلي حڪومت کي ڪڏهن به اسان جي علائقي کي هڪ ڀيرو ٻيهر بارود ۽ رت جي ٻوڏ ۾ ٻوڙڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي ترڪ صدارتي آفيس موجب صدر رجب طيب اردگان خطي ۾ بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪيترائي اهم اڳواڻ شريڪ ٿيا. شهيد ايراني سپريم ليڊر خامنه اي ڪانسواءِ سندن نياڻي بشريٰ حسيني خامنه اي، ننهن زهرا حداد عادل (مجتبيٰ خامنه اي جي گهر واري)، ناٺي مصباح الهديٰ باقري ۽ ڏوهٽي زهرا محمدي جا تابوت به سوڳوارن جي سامهون رکيا ويا. جنازي ۾ 100 ملڪن جي وفدن سميت لکين ماڻهن شرڪت ڪئي جنازي واري هنڌ ۽ تهران جي گهٽين ۾ ڪارا ڪپڙا پهريل سوڳوار انتقام ۽ انصاف جي علامت طور ڳاڙها جهنڊا لهرائيندي، پنهنجي شهيد رهبر کي الوداع چيو. سپاڻي صبح جنازي جو جلوس تهران کان قم روانو ٿيندو تدفين کان اڳ آيت الله علي خامنه اي جو جسد عراق جي شهرن نجف ۽ ڪربلا پڻ نيو ويندو جڏهن ته ڪين مشهد ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو. قم ۾ جنازي نماز ايران جي مذهبي مرڪز ۾ مقامي وقت موجب صبح پنجين وڳي شروع ٿيندي، جتي جمڪران مسجد اندر هڪ سينيئر عالم جنازي نماز جي امامت ڪندو جنهن ڪانپوءِ عوامي سطح تي الوداعي تقريبن جو سلسلو جاري رهندو ايراني ميڊيا طرفان جاري ڪيل بيان موجب، شهيد علي خامنه اي ۽ سندس گهرڀاتين لاءِ دعائي تقريب سپاڻي صبح ڇهين وڳي تهران جي هڪ مسجد ۾ ٿيندي ياد رهي ته جنگ جي شروعات ڪانپوءِ مجتبيٰ خامنه اي عوامي سطح تي نظر نه آيو آهي جڏهن ته سندس والد ۽ خاندان جا ڪيترائي ڀاتي 40 ڏينهن واري جنگ جي پهرئين ڏينهن شهيد ڪيا ويا هئا. گذريل ڏينهن بين الاقوامي پيمانا پيش ڪرڻ واري تقريب ٿي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جي اڳواڻن ۽ وفدن شرڪت ڪئي. لاڳاپيل اختيارين جي اعلانيل منصوبي موجب، آخري رسمن جون تقريبون مختلف مرحلن ۾ ستن ڏينهن تائين جاري رهنديون. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ايران جي اڳوڻي رهبر اعليٰ جي عوامي الوداعي تقريب دوران شرڪت ڪندڙن "آمريڪا مرده باد" ۽ "انتقام،انتقام" جا نعرا هنيا. پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي هڪ ايراني عملدار چيو ته اڳوڻي رهبر اعليٰ شهيد آيت الله علي خامنه اي جي تابوت جي اچڻ کان اڳ ئي تهران جي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز گرينڊ مصليٰ ۾ هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا. ميڊيا رپورٽن موجب، الوداعي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ هئا. واضح رهي ته ڳاڙهي رنگ کي عام طور پلاند وٺڻ واري مطالبي جي علامت سمجهيو ويندو آهي. چار جولاءِ تي مقامي وقت موجب صبح 6 وڳي دروازا کوليا ويا، جيڪي پنج جولاءِ تي رات اٺين وڳي بند ڪيا ويا. سپاڻي پڻ تهران ۾ جنازي جو جلوس نڪرندو جيڪو مقامي وقت موجب صبح ڇهين وڳي شروع ٿيندو انتظاميا راڄڌاني ۾ ان لاءِ ڪليل رستو مقرر ڪيو آهي. سپاڻي قم ۾ جنازي ٿيندي، جيڪا ايران جي مذهبي مرڪز ۾ مقامي وقت موجب صبح پنجين وڳي شروع ٿيندي، جتي جمڪران مسجد اندر هڪ سينيئر عالم جنازي نماز جي امامت ڪندو اٺ جولاءِ تي نجف ۽ ڪربلا ۾ جنازي جا جلوس ڪڍيا ويندا. ان حوالي سان عراق ۾ ايران جي ثقافتي اتاشي غلام رضا اباذري ٻڌايو ته ميت ست جولاءِ جي شام نجف پهچندي. هن چيو ته ميت جي ايران واپسي کان اڳ، اٺ جولاءِ تي نجف ۾ مقامي وقت موجب صبح ڇهين وڳي ۽ ڪربلا ۾ ٽين وڳي جنازي جا جلوس ڪڍيا ويندا. نو جولاءِ تي علي خامنه اي جي تدفين مشهد ۾ قائم شيعن جي اٺين امام امام رضا جي روضي تي ڪئي ويندي

واضح رهي ته علي خامنه اي پنهنجي زندگي ۾ رڳو ٻه ڀيرا ست ۽ اڙهن سالن جي عمر ۾ عراق ويو هو ۽ ان ڪانپوءِ ٻيهر نجف ۽ ڪربلا نه ويو. اعلانيل پروگرام موجب، سندس ميت نجف ايئرپورٽ ذريعي عراق پهچائي ويندي، نجف ۽ ڪربلا ۾ تقريبن ڪانپوءِ آخري مرحلو مشهد ۾ ٿيندو جتي علي خامنه اي کي امام رضا جي روضي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو منتظمين اعلان ڪيو آهي ته تدفين ڪانپوءِ چاليهه ڏينهن تائين مختلف صوبن ۾ مذهبي ميڙاڪا، دعائون ۽ عبادتون ٿينديون جڏهن ته تدفين جي ورسي تائين وڌيڪ تقريبن ۽ ڪانفرنسن جو به بندوبست ڪيو ويندو. واضح رهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي هن سال 28 فيبروري تي گڏيل حملي ۾ آيت الله خامنه اي جي شهادت کان پوءِ 8 مارچ يعني لڳ ڀڳ هڪ هفتي اندر نئين سپريم ليڊر جو چونڊ ڪيو ويو هو پر شهيد سپريم ليڊر جي فوري تدفين نه ڪئي وئي هئي

بقايا 2 روزاني عبرت

آهي ته 5 جولاءِ 1977ع پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ڪارو ڏينهن هو جڏهن عوام جي چونڊيل وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت تي مارشل لا لاڳو ڪري عوامي مينڊيٽ، آئين ۽ جمهوري نظام تي وار ڪيو ويو. وڏي وزير چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي اقتدار مان هٽائڻ جي سازش دراصل عوامي راءِ ۽ آئين تي حملو هئي جڏهن ته آمريت جمهوريت، آئين ۽ عوامي حڪمرانيءَ جي حق کي لتاڙي ڇڏيو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هر دور ۾ آمريت جو بهادري، ثابت قدمي ۽ عوامي طاقت سان مقابلو ڪيو ۽ جمهوري قدرن جي تحفظ لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون سيد مراد علي شاهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام ۾ شعور، خوداعتمادي ۽ جمهوري حقن جو احساس پيدا ڪيو جڏهن ته سندن سياسي بصيرت، عوامي خدمت ۽ جمهوري جدوجهد اڄ به قوم لاءِ مشعل راهه آهي هن چيو ته جمهوريت جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان ۾ آئين ۽ عوامي حڪمراني جون مضبوط بنيادون آهن وڏي وزير چيو ته 5 جولاءِ اسان کي آئين جي بالادستي، جمهوريت جي تحفظ ۽ عوام جي حڪمرانيءَ جي حق واري عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو هن زور ڏيندي چيو ته جمهوريت ئي پاڪستان جي استحڪام، ترقي، قومي يڪجهتي ۽ مضبوطي جي ضامن آهي جڏهن ته ملڪ جي حقيقي طاقت جمهوري تسلسل، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي مينڊيٽ جي احترام ۾ سمايل آهي هن پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته اسين هر قيمت تي آئين، جمهوريت ۽ عوام جي حڪمرانيءَ واري حق جو دفاع ڪندا رهنداسين ۽ ملڪ ۾ جمهوريت ۽ قومي سالميت خلاف هر سازش کي عوامي طاقت سان ناڪام بڻايو ويندو هن چيو ته ڪاري ڏينهن جي موقعي تي اسين اهو عزم ورجايون ٿا ته جمهوريت خلاف ڪنهن به غير آئيني قدم جي حمايت نه ڪنداسين. وڏي وزير سنڌ پيغام جي پڄاڻيءَ ۾ شهيد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي جدوجهد، قربانين ۽ جمهوري خدمتن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته سندن فڪر نظريو ۽ جدوجهد ايندڙ نسلن لاءِ هميشه رهنمائي جو سرچشمو رهندا.

بقايا 3 روزاني عبرت

جي سفير خليل هاشمي ڪاشغر ۾ اين ايل سي جي لاجسٽڪس مرڪز جو دورو ڪيو ان موقعي تي کيس اين ايل سي جي سرحد پار لاجسٽڪس سرگرمين ۽ سهولتن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي تفصيل موجب ڪاشغر ۽ تاشڪرگن ۾ اين ايل سي جي قائم ڪيل سهولتون پاڪ چين واپار لاءِ اهم حيثيت رکن ٿيون اين ايل سي جي مرڪز چين وچ ايشيائي ملڪن قازقستان ڪرغزستان تاجڪستان ازبڪستان ۽ عالمي مارڪيٽن تائين سامان جي بنا رڪاوٽ رسد ۾ مدد گار آهن سي پيڪ جي ڪاميابي ۾ اين ايل سي جو موثر ۽ اهم ڪردار جاري آهي. ان موقعي تي چين ۾ پاڪستان جي سفير خليل هاشمي چيو ته پاڪ چين واپار ۽ رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ اين ايل سي جو ڪردار تعريف جوڳو آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

ٽيليڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته اتفاق راءِ سان قانونسازي ڪئي پئي وڃي، ٽيليڪام بل جو هرگز اهو مطلب ناهي ته ڪنهن جي ذاتي زمين تي قبضو ڪيو وڃي، اسان پاڻ خلاف لڳايل مالي الزامن تي قانوني ڪارروائي جو پورو حق رکون ٿا. اهڙو اظهار هن آچر ڏينهن قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته ٽيليڪام بل تي عوام ۽ پارليامينٽ کي آگاهه ڪرڻ انتهائي ضروري هو ٽيليڪام جو پراڻو قانون موجوده دور جي ضرورتن موجب هڪجهڙائي نه رکندو هو بل جو مقصد وزيراعظم جي ويزن موجب انٽرنيٽ جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي هن چيو ته آءِ ٽي جي وزير طور منهنجي اها ذميواري آهي ته تيز ترين انٽرنيٽ جي فراهمي کي ممڪن بڻايو وڃي هن چيو ته آءِ ٽي بل 6 مهينن تائين قومي اسيمبلي ۾ پيل رهيو بل کي سينيٽ مان ڪميٽي ڏانهن موڪلڻ کان روڪيو ويو جيڪو جمهوريت جو حسن آهي شزه فاطمه خواجه چيو ته بل جو هرگز اهو مطلب ناهي ته ڪنهن جي پرائيويٽ لينڊ (ذاتي زمين) تي قبضو ڪيو ويندو بل کي ڪٿي مون ۽ آءِ ٽي سيڪريٽري خلاف بنا سبب ميڊيا ۾ واويلا مچائي وئي وزيراعظم کي چيو ته بل جي حوالي سان لڳايل الزامن جي جاچ ڪرائي وڃي هن چيو ته اسان دنيا جي سڀ کان وڏي اسپيڪٽرم نيلامي ڪئي اتفاق راءِ سان قانون سازي ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته مون تي ۽ آءِ ٽي واري سيڪريٽري تي بي بنياد مالي فائدا حاصل ڪرڻ جا الزام لڳايا ويا، اسان پاڻ خلاف لڳايل مالي الزامن تي قانوني ڪارروائي جو پورو حق رکون ٿا. ان موقعي تي ڳالهائيندي قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو ته ٽيليڪام بل کي ڪٺي ميڊيا ۾ بي سبب واويلا مچائي وئي اهو تاثر بلڪل غلط آهي ته بل ذريعي ڪنهن جي پرائيويٽ پراپرٽي تي قبضو ٿيڻ وڃي رهيو آهي هن چيو ته بل جي آڙ ۾ آءِ ٽي واري وزير ۽ سيڪريٽري تي مالي فائدن جو الزامن لڳايو ويو هن چيو ته وزيراعظم جي ويزن موجب سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ پهچائڻ آءِ ٽي واري وزارت جي ذميواري آهي. ڪميٽي کي ڪنهن کي نوازڻ جون شاهديون نه مليون قومي اسيمبلي مان بل 6 ترميمن سان منظور ٿيو اعظم نذير تارڙ چيو ته ملڪ جون عورتون ۽ نوجوان گهر ويٺي فري لانسنگ ذريعي ڪمائي رهيا آهن هي بل بنيادي طور تي ان هائوسنگ سوسائٽيز جي حوالي سان هو جيڪي معاهدو ڪري ڦري وڃن ٿا، شهرين جي ذاتي زمينن مان فائبر گذارڻ لاءِ مالڪن جي اجازت لازمي هوندي آهي هن چيو ته جيڪڏهن ڪو شهري انٽرنيٽ لاءِ پنهنجي ذاتي پراپرٽي ڏيڻ نٿو چاهي ته اهو ان جو قانوني حق آهي اسان اهو بلڪل واضح ڪري رهيا آهيون ته هن بل سان ڪنهن جي ذاتي ملڪيت زبردستي متاثر نه ٿيندي

بقايا 5 روزاني عبرت

ڊالرن کان وڌي وڃڻ سان ئي اڏام پاڪستان جو معاشي نظم و ضبط هاڻي حقيقت جو روپ اختيار ڪري رهيو آهي پاڪستان ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو ڪمزور رياست ناهي پر پنهنجي پيرن تي بيٺل هڪ مضبوط ملڪ آهي آچر تي وزارت پاران جاري بيان موجب هن اورلينڊو ۾ 49 هين (اپنا) ساليانو ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته اڏام پاڪستان ذريعي اسان پنهنجي سوچ کي بنيادي طور تبديل ڪري رهيا آهيون تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آبادي ۽ انساني وسيلا اسان جي رٿابندي ۾ ڪا معمولي حاشيو ناهي پر اسان جي معاشي ترقي جو پهريون باب بڻجي چڪا آهن هن چيو ته اسان فائيو ايز جي بنياد تي 2047ع تائين 3 ٽريلين ڊالرن تائين معيشت جو هدف ڪٺي هلي رهيا آهيون مهانگائي جي شرح 3.5 سيڪڙو تائين لهڻ پرڏيهه مان پورهيتن پاران موڪليل 31 ارب ڊالرن کان وڌي وڃڻ سان گڏ اڏام پاڪستان جو معاشي نظم و ضبط هاڻي حقيقت جو روپ اختيار ڪري رهيو آهي هن چيو ته هڪ طرف هو سنجيده سفارتڪاري جنهن واشنگٽن ۽ تهران کي هڪ ميز تي ويهاريو ۽ ٻئي پاسي حق جي ويڙهه دوران بدترين حالتن ۾ به پنهنجي سرحدن جي محفوظ دفاع سان پاڪستان ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو ڪا ڪمزور رياست ناهي پر پنهنجي پيرن تي بيٺل هڪ مضبوط ملڪ آهي ياد رهي ته حقيقي استحڪام صرف سرحدن تي نه کٽي سگهجي هي اسان جي ڪلينڪس اسان جي ڊيٽا سسٽمز ۽ اسان جي معاشي منصوبه بندي سان فتح ڪيو ويندو آهي اڳتي جو رستو آسان ناهي ۽ هاڻي سمورو دارو مدار صرف ان منصوبي تي عملدرآمد تي آهي هن چيو ته پنهنجي (اپنا) جي ڪميونٽي کي هڪ سادو پيغام ڏنو آهي ته هاڻي پاڪستان تي صرف يقين نه رکو پر ان کي ٺاهڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏيو پنهنجي مهارت، پنهنجي سسٽمز ۽ پنهنجو ويزن واپس وطن کڻي اچو هاڻي مستقبل ئي اسان جو ايندڙ مشن آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

سامونڊي فوج هلندڙ مهيني اوير چين جي صوبي شينڊونگ جي سامونڊي شهر چنگ ڊا ويجهو سامونڊي ۽ هوائي حدن ۾ جوائنٽ سي 2026ع جي نالي سان گڏيل سامونڊي مشقون ڪنديون پرڏيهي ميڊيا موجب چين جي دفاع واري وزارت آچر تي جاري بيان ۾ ٻڌايو ته گڏيل مشقن جي پڄاڻي تي ٻنهي ملڪن جي سامونڊي فوج جا ڪجهه جڻا سائي سمنڊ جي لاڳاپيل علائقن ۾ گڏيل سامونڊي گشت به ڪندا. دفاع واري وزارت موجب اهي مشقون ٻنهي ملڪن جي هٿياربند فوج وچ ۾ ساليانو تعاون جي منصوبي جو حصو آهن جن جو مقصد گڏيل طور تي سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

الشرع آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ آمريڪي عوام کي آمريڪا جي آزادي جي 250هين سالگرهه جي موقعي تي مبارڪون ڏيندي گڏيل احترام ۽ تعاون تي ٻڌل لاڳاپا قائم ڪرڻ جي خواهش تي زور ڀريو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب احمد الشرع سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي آفيشل اڪائونٽ ذريعي هڪ پوسٽ ۾ چيو ته نئين شام گڏيل احترام ۽ نتيجا ڏيندڙ تعاون تي ٻڌل لاڳاپا قائم ڪرڻ جي خواهشمند آهي ته جيئن اسان ٻنهي جي عوام جي امنگن جي خدمت ڪندڙ ۽ خطي ۽ دنيا جي سلامتي ۽ امن ۾ ڪردار ادا ڪندڙ استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي وٺائي سگهجي رپورٽ مطابق اهو پيغام ان وقت سامهون آيو جڏهن شام ۾ ٿيندڙ سياسي تبديلين کان پوءِ دمشق ۽ واشنگٽن وچ ۾ لاڳاپن ۾ آهستي آهستي سفارتي اڳڀرائي ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي جنهن تحت ٻنهي طرفن وچ ۾ رابطن جا ذريعا کولڻ ۽ گڏيل دلچسپي ۽ علائقائي عالمي معاملن تي بحث ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن

بقايا 8 روزاني عبرت

صدر نثار احمد کهڙو 5 جولائي1977ع جي ضياءالحق جي آمراڻي قدم کي تاريخ جو ڪارو ڏينهن قرار ڏيندي چيو آهي ته جمهوريت جو قتل ڪري عوام جي اميدن جو قتل ڪيو ويو. آچر ڏينهن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته ماضي ۾ ملڪ ۾ مارشل لائون مڙهي ملڪ کي تجربي گاهه بڻايو ويو پر جمهوريت کان سواءِ عوام ٻئي ڪنهن به طريقي کي قبول نه ڪندو ۽ ملڪ ڪنهن به غير آئيني قدم جو متحمل نه ٿو ٿي سگهي. هن چيو ته آئين جي اصل حالت ۾ بحالي باوجود ملڪ ۾ ڪمزور جمهوريت آهي ڇاڪاڻ ته ماضي جي غير آئيني قدمن سبب مضبوط ٽريڪ تي هلائڻ لاءِ تسلسل گهرجي جنهن لاءِ پيپلز پارٽي پهريان وانگر هاڻي به پنهنجو جمهوري ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي ته پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت ۾ شامل نه هجڻ باوجود ن ليگ جي وفاقي حڪومت جي بهتر ڪمن جي حمايت ڪري رهي آهي ته جيئن جمهوري حڪومت جو تسلسل قائم رهيءَ جمهوريت مضبوط ٿئي ان ڪري سمورن مسئلن جو حل جمهوريت جي تسلسل پارليامينٽ ۽ آئين جي بالادستي ۾ آهي.

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪميٽي جي 5 جولاءِ واري هڙتال جي سڏ کي رد ڪري ڇڏيو آهي تفصيل موجب آزاد جمون ڪشمير ۾ زندگي معمول تي آهي ۽ شهرين هڙتال کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي آزاد جمون ڪشمير جي شهرين چيو آهي ته اهو سڏ ڪالعدم ايڪشن ڪميٽي جي پرتشدد ڪارروائين ۽ ڏڦيڙ پکيڙڻ جي هڪ ناپاڪ ڪوشش آهي عوام ڪوڙن افواهن تي ڌيان نه ڏئي ۽ پنهنجو ڪاروبار معمول موجب هلائي رياست ۾ سمورا ڪاروباري مرڪز سرڪاري ۽ نجي آفيسون ۽ بازارون معمول موجب کليل رهيون عوام واضح ڪري ڇڏيو آهي ته هو انتشار ۽ گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊه جو حصو بڻجڻ بدران امن استحڪام ۽ ترقي جي سان گڏ بيٺل آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

تصديق ٿيل ڪيس سامهون اچي چڪا آهن جڏهن ته فوت ٿي ويلن جو تعداد وڌي 492 ٿي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ڊي آرڪانگو جي صحت کاتي پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب هن وقت تائين 239 مريض صحتياب ٿي چڪا آهن جڏهن ته 628 تصديق ٿيل مريض هن وقت آئيسوليشن يا اسپتالن ۾ علاج هيٺ آهن ان کان علاوه 185 شڪي ڪيسن جي به نشاندهي ڪئي وئي آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هفتيوار بنياد تي تصديق ٿيل ڪيسن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي ۽ 2 هفتن دوران 300 کان وڌيڪ ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا جيڪو اڃا تائين بلند ترين تعداد آهي اها صورتحال ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته وائرس جي مقامي سطح تي منتقلي بدستور جاري آهي ٻئي پاسي صحت واري عالمي اداري ٻڌايو ته ڊي آر ڪانگو ۾ هڪ ڪلينيڪل آزمائش جي شروعات ڪئي وئي آهي جنهن ۾ بنڊي بگيو وائرس سبب پيدا ٿيل ايبولا جي امڪاني علاج جو جائزو ورتو پيو وڃي ان وائرس خلاف في الحال نه ڪا منظور ٿيل ويڪسين موجود آهي ۽ نه ئي ڪو مخصوص علاج دستياب آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

کي گرفتار ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سعودي اختيارين هڪ هفتي دوران اقامه ليبر ۽ بارڊر سيڪيورٽي جون وڌيڪ 15 هزار 591 ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون جڏهن ته 12 هزار 292 غيرقانوني پناهگيرن کي سندن ملڪ واپس موڪليو ويو ميڊيا موجب 25 جون کان پهرين جولاءِ 2026ع تائين جي وچ ۾ مجموعي طور تي 7 هزار 759 ماڻهن کي اقامه قانون 4 هزار 488 کي غيرقانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 3 هزار 344 کي پورهئي واري قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي گرفتار ڪيو ويو غيرقانوني طور سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 629 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو انهن ۾ 53 سيڪڙو ايٿوپين 46 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکندڙ آهن ان کان علاوه 58 اهڙن ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب مان پاڙيسري ملڪن ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جڏهن ته روزگار رهائش ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 17 ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

شير خان شهيد کي سندس يوم شهادت تي شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو آهي آچر ڏينهن گهرو وزارت پاران جاري بيان ۾ محسن نقوي چيو ته قوم جي عظيم بهادر پٽ کي قوم جو سلام آهي ڪارگل جا جبل ڪرنل شير خان شهيد جي بهادري جا گواهه آهن ڪيپٽن ڪرنل شير خان ڪارگل ويڙهه ۾ دشمن تي دهشت طاري ڪري ڇڏي محسن نقوي چيو ته دشمن جو ڀرپور مقابلو ڪندڙ قوم جو دلير سپاهي اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جرئت سان وڙهندي دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جوانمردي ۽ شجاعت جي تاريخ رقم ڪئي آهي هن چيو ته ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جهڙن بهادر جوانن جي هوندي دشمن وطن عزيز ڏانهن ميري اک سان نهاري نٿو سگهي

بقايا 13 روزاني عبرت

ايسوسيئيشن آف پاڪستان جي صدر ايم بي سومرو جي سس جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي آچر تي سينيٽ سيڪريٽريٽ پاران جاري بيان موجب سينيٽ چيئرمين ايم بي سومرو ۽ سندس خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ هو ڏکويل خاندان سان غم ۾ برابر جو شريڪ آهي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام ۽ سندس ڪامل مغفرت فرمائي، جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام نصيب ڪري ۽ سوڳوار خاندان کي اهو ناقابل برداشت صدمو سهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪرنل شير خان شهيد (نشان حيدر) جي 27هين ورسي جي موقعي تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد ڪارگل جي محاذ تي بي مثال جرئت ۽ عزم سان وطن عزيز جو دفاع ڪندي شهادت ماڻي آچر تي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پاران جاري بيان موجب اسپيڪر چيو ته قوم ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي لازوال قرباني کي هميشه ياد رکندي هن چيو ته ڪارگل جي محاذ تي ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي جرئت ۽ بهادري ملڪي تاريخ جو روشن باب آهي ۽ پوري قوم کي پنهنجي ان عظيم هيرو جي قرباني تي فخر آهي اسپيڪر چيو ته ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي عظيم قرباني نوجوان نسل لاءِ حب الوطني جو روشن مثال آهي هن چيو ته پاڪ فوج جي جوانن ۽ آفيسرن وطن جي دفاع لاءِ هميشه لازوال قربانيون پيش ڪيون آهن هن چيو ته پاڪستاني قوم هميشه پنهنجي هٿياربند فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن سان ڪلهي ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي اسپيڪر چيو ته حق جي ويڙهه ۾ تاريخي فتح تي پوري قوم الله تعاليٰ جي شڪر گذار آهي هن چيو ته حق جي ويڙهه هٿياربند فوج جي جرئت، پيشيوارانه صلاحيتن ۽ قوم جي اتحاد ۽ ايمان جو مظهر آهي ان موقعي تي اسپيڪر اياز صادق ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي درجن جي بلندي لاءِ دعا پڻ ڪئي.

بقايا 15 روزاني عبرت

1977ع پاڪستان جي سياسي ۽ جمهوري تاريخ جو هڪ المناڪ باب آهي جڏهن عوام جي ووٽن سان چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ مارشلا لاڳو ڪيو ويو هن چيو ته اهو ڏينهن قوم کي جمهوريت تي حملي آئين جي پامالي ۽ عوامي مينڊيٽ جي بي حرمتيءَ جي ياد ڏياري ٿو صوبائي وزير چيو ته يوم سياهه ان حقيقت جي ياد ڏياري ٿو ته جمهوريت ئي عوامي مسئلن جي حل قومي ترقي آئين جي بالادستي قانون جي حڪمراني ۽ رياستي استحڪام جي ضامن آهي هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ گواهه آهي ته غير جمهوري قدمن هميشه ملڪ جي سياسي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ کي نقصان رسايو جمهوري ادارن کي ڪمزور ڪيو ۽ قومي ٻڌيءَ کي نقصان رسايو سيد رياض حسين شاهه شيرازيءَ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي سياسي شعور آئيني حقن ۽ بااختيار بڻائڻ جو بنياد وڌو هن پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي جمهوريت، آئين ۽ عوامي حق حڪمرانيءَ جي اصولن جي حفاظت ڪئي هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جون عوام دوست پاليسيون اڄ به پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ روشن باب آهن ۽ سندس ويزن عوامي خدمت ۽ قومي ترقيءَ جي علامت آهي هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو آمريت خلاف تاريخي ۽ بي مثال جدوجهد ڪئي، جمهوريت جي بحالي آئين جي سربلندي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون هن چيو ته اڄ پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي قيادت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جمهوري مشن کي اڳتي وڌائي رهيو آهي صوبائي وزير چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام جي طاقت، پارليامينٽ جي بالادستي، وفاق جي مضبوطي، آئين جي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جي فروغ کي پنهنجي سياست جو بنيادي اصول بڻايو آهي هن چيو ته قومي ترقي، سياسي استحڪام ۽ عوامي خوشحاليءَ جو واحد رستو مضبوط جمهوري نظام شفاف طرز حڪمراني ۽ آئين تي مڪمل عمل ڪرائڻ آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

کان وڏي رڪاوٽ آهي قرآن و سنت جو نظام ئي اسان جي مونئي مسئلن جو حل آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن گڏاپ سٽي ۾ قائم جماعت اسلامي جي مرڪز ۾ ڪوٺايل ميمبرز ڪنوينشن کي صدارتي خطاب دوران ڪيو هن وڌيڪ چيو ته گڏاپ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن سميت سنڌي وسندين کي ڏسي نٿو لڳي ته هي به ڪراچيءَ جو حصو آهن جيتوڻيڪ پيپلزپارٽيءَ گذريل 18سالن کان سنڌ تي حڪمراني ڪري پئي پر اڄ جي جديد دور ۾ پڻ هتان جو عوام پاڻي تعليم ۽ صحت جي سهولتن کان محروم آهي بس ڪاغذن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ٺيڪ ڏيکاريو پيو وڃي گيس پيٽرول تيل ڪوئلي سميت قدرتي وسيلن باوجود سنڌ جو عوام غربت ۽ محروميءَ جي تصوير بڻيل آهي هن چيو ته سنڌ ۾ 45فيصد ٻار تعليم جي زيور کان محروم آهن سسٽم جي حڪومت ۾ ڌاڙيل راڄ منشيات عام زراعت ۽ امن تباهه آهي ڪراچي جيڪو روشنين جي شهر طور مشهور هو قيادت جي نااهلي ۽ ڦرمار جي ڪري اڄ انڌيرن جو راڄ ٽٽل روڊ رستا تباهه آهن ملڪ جو وڏو شهر ۽ سنڌ جي گادي واري هنڌ جو عوام به پاڻي بجلي ۽ گيس بحرانن جو شڪار آهي جماعت اسلامي ان ظلم ۽ ڀوتارڪي نظام خلاف جاکوڙي رهي آهي جيڪا ڪرپشن تعصب کان پاڪ سياست کي عبادت ۽ امانت ديانت سان عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ان کان اڳ ۾ حاڪو بروهي ڳوٺ جي معززن شعيب بروهي رمضان بروهي ڳوٺ جمائي جي عبدالله خاصخيلي ۽ ڳوٺ حسن بلوچ مان عثمان بلوچ باقاعده جماعت اسلامي ۾ شموليت اختيار ڪئي جن کي سنڌ جي امير جماعت جو جهنڊو پارائي ڀلي ڪار ڪيو سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جو گڏاپ پهچڻ تي استقبال ۽ مقامي اڳواڻ سومارخان برفت سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپي جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي ضلع گڏاپ جو امير عرفان احمد، جنرل سيڪريٽري ابوالخير ملڪ سنڌ جو سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا ۽ ٻيا مقامي اڳواڻ ثناء الله بروهي،شفيع جوکيو،غلام رسول ڪاش پڻ موجود هئا.

بقايا 17 روزاني عبرت

شائسته ۽ چار ڌيئرون 11 سالن جي لائبه 13 سالن جي صائمه 16 سالن جي دعا ۽ 17 سالن جي مسڪان طور ٿي آهي سمورن زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو متاثر خاندان رڪشا ۾ سوار هئا، جڏهن ته پوليس حادثي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته حادثو رڪشا جي ٽريلر سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيو

بقايا 18 روزاني عبرت

شهادت تي پوري قوم کيس خراج عقيدت پيش ڪري ٿي آچر تي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي بي مثال جرئت، پختي عزم ۽ مادر وطن سان لازوال محبت اسان جي عسڪري تاريخ جو هڪ روشن ۽ فخر جوڳو باب آهي هن انتهائي ڏکين حالتن ۾ دشمن جو بهادري سان مقابلو ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو ۽ ثابت ڪيو ته وطن جي حفاظت کان وڌيڪ ڪو به فرض ناهي

بقايا 19 روزاني عبرت

تي بروڪلن پل تي باهه لڳڻ کان پوءِ باهه وسائڻ لاءِ فوري طور تي به فائر برگيڊ گاڏيون موڪليون ويون جڏهن ته واقعي ۾ ڪنهن جي به زخمي ٿيڻ جي اطلاع ناهي اختيارين موجب باهه لڳڻ وقت بروڪلن پل آتشبازي جي تقريب جي ڪري ٽريفڪ لاءِ بند هو ۽ گاڏين کي اندر وڃڻ جي اجازت نه هئي فائر ڊپارٽمينٽ جي ترجمان چيو ته وڏي پيماني تي آتشبازي جي مظاهرن دوران اهڙا واقعا غير معمولي نه آهن جڏهن ته حفاظتي قدمن جي حصي طور تماشائين کي محفوظ فاصلي تي رکيو ويندو آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

چاهي ها ته پنهنجي جان بچائي سگهي پيو پر هن اصولن تان سوديبازي ڪرڻ بدران پنهنجي جان قربان ڪري آمريت کي دنيا آڏو ذليل ۽ رسوا ڪيو هن چيو ته شهيد ڀٽو 1971ع ڪانپوءِ شڪست کاڌل قوم کي ڪجهه ئي سالن ۾ ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهاريو جڏهن ته 5 جولاءِ 1977ع پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو ترين ڏينهن آهي جنهن جا اثر ملڪ اڄ تائين ڀوڳي رهيو آهي هو آچر ڏينهن پيپلز سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي اوير طرفان 5 جولاءِ 1977ع جي يوم سياهه جي حوالي سان ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو تقريب کي پيپلز پارٽي ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري رؤف احمد ناگوري، انفارميشن سيڪريٽري ۽ قومي اسيمبلي ميمبر شرميلا فاروقي، ضلعي اوير جي صدر اقبال ساند، قومي اسيمبلي ميمبر اسد عالم نيازي، حبيب جنيدي، فرحان غني ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو تقريب ۾ ضلعي اوير جي تنظيم مختلف پي ايس ۽ يو سيز جي عهديدارن چونڊيل بلدياتي نمائندن ۽ وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. سعيد غني پنهنجي خطاب ۾ چيو ته 5 جولاءِ 1977ع واري واقعي کي اڄ 49 سال گذري چڪا آهن پر ان جا اثر اڄ تائين پاڪستان جي سياست ۽ معاشري تي موجود آهن هن چيو ته 1971ع ۾ ملڪ ٽٽي وڃڻ ۽ 90 هزار پاڪستاني فوجين جي قيد ٿيڻ ڪانپوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي سياسي بصيرت سان ملڪ کي ٻيهر سنڀاليو ۽ قوم جو اعتماد بحال ڪيو هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ 16 ڊسمبر ۽ 5 جولاءِ به اهڙا ڏينهن آهن جيڪي قوم لاءِ سياهه ڏينهن جي حيثيت رکن ٿا. سندس چوڻ هو ته 5 جولاءِ 1977ع کان اڳ ملڪ ۾ سياستدانن جو وقار پارليامينٽ جو معيار ۽ نظرياتي سياست جو ماحول بلڪل مختلف هو پر مارشل لا ڪانپوءِ سياسي ماحول جمهوري روايتن ۽ اصل سياسي قيادت کي سخت نقصان پهتو سعيد غني چيو ته 5 جولاءِ جا نقصان رڳو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي تائين محدود نه رهيا، پر ان سان گڏ اصل نظرياتي سياستدانن جو ڪردار به ختم ڪيو ويو ۽ سياست جو معيار تبديل ٿي ويو هن چيو ته اڄ جي نسل کي نظرياتي سياست بابت گهٽي ڄاڻ ئي ناهي ڇو ته ان دور ۾ سياسي سوچ کي منظم طريقي سان ڪمزور ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي خوشقسمت آهي جو ان جي قيادت وٽ واضح سياسي ويزن موجود آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪنهن هڪ جماعت يا اداري جي طاقت سان سياست ڪري نه پر عوام جي طاقت سان سياست ڪري رهيو آهي هن چيو ته ملڪ جا مسئلا ڪنهن هڪ جماعت جي وس کان ٻاهر آهن جڏهن ته 5 جولاءِ ڪانپوءِ سماجي ۽ سياسي قدرن کي جيڪو نقصان پهتو ان جا اثر اڄ به محسوس ڪيا وڃن ٿا. صوبائي وزير چيو ته آمريت واري دور ۾ اخبارن تي سخت سينسرشپ هوندي هئي ۽ ڪيترائي ڀيرا اخبارن جا صفحا خالي ڇپيا هئا هن چيو ته شهيد ڀٽو سميت پاڪستان پيپلز پارٽي جي سوين ڪارڪنن کي ڦاسيون ڏنيون ويون ڪوڙا هنيا ويا، جيلن ۾ وڌو ويو پر پارٽي پنهنجي جدوجهد جاري رکي سعيد غني چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي تي جيڪي ظلم ۽ زيادتيون ٿيون اهڙو مثال ملڪ جي ڪنهن ٻي سياسي جماعت سان نٿو ملي. هن دعا ڪئي ته ملڪ تي آمريت جي سوچ جا باقي بچيل اثر ختم ٿين لساني ۽ مذهبي نفرتن جو خاتمو ٿئي سياست ٻيهر نظرين جي بنياد تي هلي ۽ شاگرد يونين تان پابندي ختم ڪري نوجوانن کي جمهوري عمل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي جان ڏئي ثابت ڪيو ته دنيا ۾ اڄ به اهڙا اڳواڻ موجود هوندا آهن جيڪي اصولن ۽ جمهوريت خاطر هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هوندا آهن تقريب کي خطاب ڪندي پيپلز پارٽي ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري رؤف احمد ناگوري چيو ته 5 جولاءِ 1977ع ڪانپوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ جون هر ممڪن ڪوششون ڪيون ويون. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ڪيو ويو پوءِ محترمه بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو ۽ آصف علي زرداري کي سالن تائين جيلن ۾ رکيو ويو پر سندن خلاف ڪو به ڏوهه ثابت نه ٿي سگهيو هن چيو ته آمريت سمجهندي هئي ته پيپلز پارٽي ختم ٿي ويندي، پر پارٽي هر ظلم برداشت ڪري وڌيڪ مضبوط ٿي نڪتي.

بقايا 21 روزاني عبرت

جمهوري تسلسل کي سخت نقصان رسايو اهو ڏينهن ان ڳالهه جي ياد ڏياري ٿو ته جڏهن به غير آئيني قدمن ذريعي عوام جي فيصلي کي نظرانداز ڪيو ويو ان جا اثر رياستي ادارن قومي ٻڌيءَ ۽ جمهوري ارتقا تي پيا هن پنهنجي پيغام ۾ چيو ته مضبوط ۽ مستحڪم پاڪستان جو بنياد صرف آئين جي بالادستي قانون جي حڪمراني ۽ عوام جي حق حڪمراني جي احترام تي ئي رکي سگهجي ٿو تاريخ ان حقيقت جي گواهه آهي ته جمهوري نظام ئي قومي استحڪام سياسي برداشت ۽ پائيدار ترقيءَ جي ضمانت فراهم ڪندو آهي. سيده تحسين عابديءَ چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جمهوريت، آئين، انساني حقن ۽ عوامي حاڪميت جي تحفظ لاءِ عظيم قربانيون ڏنيون هن جي جدوجهد پاڪستان ۾ جمهوري شعور کي نئين طاقت بخشي ۽ عوام کي پنهنجي آئيني حقن لاءِ ثابت قدم رهڻ جو حوصلو ڏنو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هر دور ۾ آئين جي سربلندي، وفاق جي استحڪام جمهوري قدرن جي فروغ، اقليتن سميت سمورن شهرين جي برابري وارن حقن ۽ عوامي خدمت کي پنهنجي سياسي جدوجهد جو محور بڻايو آهي. پارٽي قيادت ۽ ڪارڪنن جون لازوال قربانيون ان عزم جي عڪاسي ڪن ٿيون ته عوام جي حق حڪمراني تي ڪڏهن به سودي بازي نٿي ڪري سگهجي سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي ترقي پسند ويزن ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي مدبرانه قيادت ۾ سنڌ حڪومت آئيني بالادستي بين المذاهب هم آهنگي (مذهبي رواداري)، سماجي انصاف، اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ اڳرائين قدمن تي عمل ڪري رهي آهي هن ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان جو روشن مستقبل صرف ان صورت ۾ ئي ممڪن آهي جڏهن آئين جو احترام جمهوري ادارن جو استحڪام قانون جي حڪمراني ۽ هر شهريءَ جي برابري وارن حقن کي هر حال ۾ يقيني بڻايو وڃي اهو ئي اهو رستو آهي جيڪو ملڪ کي امن ترقي خوشحالي ۽ قومي ٻڌيءَ جي منزل تائين پهچائي سگهي ٿو

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن جڏهن ته ڊي آءِ جي ايس ايس پي ملير ۽ سموري پوليس ٽيم مبارڪباد ۽ شاباسي جي مستحق آهي هن چيو ته شاهه لطيف ٽائون ۾ خطرناڪ ڏوهارين جي خاتمي ۽ قائدآباد ۾ گٽڪا مافيا خلاف ڪامياب ڪارروائي ملير پوليس جي اعليٰ پيشاورانه صلاحيتن جو واضح ثبوت آهي ضياءَ الحسن لنجار هدايت ڪئي ته ڏوهاري عنصرن ۽ سماجي برائين خلاف بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروايون هر حال ۾ جاري رکيون وڃن هن چيو ته فرار ٿيل جوابدار کي فوري طور گرفتار ڪري سندس سهولتڪارن کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي گهرو وزير هدايت ڪئي ته فائرنگ دوران زخمي ٿيندڙ پوليس اهلڪارن کي بهترين علاج جون سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن چيو ته ڏوهن خلاف محاذ تي وڙهندڙ پوليس جا جوان سڄي قوم جو فخر آهن ۽ سندن قربانيون هرگز ضايع نه وڃڻ ڏنيون وينديون. ضياءَ الحسن لنجار چيو ته گٽڪا ۽ ماوا جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث نيٽ ورڪن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به عنصر سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي ملير ۽ سندس ٽيم ڏوهاري عنصرن خلاف موثر حڪمت عملي اختيار ڪري شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته صوبي ۾ امن امان جي قيام لاءِ ڏوهاري عنصرن اسٽريٽ ڪرمنلز منشيات فروشن ۽ گٽڪا مافيا خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت سخت ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 23 روزاني عبرت

هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي جانورن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن گڏيل ڪارروائي ڪندي شينهن کي انتهائي خراب حالت ۾ اتان ڪڍي هنگامي بنيادن تي علاج لاءِ منتقل ڪيو اينمل رائٽس ايڪٽوسٽ جوڊ ايلن موجب بيمار شينهن جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد معاملو سامهون آيو جنهن ڪانپوءِ جانورن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن ۽ لاڳاپيل ادارن قدم کنيا هن چيو ته نجي چڙيا گهر ۾ موجود ٻين جانورن کي به محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن جوڊ ايلن ٻڌايو ته سنڌ وائلڊ لائيف کاتي جي اجازت سان شينهن کي ميمڻ ڳوٺ ۾ قائم هڪ نجي سينڪچري منتقل ڪيو ويو جتي کيس مناسب علاج خوراڪ ۽ سنڀال فراهم ڪئي ويندي، سندس چوڻ هو ته عوامي دٻاءُ وڌڻ بعد شينهن کي ڪجهه وقت لاءِ لڪايو ويو هو پر گڏيل ڪوششن سان ان جو پتو لڳائي کيس محفوظ طريقي سان ريسڪيو ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته امڪان آهي ته غير تربيت يافته عملي شينهن جي ڏَم سان تشدد ڪيس جنهن سبب هو زخمي ٿيو ۽ سندس صحت وڌيڪ خراب ٿي وئي هن واقعي جي مڪمل جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت يا ظلم ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي جوڊ ايلن چيو ته شينهن هاڻي محفوظ ماحول ۾ بغير ڪنهن خوف جي زندگي گذاري سگهندو جڏهن ته جانورن سان ظلم ۽ بدسلوڪي جي روڪٿام لاءِ سخت نگراني ۽ قانونن تي مؤثر عملدرآمد جي ضرورت آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

جي سڏ تي پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل نياڻين جي بازيابي عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ انساني حقن جي ڪارڪنن سماجي اڳواڻن عورتن شاگردن اقليتي برادري جي نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا، جن تي پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل نياڻين کي فوري طور بازياب ڪرائڻ تعليمي ادارن ۾ ذهني دٻاءُ سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين جي خودڪشين جي روڪٿام ڪاروڪاري جي نالي تي بيگناهه نياڻين جي قتل خلاف سخت قانوني ڪارروائي ۽ عورتن توڙي ٻارن جي تحفظ بابت نعرا درج هئا. مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پريا ڪماري سميت ملڪ جي مختلف علائقن مان اغوا ٿيل سينڪڙين نياڻين کي بنا دير بازياب ڪرايو وڃي ۽ اهڙن ڏکوئيندڙ واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري کين قانون موجب سخت کان سخت سزا ڏني وڃي جيئن مستقبل ۾ ڪو به اهڙو ڏوهه ڪرڻ جي جرئت نه ڪري. هنن چيو ته تعليمي ادارن ۾ وڌندڙ ذهني دٻاءُ ۽ هراسانين سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران خودڪشيون انتهائي ڳڻتي جوڳيون آهن. جڏهن ته ڪاروڪاري جهڙين غيرانساني رسمن جي نالي تي بيگناهه نياڻين جو قتل سماج لاءِ وڏو الميو آهي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي ته اهڙن واقعن جي مڪمل جاچ ڪري ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي متاثر خاندانن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن زور ڀريو ته حڪومت قانون جي مڪمل بالادستي يقيني بڻائي عورتن ٻارن ۽ اقليتن جي جان عزت ۽ بنيادي حقن جو تحفظ ڪري ۽ اغوا تشدد، غيرت جي نالي تي قتل ۽ ٻين سنگين ڏوهن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا ۽ عملي قدم کڻي مقررن وڌيڪ چيو ته حڪمران عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، قانون جي عملداري ۽ انساني حقن جي حفاظت ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي آئيني ذميوارين کي نڀائڻ ۾ سنجيدگي نه ڏيکاري ته اهڙا احتجاج جاري رهندا ۽ عوام پنهنجو پرامن احتجاج هر فورم تي رڪارڊ ڪرائيندو

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪيس ۾ پوليس هڪ وڌيڪ جوابدار مقتول جي ٻئي پٽ جمشيد گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب هن کان اڳ مقتول اقبال جي پٽ اعجاز ۽ سندس دوست شيراز کي گرفتار ڪيو ويو هو جاچ دوران انڪشاف ٿيو ته اعجاز پنهنجي دوست شيراز کي آئي فون ۽ 15 هزار رپين جي لالچ ڏئي والد کي قتل ڪرائڻ جو منصوبو جوڙيو جوابدار شيراز 23 جون تي فائرنگ ڪري اقبال کي قتل ڪيو پوليس موجب اعجاز جو پنهنجي والد سان ملڪيت جي معاملي تي تڪرار هلندڙ هو پوليس قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار ۽ موٽر سائيڪل پڻ هٿ ڪري ورتي آهي جاچ دوران گرفتار ٿيل ٽئين جوابدار جمشيد اعتراف ڪيو آهي ته هن پنهنجي ڀاءُ اعجاز کي والد جي قتل جي اجازت ڏني هئي. پوليس موجب وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

ويو مسجدن ۾ شهيدن جي درجن جي بلندي، مغفرت ۽ وطن عزيز جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعائن جو بندوبست ڪيو ويو ان موقعي تي عالم سڳورن چيو ته وطن عزيز جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيد پوري قوم جو سرمايو آهن شهيدن جون عظيم قربانيون قوم جون اجتماعي ذميواريون ۽ امانت آهن جن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي، شهيدن جي بي مثال قربانين وطن جي امن آزادي ۽ استحڪام کي مضبوط بنياد فراهم ڪيو باوقار قومون پنهنجي شهيدن جي قربانين کي هميشه عزت ۽ احترام سان ياد رکنديون آهن عالم سڳورن چيو ته جيڪي قومون پنهنجي شهيدن جي قربانين جو قدر ڪن ٿيون اهي عزت، اتحاد ۽ استحڪام جي راهه تي گامزن رهن ٿيون. ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جرئت، بهادري ۽ حب الوطني جو اهڙو مثال قائم ڪيو جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي. شهيدن جون لازوال قربانيون پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ قومي وقار جي مضبوط علامت آهن

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪيو آهي ته غزه ۾ جنگبندي ڪانپوءِ هتي اسرائيل جي ڪنٽرول هيٺ علائقن ۾ توسيع غزه جي رهواسين کي خطري ۾ وجهي رهي آهي ۽ امدادي سرگرمين کي وڌيڪ محدود ڪري رهي آهي گڏيل قومن ۽ اين جي او جي قيادت هيٺ ڪوآرڊينيشن باڊي چيو ته اسرائيلي فوجين انهن علائقن تائين پهچ تي پابنديون لاڳو ڪرڻ لاءِ خطرناڪ طاقت جو استعمال ڪيو آهي جن ۾ فضائي حملا ۽ فائرنگ شامل آهي 10 آڪٽوبر 2025ع ۽ اپريل 2026ع جي شروعات گڏيل قومن اسرائيلي فوجين جي مقرري وارن علائقن ۾ اسرائيلي حملن ۾ 18 عورتن ۽ 43 ٻارن سميت 196 فلسطينين جي فوتگين جي تصديق ڪئي ڪوآرڊينيشن باڊي طرفان جاري رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته غزه ۾ انساني همدردي جي بنياد تي امداد جي فراهمي اسرائيلي پابندين زندگي بچائڻ جي سرگرمين ۾ دير يا رڪجي وڃڻ سبب سخت رڪاوٽ بڻيل آهن ڪجهه امدادي تنظيمن کي انهن جي ڪارڪنن جي مارجڻ ڪانپوءِ پنهنجي سرگرمين کي گهٽ ڪرڻ يا معطل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا آچر ڏينهن مقامي ميڊيا جي رپورٽن جي حوالي سان ٻڌايو ته زمين هيٺ پاڻي جي سطح ۾ گهٽتائي آبادي ۾ تيزي سان اضافو ۽ موسمياتي تبديليون ڪابل جي آبي وسيلن تي دٻاءُ ۾ نمايان اضافو ڪيو آهي، جنهن سبب اهو شهر خطي جي انهن شهري علائقن ۾ شامل ٿي ويو آهي جيڪي پاڻي جي مسئلي سبب شديد متاثر آهن ان حوالي سان اختيارين جو چوڻ آهي ته پاڻي جي کوٽ تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪيترن ئي وڏن بنيادي ڍانچي جي منصوبن تي ڪم جاري آهي ڪابل کي سالن کان پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ درپيش آهي رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پاڻي جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ اختيارين طرفان هر ڪيل ڪوشش جي باوجود اهو مسئلو شهر جي وڌندڙ آبادي لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪنيس قوم کي ماضي مان سبق سکي جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوامي فيصلن جو هر قيمت تي تحفظ ڪرڻو پوندو پي پي پي ميڊيا سيل مان جاري بيان موجب سينيٽر شيري رحمان 5 جولاءِ 1977ع جي حوالي سان پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو خلاف ڪيل غيرقانوني قدمن ۽ عوام جي حقن خلاف جمهوريت ۽ مستقبل تي حملو هو شهيد محترمه بينظير ڀٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مشن کي هر حالت ۾ ثابت قدمي سان اڳيان وڌايو هن جيلون ڪٽيون ۽ آمريت جو ڄمي مقابلو ڪيو هن چيو ته قائد عوام جي جمهوري ويزن ۽ عوامي سياست کي دٻائڻ جي هر ڪوشش ناڪام ٿي ان جو نظريو اڄ به عوام جي رهنمائي ڪري رهيو آهي جمهوريت جي بحالي لاءِ ڪارڪنن قيد، تشدد ۽ سختيون برداشت ڪيون پر قائد عوام جي نظريي تان هٽ نه ڪئي 5 جولاءِ ملڪي تاريخ جو هڪ اهڙو ڪارو باب آهي جنهن آئين پارليامينٽ ۽ عوامي مينڊيٽ کي نقصان پهچايو شيري رحمان چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ جمهوريت لاءِ قربانيون ڏيندڙن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو آئين جو احترام يقيني بڻائڻ آهي هن چيو ته قوم کي ماضي مان سبق سکي آئين جي بالادستي ۽ عوامي فيصلن جو هر قيمت تي تحفظ ڪرڻو پوندو

بقايا 30 روزاني عبرت

آمريڪا ۾ هر ڪنهن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي آمريڪا سڄي دنيا لاءِ اميد جي هڪ ڪرڻ آهي ۽ اسان ڪڏهن به آمريڪا کي ناڪام ٿيڻ نه ڏينداسين هن وڌيڪ چيو "مون کي ٽئين مدي بابت ڳالهائڻ گهرجي، پر مان ائين نه ڪندس، ڇاڪاڻ ته مان ڪو تڪرار نٿو چاهيان اسان پنهنجي حڪومتي دور ۾ شاندار ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن وينزويلا کي ڏسو ايران کي ڏسو اسان ان کي تباهه ڪري ڇڏيو آمريڪا وٽ دنيا جي سڀ کان طاقتور فوج موجود آهي" هن چيو ته اسان جو ملڪ نه رڳو طاقتور پر ذميوار پڻ آهي اسان پنهنجي عوام جي آزادي کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيون ٿا ۽ دنيا کي به اسان جي عوام جي آزادي جو قدر ڪرڻ گهرجي

بقايا 31 روزاني عبرت

سائيڪل تان هڪ عورت کي لهندي ڏٺو جنهن جو هٿ موٽر سائيڪل سوار ڇڪي رهيو هو جنهن گروپ ڪيپٽن عاصم ذميوار شهري هئڻ ناتي موٽي واپس آيو ۽ موٽر سائيڪل ويجهو بيهڻو جنهن تي عورت ٻي گاڏي طرف ڊوڙي آئي اهڙي طرح مبينه جوابدار سعد گروپ ڪيپٽن عاصم سان بدڪلامي ڪئي ۽ ڪجهه ئي لمحن ۾ سندس مٿان فائر ڪيو فائرنگ جي نتيجي ۾ گروپ ڪيپٽن عاصم زخمن جي سٽ نه سگهندي شهيد ٿي ويو جڏهن ته جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويو. پوليس مطابق عورت ٻڌايو ته جوابدار سندس آفيس جو ڪوليگ هو جنهن ان کي آفيس گڏ ڪٺي وڃڻ جي آڇ ڪئي هئي، جڏهن ته رستو تبديل ڪري کيس ٻي هنڌ وٺي وڃڻ چاهيو پئي جنهن لاءِ هو ساڻس زبردستي ڪري رهيو هو عورت چيو ته گروپ ڪيپٽن عاصم وقت سر مداخلت ڪندي مون کي تحفظ فراهم ڪيو هن وقت قانون لاڳو ڪندڙ ادارو جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون ڪري رهيو آهي گروپ ڪيپٽن عاصم شهيد سوڳوارن ۾ هڪ بيوه هڪ ڌيءَ ۽ پٽ ڇڏيو آهي گروپ ڪيپٽن عاصم جي قرباني کي سڄي ملڪ ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو پيو وڃي ۽ قومي ۽ سوشل ميڊيا تي کيس عورت جي تحفظ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪندڙ بهادر آفيسر طور ياد ڪيو پيو وڃي گروپ ڪيپٽن عاصم جي قرباني ان ڳالهه جي عڪاسي آهي ته پاڪ فوج جا سپاهي صرف سرحدن تي نه پر عزت جا پڻ رکوالا آهن

بقايا 32 روزاني عبرت

جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو حزب الله جي وفد سان ڳالهائيندي ايراني پرڏيهي وزير چيو ته مفاهمتي يادداشت موجب لبنان ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون

بقايا 33 روزاني عبرت

ڀرپور رهيس جنهن جو موضوع "سنڌ ۾ انساني وقار ۽ سماجي هم آهنگي جو بنياد طور تعليم - خواندگي کان روشني تائين" هو: ڪينيڊا، آمريڪا، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن مان آيل مهمانن تعليمي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ شرڪت ڪئي، ميڊيڪل سيمپوزيم دوران ڊاڪٽر حفيظ عباسي دل جي دوري جي 15 مختلف طريقن ۽ انهن متعلق نئين معلومات شيئر ڪئي، ٻين مقررن ۾ ڊاڪٽر ڪرتان ڊاڪٽر خليل لاکو پي ايم سي نواب شاهه جو ڊاڪٽر خاصخيلي ۽ ٻين مقالا پيش ڪيا . ڏينهن جو اهم سيشن ڊاڪٽر ناصر جمال پلاڻ جي نگراني هيٺ ٿيو جنهن ۾ سنڌ ۾ تعليم جي موجوده صورتحال جو ثبوتن تي ٻڌل جائزو پيش ڪيو ۽ ممتاز تعليمي ماهرن کان سوال ڪيا. 2023 جي آدمشماري ۽ ٻين تعليمي اشارن جو حوالو ڏيندي هن ٻڌايو ته سنڌ جي خواندگي جي شرح صرف 57.5 سيڪڙو آهي، جڏهن ته عورتن جي خواندگي لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو آهي هن اهو به چيو ته سنڌ ۾ 7.2 کان 7.8 ملين ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن جيڪي پاڪستان جي ڪل اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو لڳ ڀڳ 35 سيڪڙو آهن هن وڌيڪ چيو ته 81 يونيورسٽين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن جي موجودگي باوجود تعليمي بنياد ڪمزور آهن. ثانوي اسڪول داخلا صرف 21 سيڪڙو آهي 69 سيڪڙو سرڪاري اسڪولن ۾ بجلي موجود نه آهي 43 سيڪڙو ۾ ٽوائليٽ جي سهولت ناهي 42 سيڪڙو محفوظ پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهن ۽ صرف 39 سيڪڙو گريڊ ٽئين جا شاگرد هڪ سادي ڪهاڻي پڙهي سگهن ٿا. هن چيو ته "اهي انگ اکر فخر جو نه پر فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪن ٿا." پينل سيشن دوران هن سوال اٿاريو ته سنڌ جو وڏو تعليمي مسئلو رسائي آهي، معيار آهي يا گورننس؟ ۽ ماهرن تي زور ڏنو ته عملي سڌارا تجويز ڪن آءِ بي اي سکر کي پاڪستان جي ڪامياب ترين سرڪاري تعليمي ادارن مان هڪ طور ساراهيو ويو ۽ ان جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف علي شيخ کي اداري جي ڪاميابي جا سبب بيان ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني وئي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي نوابشاهه جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه کان به سوال ڪيو ويو ته ڇا هڪ مستقل نظام قائم ڪيو وڃي ته جيئن ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي تحقيق سڌو سنئون پاليسي سازن قانونسازن ميڊيا ۽ سول سوسائٽي تائين پهچي مقررين ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته گورننس جي بهتري، استادن جي تربيت، احتساب، تحقيق جي فروغ، ڊجيٽل تعليم ۽ يونيورسٽين کي پاليسي سان ڳنڍڻ سنڌ جي تعليمي نظام جي بهتري لاءِ ضروري آهي اقليتن جي حقن بابت سيشن ۾ مشهور قومپرست اڳواڻ اياز لطيف پليجو برابري واري شهريت، آئيني تحفظ، مذهبي هم آهنگي ۽ سماجي انصاف تي زور ڏنو شرڪت ڪندڙن سندس خطاب کي ساراهيو جڏهن ته بيرسٽر راهول پيماڻي ،بيرسٽرشاهد سومرو انعام شيخ، ڊاڪٽر ڪرتار لال پنهنجا خيالات پيش ڪيا، سنڌ ۾ اعليٰ ثانوي تعليم جي سيشن ۾ ڊاڪٽر صفي الله سومرو ڊاڪٽر پاراڻي شنڪر ڊاڪٽر آصف شيخ ، ڊاڪٽر مدد علي شاهه دلائل پيش ڪيا. ادبي سيڪشن ۾ مرحوم پروفيسر مظهر علي شيخ جي زندگي ۽ خدمتن تي ٻڌل ڪتاب "اسين آهيون مشعل" جي مهورتي تقريب منعقد ٿي. تقريب جي ميزباني اسد شيخ ڪئي، ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو اسحاق ٽونيو انعام شيخ ۽ ٻين مقررن سندس علمي ادبي ۽ صحافتي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته سندس فڪر نوجوان نسل لاءِ رهنمائي جو ذريعو آهي ۽ پروفيسر مظهر علي شيخ جي تعليم صحافت، ادب ۽ ترقي پسند سوچ ۾ زندگي ڀر جي خدمتن تي روشني وڌي انهن مشاهدو ڪيو ته سندس لکڻيون نوجوان نسلن کي متاثر ڪنديون رهنديون آهن ۽ اهڙي دانشورانه ورثي کي محفوظ رکڻ سنڌي سماج جي مستقبل لاءِ ضروري آهي گڏجاڻي ۾ هن اشاعت کي سنڌي ادب ۾ هڪ اهم اضافو ۽ پروفيسر مظهر علي شيخ جي علمي ۽ ادبي ورثي جو هڪ قيمتي تاريخي اثاثو قرار ڏنو اويس پنهور ووڪيشنل تعليم متعلق پنهنجا خيال پيش ڪيا، ان کان سواءِ حبيب ميمڻ، ذوالفقار خواجه، پروفيسر انعام ڀٽي، ڊاڪٽر روبينه شيخ، فاطمه گل علي خاصخيلي پڻ مختلف موضوعن تي پنهنجا خيال پيش ڪيا. عورتن جي سيشن جيڪو سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي عورتن جي معاملن جي نائب صدر شاهده شيخ جي اڳواڻي ۾ ٿيو ۾ عورتن جي تعليم قيادت پيشه ورانه ترقي نوجوانن جي رهنمائي ۽ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي تحفظ تي تفصيلي بحث ٿيو مقررين عورتن جي وڌندڙ ڪردار کي ساراهيو ۽ وڌيڪ شرڪت تي زور ڏنو ڏينهن جي پڄاڻي هڪ رنگارنگ موسيقي واري رات سان ٿي، جتي مشهور سنڌي فنڪار سجاد سهاڳ ۽ ارشد محمود پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو

بقايا 34 روزاني عبرت

گڏيل فزيبلٽي اسٽڊي تي فني مشاورت ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق چين ۽ برطانيه وچ ۾ واپاري خدمتن جي معاهدي سان لاڳاپيل گڏيل فزيبلٽي اسٽڊي تي فني مشاورت 30 جون کان پهرين جولاءِ تائين برطانيه جي شهر لنڊن ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي رپورٽ مطابق ٻنهي ڌرين اتفاق ڪيو ته ايندڙ مرحلي جي ڪم کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ته جيئن گڏيل فزيبلٽي اسٽڊي کي جلد کان جلد مڪمل ڪري سگهجي هلندڙ سال جنوري ۾ ٻنهي ملڪن هڪ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون هيون جنهن سان چين ۽ برطانيه وچ ۾ واپاري خدمتن جي معاهدي سان لاڳاپيل گڏيل فزيبلٽي اسٽڊي باضابطا شروع ٿي هئي ان کان اڳ ٻنهي ڌرين ٻه ڀيرا آن لائين فني مشاورت به ڪئي هئي جنهن ۾ گڏيل فزيبلٽي اسٽڊي سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 35 روزاني عبرت

يوم شهادت تي کيس خراج عقيدت پيش ڪيو آهي آچر تي ريلوي واري وزارت پاران جاري بيان موجب هن چيو ته قوم پنهنجي شهيدن جي قربانين کي هميشه عزت ۽ احترام سان ياد رکندي محمد حنيف عباسي چيو ته ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي بي مثال جرئت، استقامت ۽ وطن سان پختي وفاداري نئين نسل لاءِ مشعل راهه آهي اهڙن بهادر ۽ دلير جوانن جي قربانين عيوض اسان جو ملڪ محفوظ آهي وفاقي وزير چيو ته ڪيپٽن ڪرنل شير خان شهيد جي عظيم قرباني هميشه قوم لاءِ حوصلي، عزم ۽ حب الوطني جو روشن مثال بڻيل رهندي هن چيو ته پوري قوم پنهنجي هٿياربند فوج ۽ شهيدن جي لازوال قربانين تي فخر ڪري ٿي وطن عزيز جي دفاع لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ هر سپوت کي سلام پيش ڪري ٿي

بقايا 36 روزاني عبرت

آهي. ان سلسلي ۾ صحت کاتي پاران صوبي جي سمورن ضلعي صحت آفيسرن (ڊي ايڇ اوز) ڏانهن باقاعده مراسلو جاري ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هدايت ڪئي وئي آهي ته سرڪاري ڊسپينسرين جا انتظامي اختيار نئين مقرر ڪيل اداري حوالي ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن مراسلي موجب صوبي جي سڀني سرڪاري ڊسپينسرين جو روزاني انتظام آپريشنل معاملا ۽ ٻين انتظامي ذميوارين جي نگراني هاڻي ان سرڪاري فنڊ سان هلندڙ غير سرڪاري اداري وٽ هوندي ذريعن موجب حڪومت جو موقف آهي ته ان قدم سان بنيادي صحت جون سهولتون وڌيڪ بهتر منظم ۽ عوام لاءِ آسان بڻائڻ ۾ مدد ملندي، جڏهن ته ڊسپينسرين جي ڪارڪردگي، دوائن جي فراهمي عملي جي حاضري ۽ مريضن کي ڏني ويندڙ خدمتن جي معيار ۾ پڻ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ٻئي طرف صحت جي شعبي سان لاڳاپيل حلقن ان فيصلي بابت مختلف خدشا پڻ ظاهر ڪيا آهن ۽ مطالبو ڪيو آهي ته ڊسپينسرين جي انتظامي تبديلي دوران شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوامي صحت جون خدمتون ڪنهن به صورت ۾ متاثر نه ٿيڻ گهرجن

بقايا 37 روزاني عبرت

چيو ته هينئر تائين 78 ٻارن جو ڊيٽا سامهون اچي چڪي آهي جيڪو ڪو معمولي معاملو ناهي جيڪڏهن ڪنهن آفيسر ڊاڪٽر پيرا ميڊيڪل اسٽاف يا ڪنهن ٻئي عملي جي غفلت يا لاپرواهي ثابت ٿي ته ان خلاف سخت قانوني ۽ کاتيوار ڪارروائي ڪئي ويندي ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته جڏهن هن سيپٽمبر 2025ع ۾ ٻيهر محنت کاتي جو قلمدان سنڀاليو ته 28 آڪٽوبر 2025ع تي اهو معاملو سامهون آيو. جنهن کان پوءِ ساڳئي ڏينهن هنگامي اجلاس گهرائي سمورين تفصيلن ورتيون ويون ۽ جاچ ڪميٽي قائم ڪرڻ سان گڏ ذميوارن خلاف ڪارروائي جون هدايتون جاري ڪيون ويون هن ٻڌايو ته 29 آڪٽوبر 2025ع تي جاچ ڪميٽي جوڙي وئي جنهن جي سفارشن تي ڪجهه آفيسرن کي معطل پڻ ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته ان کان پوءِ 7 نومبر 2025ع تي ڪجهه متاثر ٻارن جي وارثن سنڌ جي محتسب اعليٰ وٽ درخواست داخل ڪئي جنهن تي محتسب اعليٰ جي هدايتن موجب هڪ ٻي انڪوائري ڪميٽي پڻ قائم ڪئي وئي ته جيئن معاملي جي هر رخ کان جاچ ٿي سگهي صوبائي وزير چيو ته سندس خيال موجب هن وقت تائين سامهون آيل سمورا ڪيس 28 ۽ 29 آڪٽوبر 2025ع کان اڳ جا آهن هن چيو ته هينئر تائين 78 ٻارن جو رڪارڊ سامهون آيو آهي جڏهن ته ڪجهه متاثر ٻارن جا والدين جاچ ڪميٽي آڏو پيش نه ٿيا آهن تنهن ڪري انهن بابت حتمي راءِ نٿي ڏئي سگهجي سعيد غني چيو ته هي انتهائي سنجيده معاملو آهي ۽ ان ۾ غفلت ڪندڙ ڪنهن به شخص کي نه بخشيو ويندو ڀلي اهو ڊاڪٽر هجي، پيرا ميڊيڪل اسٽاف هجي يا ڪو ٻيو عملدار هن چيو ته جاچ ڪميٽي جون سفارشون حڪومت کي ملي چڪيون آهن ۽ انهن تي لازمي طور تي عمل ڪندي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هن متاثر ٻارن جي والدين کي خاطري ڪرائي ته سنڌ حڪومت ۽ محنت کاتو انهن کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيندا. حڪومت نه رڳو متاثر ٻارن جو مڪمل علاج ڪرائيندي، پر سندن خاندانن کي به هر ممڪن سهڪار ۽ سهولتون فراهم ڪندي سندس چوڻ هو ته هينئر تائين جاچ ڪميٽي آڏو ايندڙ متاثر ٻارن جو انگ 78 آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن واضح ڪيو ته ابتدائي جاچ موجب اهي ڪيس استعمال ٿيل سرنجن جي ٻيهر استعمال سبب پيش ناهن آيا، ڇاڪاڻ ته وليڪا اسپتال ۾ اهڙيون آٽو ڊسيبل سرنجون استعمال ٿين ٿيون جيڪي هڪ ڀيرو استعمال ٿيڻ کان پوءِ پاڻمرادو لاڪ ٿي وڃن ٿيون ۽ ٻيهر استعمال لائق ناهن رهنديون

بقايا 38 روزاني عبرت

آهي. ان سلسلي ۾ صحت کاتي پاران صوبي جي سمورن ضلعي صحت آفيسرن (ڊي ايڇ اوز) ڏانهن باقاعده مراسلو جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هدايت ڪئي وئي آهي ته سرڪاري ڊسپينسرين جا انتظامي اختيار نئين مقرر ڪيل اداري حوالي ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن مراسلي موجب صوبي جي سڀني سرڪاري ڊسپينسرين جو روزاني انتظام آپريشنل معاملا ۽ ٻين انتظامي ذميوارين جي نگراني هاڻي ان سرڪاري فنڊ سان هلندڙ غير سرڪاري اداري وٽ هوندي ذريعن موجب حڪومت جو موقف آهي ته ان قدم سان بنيادي صحت جون سهولتون وڌيڪ بهتر منظم ۽ عوام لاءِ آسان بڻائڻ ۾ مدد ملندي، جڏهن ته ڊسپينسرين جي ڪارڪردگي، دوائن جي فراهمي، عملي جي حاضري ۽ مريضن کي ڏني ويندڙ خدمتن جي معيار ۾ پڻ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ٻئي طرف صحت جي شعبي سان لاڳاپيل حلقن ان فيصلي بابت مختلف خدشا پڻ ظاهر ڪيا آهن ۽ مطالبو ڪيو آهي ته ڊسپينسرين جي انتظامي تبديلي دوران شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوامي صحت جون خدمتون ڪنهن به صورت ۾ متاثر نه ٿيڻ گهرجن

بقايا 39 روزاني عبرت

جي شهر ممبئي ۾ طوفاني برسات سبب سمورو شهر ٻڏي سوئمنگ پول ۾ تبديل ٿي ويو ۽ زندگي جو نظام مفلوج ٿي ويو ڀارتي ميڊيا موجب ممبئي شهر ۾ 12 ڪلاڪن جي دوران 260 ملي ميٽر تائين برسات پئي جنهن سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، مختلف علائقن ۾ ٻوڏ جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي، تيز طوفاني برسات جي نتيجي ۾ گهرن سميت دڪانن ۽ مارڪيٽن ۾ به پاڻي داخل ٿي ويو تيز هوائن سبب وڻ ۽ سائن بورڊ ڪري پيا. ڪيترائي روڊ تباهه ٿي ويا، جڏهن ته ٽرينن جي آمد، رفت به سخت متاثر ٿي برسات دوران ڪجهه جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جا به اطلاع آهن طوفاني برسات سبب انتظاميه ۽ ريسڪيو ادارا حرڪت ۾ آيا جن ماڻهن کي متاثر علائقن مان ڪڍي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ميونسپل ڪارپوريشن موجب شهر ۾ سڀني کان وڌيڪ برسات وڪهرولي ويسٽ جي علائقي ۾ رڪارڊ ڪئي وئي جتي 12 ڪلاڪن جي دوران 260 ملي ميٽر کان وڌيڪ جي برسات رڪارڊ ڪئي وئي انهي کان علاوه پوائي ڀانڊوپ، مالاڊ، ڪانديولي جوگيشوري ۽ انڌيري ۾ 210 ملي ميٽر کان وڌيڪ برسات پئي اوڀرين علائقن ۾ 186 جڏهن ته ڏاکڻي علائقن ۾ 168 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا 40 روزاني عبرت

بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي بيان ۾ چيو ته آمريت اهو سمجهو هو ته هو عوام جي آواز دٻائي ڇڏيندي، پر شهيد ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو ۽ جمهوريت پسند ڪارڪنن جي قربانين ثابت ڪيو ته حق ۽ عوامي حاڪميت کي ڪڏهن به شڪست نٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته اڄ 49 سال گذرڻ کان پوءِ به اسان جو ارادو اهوئي آهي ته آئين جي بالادستي جو هر قيمت تي دفاع ڪنداسين ووٽ جي تقدس پارلياماني جمهوريت ۽ عوام جي حق حڪمراني جو تحفظ ڪنداسين. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته شهيدن جي قربانين جو حقيقي خراج اهوئي آهي ته نفرت ۽ آمريت جي هر سائي کي رد ڪندي هڪ متحد، جمهوري ۽ ترقي پسند پاڪستان جي تعمير جاري رکي وڃي

بقايا 41 روزاني عبرت

ٿي پيو آهي. ڊيره بگٽي جي علائقي زين ڪوه درينجن ۾ پئسن جي تڪرار تان ٻن ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ شروع ٿي وئي، پوليس موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو پوليس جو چوڻ آهي ته مارجي ويلن ۾ هڪ ڌر جو پيءُ ۽ پٽ جڏهن ته ٻئي ڌر جا 2 ڀائر شامل آهن. فائرنگ جو واقعو پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٿيو آهي معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 42 روزاني عبرت

ضلعي راجوڙي ۾ هڪ ڀارتي فوجي آپگهات ڪري ڇڏيو ڪشمير ميڊيا سروس مطابق آپگهات ڪندڙ فوجي جي سڃاڻپ شنڪر جي نالي سان ٿي آهي جيڪو رياست هريانه جي علائقي شودي جو رهواسي ۽ 3 راجپوتانه رائفلز سان لاڳاپيل هو ڄاڻايل فوجي منجڪوٽ جي علائقي درڪندي ۾ پنهنجي سروس رائيفل سان پاڻ کي گولي هڻي ڇڏي واقعي ڪانپوءِ لاش کي گورنمنٽ ميڊيڪل ڪاليج (جي ايم سي) راجوڙي منتقل ڪيو ويو جتي سندس پوسٽ مارٽم ڪيو ويو پوليس معاملي جو نوٽيس وٺندي واقعي جو سبب ڄاڻڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 43 روزاني عبرت

تڪرار گهٽائڻ لاءِ قدمن جي حمايت جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو آهي ترڪ صدر چيو ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ مفاهمت جي يادداشت کان پوءِ دنيا راحت جو ساهه کنيو آهي طيب اردگان چيو ته ترڪي اسرائيل جي اشتعال انگيز ڪارروائين تي به نظر رکي رهيو آهي اسرائيلي حڪومت، جيڪا جنگ جي عادي آهي کي ڪڏهن به سڄي علائقي کي هڪ ڀيرو ٻيهر بارود ۽ رت جي ٻوڏ ۾ ٻوڙڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پيٽروليم : رليف جون دعوائون يا عوام سان مذاق؟
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
عبدالستار ٻڄاڻي جي پهرين ورسيءَ تي: هڪ دوست جي ياد
صفحو 4

پيرلوءِ: گم ٿيل ٻارن جي واپسيءَ لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم!
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

رحمت الله ٻرڙو
اروڙ يونيورسٽي: ٽيڪنالاجي جي نئين دور ڏانهن سفر!
صفحو 4

سڪرنڊ پوليس لائين ۾ سيل ڪيل 55 دڪانن جي ڪرائيدارن پاران احتجاجي ريلي

ڪرائيدارن ۽ سنڌن وارثن پاران نوابشاهه موڙ کان قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

23 سال اڳ سڀ سرڪاري ڳهرجون پوريون ڪرڻ بعد مليل دڪان پوليس سيل ڪري اسان جي ٻچڙن جي روزگار تي ڌاڙو هنيو آهي:آفتاب چانڊيو

پيپلز پارٽي نعرو هڻندي آهي ته اسين اٽي، لٽي ۽ اجهي جا قائل آهيون،پر اسان کي ٽنهي شين کان محروم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي:طارق ميمڻ

گهر لاءِ راشن ناهي ٻارن لاءِ خرچي ناهي پوليس اسان کان نه صرف روزگار کسيو آهي بلڪ اسان کي نفسياتي مريض بڻائي ڇڏيو آهي

سڪرنڊ (س ر)سڪرنڊ پوليس لائين ۾ پوليس پاران سيل ڪيل 55 دڪانن جي ڪرائيدارن ۽ سنڌن وارثن پاران نوابشاهه موڙ کان قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ آفتاب احمد چانڊيو، طارق ميمڻ ، عطاء الله ڪهڙو ، پرويز لغاري ، طارق راجپوت ، امجد خانزاده ، جاويد سومرو ۽ علي رضا ماڇولو شامل هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته پوليس لائين جا دڪان 2003 ۾ اڄ کان 23 سال اڳ سڀ سرڪاري ڳهرجون پوريون ڪرڻ بعد قانون موجب دڪان حاصل ڪياسين جنهن جو ڪرايو نيشنل بينڪ ۾ سرڪاري اڪائونٽ ۾ جمع پڻ ڪرائي رهيا آهيون 23 سالن ڪانپوءِ پوليس اسان جا دڪان سيل ڪري اسان جي ٻچڙن جي روزگار تي ڌاڙو هنيو آهي جيڪو ڪنهن به حوالي سان مناسب ناهي هنن اهو پڻ چيو ته هڪ پاسي پيپلز پارٽي نعرو هڻندي آهي ته اسين اٽي، لٽي ۽ اجهي ڏيڻ جا قائل آهيون ته ٻئي پاسي اسان جا دڪان سيل ڪري اسان کي ٽنهي شين کان محروم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن اسان جا دڪان اسان کي نه ڏنا ويا ته اسين پاڻ ساڙينداسين هنن وڌيڪ چيو ته شام جو گهر لاءِ راشن ناهي ٻارن لاءِ خرچي ناهي پوليس اسان کان نه صرف روزگار کسيو آهي بلڪ اسان کي نفسياتي مريض بڻائي ڇڏيو آهي ان موقعي تي احسن ميمڻ ، ڪريم بخش رند ، سانول ڪيريو ، شوڪت ڪيريو ، نظام الدين ميمڻ ، غلام مصطفيٰ ميمڻ سميت سوين شهري ۽ دڪاندار موجود هئا .

احتجاج
بيوپارين جو معاشي قتل عام نامنظور!
سڪرنڊ پوليس پاران پوليس لائين جا 55 دڪان زبردستي سيل ڪري
روزگار تي لت هڻن بند ڪيو. غريب واپارين کي جيئڻ جو حق ڏيو.

سڪرنڊ پوليس لائين ۾ سيل ڪيل 55 دڪانن جي ڪرائيدارن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پٽ شاهه ۾ ڳوٺن کي قومي شاهراهه سان ملائيندڙ روڊ سالن کان تباهه

پٽ شاهه (ن ع)پٽ شاهه جي خاصخيلي واٽر ڳوٺ وڪيو خاصخيلي،بچل خاصخيلي،صالح پارواٽي پچو،وريل ميربحر،دادو ميربحر،بهاول ڏاهري،مور وساڻ ۽ ٻين ڳوٺن کي قومي شاهراهه سان ملائيندڙ روڊ سالن کان تباهه حال بڻيل رهواسي شديد تڪليفن کي منهن ڏيڻ لڳا چونڊيل نمائندن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ٽئين بجيٽ ۾ تڪراري پاڻي منصوبن لاءِ رقم رکڻ ۽ صوبن جو حصو ڪٽڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مرڪزي نائب صدر روشن برڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

وفاقي حڪومت اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن کي ملندڙ حصي مان ڪٽوتي ڪئي آهي جيڪا آئين جي خلاف ۽ صوبن جي حقن تي ڌاڙو آهي:روشن برڙو

وفاقي ۽ سنڌ جو بجيٽ عوام دشمن بجيٽ آهي جنهن ۾ عوام لاءِ ڪنهن به قسم رليف ناهي ڏنو ويو آهي، سنڌ حڪومت سازش تحت گذريل سال جي بجيٽ خرچ نه ڪئي

وڏي وزير جي پنهنجي تڪ ۾ 30سالن کان آر بي او ڊي منصوبو مڪمل نه ٿي سگهيو آهي منڇر ڍنڍ تباهه ٿي وئي آهي لکين ماڻهو بيمار بيروزگار بڻجي ويا آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي سنڌ جي ٻين شهرن جيان حيدرآباد ۾ سنڌ ۽ وفاقي پاران ٽئين مالي سال جي بجيٽ تڪراري پاڻي منصوبن لاءِ رقم رکڻ ۽ اين ايف سي ايوارڊ مان صوبن جو حصو ڪٽڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مرڪزي نائب صدر روشن برڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته وفاقي ۽ سنڌ جو بجيٽ عوام دشمن بجيٽ آهي جنهن ۾ عوام لاءِ ڪنهن به قسم رليف ناهي ڏنو ويو آهي هنن چيو ته وفاقي حڪومت اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن کي ملندڙ حصي مان ڪٽوتي ڪئي آهي جيڪا آئين جي خلاف ۽ صوبن جي حقن تي ڌاڙو آهي هنن چيو ته پ پ پنهنجي اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ خاطر سنڌ جي عوام جو پئسو وفاقي گرانٽ ۾ ڏنو آهي ۽ سنڌ حڪومت هڪ سازش تحت گذريل سال جو بجيٽ خرچ نه ڪيو جيڪا سنڌ حڪومت جي نااهلي جو ثبوت آهي هنن چيو ته وفاق سنڌ جا 300ارب رپيا پاڻي جي نون منصوبن چناب ڊيم چولستان ڪينال لاءِ رکيا آهن جيڪا سنڌ دشمني آهي هنن چيو ته پيپلز پارٽي کي عوام اڏو جواب ڏيڻو پوندو ته آهي انهن پيسن سان ٿهنڊڙ ڊيم ۽ ڪئنالن جي ٺهڻ سان سنڌ کي ڪهڙو فائدو ٿيندو يا پيسا به سنڌ جا ته پاڻي به سنڌ جو هڙپ ڪيو ويندو هنن چيو ته سنڌ پهريائين پاڻي ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي جيڪڏهن تڪراري ڪئنال ۽ ڊيم ٺاهيا ويا ته پوءِ سنڌ جي زراعت وڌيڪ تباهه ٿي ويندي هنن چيو ته سڄي سنڌ ۾ ڊرينيج سسٽم تباهه لڳو پيو آهي جنهن ڪري گندو پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ ڪيو پيو وڃي جنهن سبب سنڌ جي ڪروڙين عوام موذي مرضن ۾ وڪڙجي چڪي آهي سنڌ جي وڏي وزير جي پنهنجي تڪ ۾ 30سالن کان آر بي او ڊي منصوبو مڪمل نه ٿي سگهيو آهي منڇر ڍنڍ تباهه ٿي وئي آهي لکين ماڻهو بيمار بيروزگار بڻجي ويا آهن ڪراچي کان ڪشمور تائين پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ سنڌ حڪومت سنڌ جا پيسا بلوچستان، گلگت، ڪشمير ۽ پنجاب جي پارڪن تي خرچ ڪري پئي هنن چيو ته بجيٽ ۾ مهانگائي جي خاتمي لاءِ ڪي به منصوبا شامل نه آهن ويتر سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ معمولي واڌ ملازمن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي هنن مطالبو ڪيو ته گريڊ هڪ کان 16جي ملازمن جي پگهارن ۾ 20سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي پيٽرول ۽ ڊيزل تان ليويز ختم ڪري 200رپيا في ليٽر ڪيو وڃي سنڌ مان غربت جي خاتمي لاءِ ڪارخانا، صنعتن کي هٿي ڏني وڃي ۽ بيروزگار غريب خاندانن لاءِ راشن ڪارڊ صحت ڪارڊ جاري ڪيا وڃن پڙهيل لکيل نوجوانن لاءِ سرڪاري نوڪرين جا در کوليا وڃن ته سنڌ مان بيروزگاري ۽ غربت ختم ٿي سگهي ان موقعي تي آفتاب خانزادو،اميرآزاد پنهور ۽ ٻيا موجود هئا

ڳوٺ غلام حيدر جويو واسين پاران بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

سڄي چمار پ پ کي ووٽ ڏنو آهي پر ڪا سهولت ناهي:رهواسي

گرلز مڊل اسڪول، بوائز مڊل اسڪول ۽ اسپتال جي سهولت ميسر ناهي

مسوڀرڳڙي(ن ع)مسوڀرڳڙي يوسي 22 جيئنڊل ڪوٽ جو قديمي ڳوٺ غلام حيدر جويو جي رهواسين جو بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج. مٽياري جي يونين ڪائونسل جو قديمي ڳوٺ جديد دور ۾ بنيادي سهولتن کان محروم آهي.ڳوٺاڻن پيروز جويو ،مرتضي ا وسير ،سهيل جويو ۽ ٻين پاران بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج. اسان ڏن صدين کان هتي آباد آهيون سڄي چمار پ پ کي ووٽ ڏنو آهي پر ڪا سهولت ناهي.رهواسي ،هنن چيو ته ڳوٺ ۾ گرلز پرائمري اسڪول سوئي گيس ڊرينيج سسٽم واٽر سپلائي اسڪيم پيور سي سي بلاڪ ،گرلز مڊل اسڪول بوائز مڊل اسڪول ۽ سرڪاري اسپتال جي سهولت ميسر ناهي. هنن چيو ته ڪيترائي ڀيرا تڪ جي چونڊيل نمائندن توڙي تعلقي ۽ ضلعي انتظاميا کي شڪايتون ڏنيون آهن پر ڪنهن نوٽيس ناهي ورتو.هنن چيو ته اسان جي چونڊيل نمائندن کي فقط اليڪشن مهل ئي عوام ياد اچي ٿي پر هن وقت ڪير پڇڻ وارو ناهي. هنن تڪ جي ايم پي اي ۽ ايم اين اي توڙي ضلعي چيئرمين کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪرايا وڃن

مسوڀرڳڙي ڳوٺ غلام حيدر جويو واسين پاران بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گهوٽڪي ۾ 5 جولاءِ ڪاري ڏينهن جي موقعي تي احتجاجي ريلي

ڪارڪنن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي آمريت خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو

چونڊيل جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري آمريت مڙهي وئي:اڳواڻ

گهوٽڪي(ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي گهوٽڪي پاران 5 جولاءِ ڪاري ڏينهن جي موقعي تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي گهوٽڪي جي سينيئر نائب صدر چوڌري محمد آصف آرائين ۽ جنرل سيڪريٽري عادل رحيم ملڪ ڪئي. ريلي ۾ يوٿ ڪائونسلر چوڌري ميشام آرائين، سعيد احمد چاچڙ محمد اڪرم مغل، راشد علي ملڪ، رانا علي راجپوت، عبدالغفار گبائي، ڊاڪٽر محمد ياسين لولائي رضا مغل، خادم حسين چاچڙ عبدالحفيظ مغل ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پنهنجن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي آمريت خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو جڏهن ته هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا ۽ بينر کنيل هئا. ريلي دوران آمر جنرل ضياءالحق خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي گهوٽڪي جي سينيئر نائب صدر چوڌري محمد آصف آرائين چيو ته 5 جولاءِ ملڪ جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن هڪ چونڊيل جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري آمريت مڙهي وئي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي سياسي شعور، آئيني حقن ۽ جمهوري سوچ سان روشناس ڪرايو، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي هر دور ۾ جمهوريت جي بحالي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن. چوڌري محمد آصف آرائين وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جا ڪارڪن پنهنجي اڳواڻن جي مشن تي ثابت قدم آهن ۽ ملڪ ۾ جمهوري نظام جي استحڪام، آئين جي بالادستي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا. هن چيو ته آمريت جي ڪاري دور کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي ۽ نئين نسل کي جمهوريت جي اهميت کان آگاهه ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ريلي جي پڇاڙي تي ڪارڪنن جمهوريت جي حمايت ۽ آمريت جي مخالفت جو عزم ورجايو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو

گهوٽڪي پ پ سٽي پاران ڪارو ڏينهن ملهايو پيو وڃي

ڄامشورو ۾ اقليتن جون نوڪريون مبينا وڪرو ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سوئيپرن جون سوين نوڪريون انتظاميا وڪرو ڪري ڇڏيون آهن:عرفان شاهه

ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو کي درخواستون جمع ڪرايون پر تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ڄامشورو ضلعي ۾اقليتن لاءِ آيل سرڪاري نوڪريون مبينا وڪرو ٿيڻ خلاف مينارٽي ونگ پاران جاويد عرفان شاهه ، رام چند ڀيل پنهور ڀيل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾پ پ جي اڳواڻن جو تصويرون کڻي ڪورٽي ڊي سي آفيس آڏو ڄامشورو ميڊيا سينٽر تي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي مينارٽي ونگ جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڄامشورو ضلعي جي هيلٿ کاتي ۽ ايجوڪيشن کاتي سميت ٻين ڊپارٽمينٽ ۾ آيل سوئيپرن جون سوين نوڪريون انتظاميا وڪرو ڪري ڇڏيون آهن ڊي ايڇ او ڄامشورو ۽ تعلقه اسپتال جي ايم ايس ڊي سي آفيس جي هيلٿ عملدارن پنهنجي ايجنٽن ذريعي سوئيپرن جون نوڪريون لکين رپيين ۾ وڪرو ڪيون آهن ان معاملي جي انڪوائري ڪئي وڃي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو کي به درخواستون جمع ڪرايو پر ڪو به تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي هن معاملي جو پ پ جي مرڪزي قيادت بلاول ڀٽو زرداري، وڏو وزير مراد علي شاهه نوٽيس وٺي فوري طور انڪوائري ڪرائي ڪرپٽ آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

دوڙ ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نصيرآباد پيپلزپارٽي سٽي پاران ڪارو ڏينهن ملهايو پيو وڃي

پيپلز پارٽي سٽي نصيرآباد پاران ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

پي پي اڳواڻ غلام عباس سولنگي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

زرداري جي قيادت ۾ جمهوري بقا ۽ عوام جي حقن جي جنگ جاري رهندي:اڳواڻ

نصيرآباد (ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي نصيرآباد پاران 5 جولاءِ جي حوالي سان ملڪي تاريخ جي سڀ کان وڏي آمريت جي خلاف "ڪارو ڏينهن" ملهايو ويو. پي پي پي اڳواڻن غلام عباس سولنگي، غلام رسول ڪوسو بابو الطاف ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي جيالن ۽ پارٽي عهديدارن پنهنجن هٿن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي آمريت خلاف سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج دوران پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي نصيرآباد جي آفيس تي ڪارو جهنڊو پڻ چاڙهيو ويو پي پي پي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 5 جولاءِ 1977ع جو ڏينهن پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان ڪارو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن هڪ آمر ملڪ جي پهرين چونڊيل وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جمهوري حڪومت تي شب خون هنيو سنڌن چوڻ هو ته پيپلز پارٽي هميشه جمهوريت لاءِ قربانيون ڏنيون آهن هنن عزم جو اظهار ڪيو ته پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ جمهوريت جي بقا ۽ عوام جي حقن جي جنگ جاري رهندي. مظاهري ۾ پي پي پي جي ڪارڪنن عهديدارن ۽ مقامي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ٻي پاسي شام جو پيپلز پارٽي هيڊ ڪوارٽر قمبر ۾ وڏي پيماني تي ريلي جي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو ريلي ۾ سٽي ۽ تعلقه پڻ شرڪت ڪندا

مٽياري ۾ آئيس منشيات خلاف سينيئر صحافي ماجد ميمڻ جو آءِ جي سنڌ سان رابطو

نوجوانن ۾ پکڙجندڙ منشيات جي رجحان تي سخت ڳڻتي جو اظهار،ڪارروائي جي اپيل

آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس اختيارين کي ضروري هدايتون جاري ڪيون

بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪري ملوث عنصرن کي گرفت ۾ آندو ويندو،آءِ جي سنڌ

مٽياري (د ر)مٽياري ۾ آئيس منشيات خلاف سينيئر صحافي حاجي ماجد علي ميمڻ جو آءِ جي سنڌ سان رابطو نوٽيس وٺي ڪارروائي جو يقين.مٽياري ضلعي جي سينيئر صحافي ۽ سٽي پريس ڪلب مٽياري جي سرپرست اعليٰ حاجي ماجد علي ميمڻ مٽياري شهر ۾ آئيس سميت منشيات جي وڌندڙ وڪري بابت آءِ جي سنڌ سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو.جنهن دوران هن شهر ۾نوجوانن ۾تيزي سان پکڙجندڙ منشيات جي رجحان تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي فوري ڪارروائي جي اپيل ڪئي.ذريعن موجب آءِ جي سنڌ معاملي جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس اختيارين کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ۽ حاجي ماجد علي ميمڻ کي يقين ڏياريو ته مٽياري ۾ آئيس سميت هر قسم جي منشيات جي خاتمي لاءِ بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ملوث عنصرن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو

ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ پاران بخاري هائوس تي يوم سياهه جي تقريب

عوامي ليڊر شهيد ذوالفقار ڀٽو اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي:اعجاز شاهه

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ پ پ مضبوط ٿي رهي آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ پاران بخاري هائوس تي 5 جولائي 1977 تي آمر جنرل ضياءَ پاران ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ مارشلا نافذ ڪرڻ خلاف بخاري هائوس تي يوم سياهه جي تقريب ٿي گذري ان موقعي تي تقريب کي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ڊاڪٽر مير حسن ملاح معشوق پلي ۽ ٻين يوم سياهه تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ جي عوامي ليڊر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اڄ به عوام جي دلين ۾ زنده آهي ۽ رهندو پ پ شهيدن جي پارٽي آهي هن چيو ته اسانجو بهادر پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ پ پ مضبوط ٿي رهي آهي ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ملڪ کي ترقي وٺرائي رهيو آهي اڄ به ملڪ اندر ڪيترائي ميگا پراجيڪٽن تي ترقياتي ڪم هلندڙ آهن هن چيو ته شهيد ذوالفقار ڀٽو جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ واري آمر جنرل ضياءَ جو انجام ملڪ جي عوام ڏٺو پ پ ملڪ جي مضبوط پارٽي آهي عوام جي دلين ۾ رهي ٿي.ان موقعي تي تقريب ۾ ضلعي ڪائونسل جو وائيس چيئرمين غلام مصطفيٰ جت، منور مغل،ڪوڙارام،جمن ڪيهر موجود هئا تقريب ۾ پ پ زيلي ونگز ۽ ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ٽنڊو محمد خان پ پ پاران بخاري هائوس تي يوم سياهه جي تقريب جو ڏيک

مٽياري ۾ ٽن ترقياتي منصوبن ۾ مبينه ڪرپشن جوانڪشاف،اينٽي ڪرپشن ڪورٽ کي درخواستون ڏنل

ٽائون ڪميٽي مٽياري جي چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر کي هڪ لکت واري درخواست جمع ڪرائيندي شهر جي ٽن ترقياتي منصوبن جو چارج نه وٺڻ جو مطالبو

ڪرپشن جا ڪيترائي واقعا سامهون اچي چڪا آهن،ڪجهه معاملن بابت لاڳاپيل اختيارين کي اڳ ئي آگاهه ڪيو ويو هو پر انهن تي توجهه نه ڏني:ماجد علي ميمڻ

سيف سٽي مسافر خانه مٽياري، اڳوڻي گلستان مٺلوي پبلڪ پارڪ ۽ پراڻي گوشت مارڪيٽ جون عمارتون ٽائون ڪميٽي حوالي ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن

انهن ٽنهي منصوبن ۾ وڏي پئماني تي مبينا ڪرپشن ۽ مالي بي ضابطگيون ٿيون آهن،جاچ مڪمل ٿيڻ تائين مذڪوره ٽنهي منصوبن جي چارج نه ورتي وڃي

مٽياري (د ر)مٽياري ضلعي جي سينيئر صحافي ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻ حاجي ماجد علي ميمڻ نادري ٽائون ڪميٽي مٽياري جي چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر کي هڪ لکت واري درخواست جمع ڪرائيندي شهر جي ٽن ترقياتي منصوبن جو چارج نه وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته مٽياري ۾ مبينا ڪرپشن جا ڪيترائي واقعا سامهون اچي چڪا آهن. جڏهن ته ڪجهه معاملن بابت لاڳاپيل اختيارين کي اڳ ئي آگاهه ڪيو ويو هو پر انهن تي مناسب توجهه نه ڏني وئي.حاجي ماجد علي ميمڻ پنهنجي درخواست ۾ چيو آهي ته بلڊنگ کاتي پاران سيف سٽي مسافر خانه مٽياري، اڳوڻي گلستان مٺلوي پبلڪ پارڪ ۽ پراڻي گوشت مارڪيٽ جون عمارتون ٽائون ڪميٽي حوالي ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن، جڏهن ته سنڌس الزام آهي ته انهن ٽنهي منصوبن ۾ وڏي پئماني تي مبينا ڪرپشن ۽ مالي بي ضابطگيون ٿيون آهن.درخواست موجب، هن معاملي بابت هو اڳ ئي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن ڪورٽ حيدرآباد کي پڻ درخواستون جمع ڪرائي چڪو آهي، جن ۾ جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جي اپيل ڪئي وئي آهي.حاجي ماجد علي ميمڻ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر کان مطالبو ڪيو آهي ته جاچ مڪمل ٿيڻ تائين مذڪوره ٽنهي منصوبن جو چارج نه ورتي وڃي، سنڌس چوڻ آهي ته جيڪڏهن انهن منصوبن جي چارج ورتي وئي ته لاڳاپيل اختيارين کي پڻ هلندڙ قانوني ڪارروائي ۾ ڌر بڻائڻ جي درخواست ڪئي ويندي.هن مطالبو ڪيو ته لاڳاپيل ادارا معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون عوام اڏو آڻين ۽ جيڪڏهن ڪنهن به قسم جون مالي بي ضابطگيون ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.خبر ۾ بيان ڪيل ڪرپشن بابت الزام درخواست ڏيندڙ حاجي ماجد علي ميمڻ جي درخواست ۽ موقف تي ٻڌل آهن انهن الزامن جي سرڪاري طور تصديق يا عدالتي فيصلو سامهون نه آيو آهي

سڪرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي

سنڌ حڪومت پاران پيش ڪيل بجيٽ کي مڪمل رد ڪيون ٿا:ايوب ڪوسو

ٻين صوبن ۾ ترقياتي اسڪيمون ڏيڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي:غلام مصطفيٰ شاهه

سڪرنڊ (س ر)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سنڌ ۽ مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي هدايت تي سنڌ حڪومت پاران پيش ڪيل بجيٽ کي سنڌ دشمن بجيٽ سمجهون ٿا جيڪا سنڌ جي وسيلن کي وفاقي حڪومت حوالي ڪرڻ خلاف آهي ان سلسلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ايوب ڪوسو، غلام مصطفيٰ شاهه ، پرويز سومرو ، قاسم سومرو ڪيلا رام اوڊ بچل ڏهيو ۽ شمائلا ڪيريو جي اڳواڻي ۾ چانڊيا پيٽرول پمپ کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي جتي معين اڳواڻن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين سنڌ حڪومت پاران پيش ڪيل بجيٽ کي مڪمل رد ڪيون ٿا هنن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي جي 20 سالا حڪومت ۾ ڪو به سنڌ دوست منصوبو ناهي هنن هميشه سنڌ دشمن منصوبا جوڙي عوام جو رت چوسيو آهي جڏهن ته جاري ڪيل بجيٽ ۾ ملازمن جي ست پرسنٽ پگهار ۾ اضافي کي ظلم سمجهون ٿا جڏهن ته سنڌ حڪومت جي پئسن مان ٻين صوبن ۾ ترقياتي اسڪيمون ڏيڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي ان کان علاوه سنڌ جا وسيلا ڌارين کي حوالي ڪري سنڌ جي ماڻهن کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پيپلز پارٽي سٽي ميهڙ پاران 5 جولاءِ کي يوم سياهه طور ملهايو ويو

ميهڙ (ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي ميهڙ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه ميهڙ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (PSF) ۽ پيپلز يوٿ آرگنائيزيشن (PYO)جي گڏيل سڏ تي 5 جولاءِ کي يوم سياهه طور ملهايو ويو ان موقعي تي سوين ڪارڪنن جيالن نوجوانن ۽ شاگردن جي شرڪت سان لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٽر ڊگهي احتجاجي پيادل ريلي ڪڍي وئي.

دوڙ ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

دوڙ(ن ع)دوڙ ۾ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي سنڌ دشمن بجيٽ خلاف دوڙ جي ڪارڪنن پاران ريلي ڪڍي پريس ڪلب دوڙ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر مجاهد رستماڻي،امان بروهي خان بهادر رند چيو ته سنڌ حڪومت سنڌ دشمن بجيٽ پيش ڪئي آهي جنهن سان سنڌ جي عوام کي ڪوبه رليف ناهي مليو سنڌ جي مالي وسيلن مان ڪربين روپيا وفاق حوالي ڪيا پيا وڃن ۽ تاثر ڏنو پيو وڃي ته سنڌ جو عوام خوشحال آهي نااهل حڪمرانن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي ته سنڌ ڪيترن ئي مسئلن جي ور چڙهيل آهي جڏهن ته سنڌ جي 40 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي ۽ لکين ماڻهون ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سنڌ صوبي جي گرانٽس بجيٽ سرپلس ۽ پيٽروليم ليوي فوري طور تي ختم ڪئي وڃي

عوامي تحريڪ ڄامشورو پاران ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو،ڪيمپ قائم

پاڻي جي کوٽ،تڪراري ڪئنالن، 28هين آئيني ترميم،وسيلن تي قبضي،روڊن ڏوهن،مهانگائي،بدامني، بيروزگاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ کي پنهنجي آئيني حصي موجب سنڌو درياهه مان مڪمل پاڻي فراهم ڪيو وڃي،تڪراري ڪئنالن جا منصوبا ختم ڪيا وڃن:مصطفيٰ رانجهاڻي

اغوا جا واقعا وڌي چڪا آهن،پريا ڪماري، اجالا پروين سولنگي سميت گم ٿيل ٻارڙن کي فوري طور بازياب ڪري جوابدارن کي سزا ڏني وڃي

اسڪولن جي نجڪاري، ڪرپشن بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ لاڳاپيل ادارن جي ناقص ڪارڪردگي سبب غريب عوام مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)عوامي تحريڪ ضلع ڄامشورو پاران ڪوٽڙي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي کوٽ تڪراري ڪئنالن 28هين آئيني ترميم سنڌ جي وسيلن تي قبضي عورتن ۽ ٻارڙن جي اغوا وڌندڙ ڏوهن مهانگائي بدامني بيروزگاري ۽ ٻين عوامي مسئلن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن حڪومت خلاف نعريبازي ڪندي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مصطفيٰ رانجهاڻي، شيخ جمال برفاڻي عبدالله جاکڙو سلطان خاصخيلي انصاف جتوئي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ کي پنهنجي آئيني حصي موجب سنڌو درياهه مان مڪمل پاڻي فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته سنڌ جي عوام جي خدشن کي نظر ۾ رکندي تڪراري ڪئنالن جا منصوبا ختم ڪيا وڃن هنن چيو ته پاڻي جي کوٽ سبب زراعت ماحول ۽ پيئڻ جي پاڻي جا مسئلا ڏينهون ڏينهن سنگين بڻجندا پيا وڃن جنهن جو سڌو سنئون اثر لکين ماڻهن جي زندگي تي پئجي رهيو آهي.هنن چيو ته صوبي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن جي اغوا جا واقعا ڳڻتي جوڳي حد تائين وڌي چڪا آهن پريا ڪماري، اجالا پروين سولنگي سميت گم ٿيل ٻارڙن کي فوري طور بازياب ڪري جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏني وڃي ته جيئن متاثر خاندانن کي انصاف ملي سگهي .اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ تعليم ۽ صحت جا شعبا شديد بحران جو شڪار آهن. سرڪاري اسڪولن جي نجڪاري، ڪرپشن بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ لاڳاپيل ادارن جي ناقص ڪارڪردگي سبب غريب عوام مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. حڪومت کي گهرجي ته سرڪاري تعليمي ادارن کي مضبوط بڻايو وڃي، صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ عوام کي بنيادي حقن کان محروم نه رکيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته ڄامشورو ۽ ڪوٽڙي جي رهواسين کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي، امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي منشيات جي وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪئي وڃي، بيروزگار نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن ۽ عوامي آمدرفت کي آسان بڻائڻ لاءِ سرڪاري بس سروس فوري طور بحال ڪئي وڃي.احتجاج جي پڇاڙي تي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن عوامي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ تائين وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن تي هوندي

دوڙ ۾ واٽر ڪورس بند ڪرڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام،سپاٽي مهراڻ هاءِ وي بند ڪرڻ جو اعلان

امرجي شاخ مان نڪرندڙ ڊولو مائنر ۽ جيمس شاخ جا واٽر ڪورس روٽيشن جو جواز ڄاڻائي گذريل ٻن مهينن کان بند ڪيا پيا وڃن:بلاول ڪيريو

سرويئر امجد علي لاکو ۽ رٽائرڊ داروغي نثار کوکر مبينا طور ڪيريا برادري جا ٻنج ۽ رند برادري جو هڪ واٽر ڪورس بند ڪرايا آهن:اسامه زادي جمالي

سوين ايڪڙ زرعي زمين پاڻي کان محروم ٿي وئي آهي،آبادگارن خلاف دوڙ ٿاڻي تي ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرايون ويون آهن

داخل ڪيل ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو،آبادگارن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا نه مڃيا ويا ته سپاٽي مهراڻ هاءِ وي بند ڪيو ويندو

دوڙ (ن ع)دوڙ ۾ آبادگارن جي پريس ڪانفرنس،واٽر ڪورس بند ڪرڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جا الزام سپاٽي مهراڻ هاءِ وي بند ڪرڻ جو اعلان،اريگيشن جي ڊجيمس شاخ ۽ ڊولو مائنر جي آبادگارن دوڙ پريس ڪلب ۾ يوسي چيئرمين ۽ آبادگار اڳواڻ حاجي بلاول ڪيريو ۽ اسامه زادي جمالي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي آبپاشي عملدارن خلاف سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو.ان موقعي تي عبدالشڪور زرداري، عزيزالله لسڪاڻي، مير حسن ڪيريو طارق ديناري، شاهنواز ڪيريو فتح محمد بروهي، عبدالعزيز رند ۽ ٻين آبادگارن چيو ته امرجي شاخ مان نڪرندڙ ڊولو مائنر ۽ جيمس شاخ جا واٽر ڪورس روٽيشن جو جواز ڄاڻائي گذريل ٻن مهينن کان بند ڪيا پيا وڃن جنهن سبب سوين ايڪڙ زرعي زمين پاڻي کان محروم ٿي وئي آهي آبادگارن الزام هنيو ته امرجي شاخ جي سرويئر امجد علي لاکو ۽ رٽائرڊ داروغي نثار کوکر مبينا طور ڪيريا برادري جا ٻنج ۽ رند برادري جو هڪ واٽر ڪورس بند ڪرايا آهن هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته آبادگارن خلاف دوڙ ٿاڻي تي ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرايون ويون آهن جيڪي قانون جي ڀڃڪڙي آهن.پريس ڪانفرنس دوران آبادگارن اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي واٽر ڪورس بحال ڪرڻ، مبينا ناجائزين جو خاتمو آڻڻ ۽ داخل ڪيل ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن مطالبا نه مڃيا ويا ته سپاٽي مهراڻ هاءِ وي بند ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو

دوڙ بلاول ڪيريو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي عوام دشمن بجيٽ ۽ مهانگائي، لوڊشيڊنگ، پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف ريلي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي ايس يو پي ضلعي ٽنڊو محمد خان جي سينيئر نائب صدر عمران لغاري،امتياز نوناري، غلام علي شاهه مختيار خاصخيلي حسيب ڪولاچي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت جي پيش ڪيل بجيٽ عوام دشمن بجيٽ آهي جنهن سان غريب ۽ وچولي طبقي وارن ماڻهن ۾ مشڪلاتون وڌيڪ وڌنديون وڃن ۽ ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي بجلي جي ڏگهي لوڊشيڊنگ، پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل واڌ سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهي جڏهن ته حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران وڌيڪ معاشي بار وجهي پريشان ڪيو آهي

هوسڙي ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف ٿر ڪٽي انوکو احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي هوسڙي جي رهواسي انور ملاح منشيات جي سرعام وڪري خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي، هٿ ۾ ڪارو ٿئو کڻي پاڻ کي زنجير ۾ جڪڙي انوکو احتجاج ڪيو هن الزام هڻندي چيو ته حيدرآباد جي علائقن قاسم آباد، لطيف آباد،حيدرآباد شهر توڙي ڀهراڙي جي علائقن ۾ آئيس، چرس، ڪچو توڙي ولائتي شراب سرعام وڪرو ٿي رهي آهي جڏهن ته پوليس نالي ماتر ڪارروايون ڏيکاري خانا پوري ۾ رڌل آهي هن چيو ته منشيات ڪيترن ئي ماڻهن کان نوان اولاد کسي ورتي ته ڪن جي گهر جو چير چانو کسي ورتي پر منشيات جو وڪرو بند نه ٿيو هن چيو ته منشيات جي وڪري سان ڏوهه وڌي ويا آهن

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ايس يو پي پاران عوام دشمن بجيٽ خلاف احتجاج

موجوده بجيٽ ۾ سنڌ جي جائز حقن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي:غلام محمد گاڏهي

صوبي جي ترقي،روزگار، تعليم،صحت ۽ عوامي ڀلائي جا شعبا سخت متاثر ٿيندا

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع)سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن بجيٽ خلاف سخت احتجاج ڪندي مطالبو ڪري ٿي ته وفاق سنڌ سان ٿيندڙ معاشي ناانصافيون ۽ اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبي جي حقن تي ٿيندڙ ڌاڙو فوري طور بند ڪري.اهڙو اظهار ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي نڪتل احتجاجي مظاهري کي پريس ڪلب اڳيان غلام محمد گاڏهي،نثار لاڪير ۽ ٻين خطاب ڪندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته موجوده بجيٽ ۾ سنڌ جي جائز حقن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي جنهن سبب صوبي جي ترقي، روزگار تعليم، صحت ۽ عوامي ڀلائي جا شعبا سخت متاثر ٿيندا. هن اهو به چيو ته سنڌ جي بجيٽ پنجاب تي خرچ ڪري سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي.ايس يو پي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وسيلن تي پهريون حق سنڌ واسين جو آهي تنهن ڪري وفاق طرفان سنڌ جي حصي ۾ گهٽتائي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي آئيني، مالي ۽ وسيلن بابت حقن جو مڪمل تحفظ يقيني بڻايو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه ايس يو پي پاران عوام دشمن بجيٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پٽ شاهه جي سيني وڏن ننڍن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وياج جو ڪاروبار سرعام جاري

نوجوانن سميت مرد ۽ عورتون وياج جي ور چڙهيل،ڪيترائي ماڻهو پنهنجون زمينون جائداد گاڏيون بنگلا ڪپائي پئسا وياج ۾ لٽائي چڪا

وياج خور پاڻ کي ايترو بااثر سمجهن ٿا جو کلي عام دعويٰ ڪري رهيا آهن ته اسان کي ڪو به ڪجهه نٿو ڪري سگهي:رهواسي

وياجين سبب ڪيترائي نوجوان پنهنجي قيمتي زندگيون به وڃائي ويٺا آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي خاندانن جا گهر اجڙي ويا آهن

نوٽيس وٺي وياج جو ڪاروبار ڪندڙن ۽ انهن جي ساٿارين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج تحريڪ هلائي ويندي

پٽ شاهه (ن ع)پٽ شاهه جي وڏن ننڍن ڪنڊو ڪيبر،هالا پٽ شاهه نيوسعيدآباد اڏيرولال سميت ضلعي جي تقريبن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وياج جو ڪاروبار عروج تي پهتل آهي جنهن ڪري نوجوانن سميت مرد ۽ عورتون وياج جي ور چڙهيل آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو پنهنجون زمينون جائداد گاڏيون بنگلا ڪپائي پئسا وياج ۾ لٽائي چڪا آهن پر سنڌن جان اڃا نٿي ڇٽي هتان جي رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين کي آگاهه ڪيو ويو آهي پر اڃا تائين ڪا اثرائتي ڪارروائي نظر نه آئي آهي علائقي ۾ اهو به بحث هلي رهيو آهي وياج خور پاڻ کي ايترو بااثر سمجهن ٿا جو کلي عام دعويٰ ڪري رهيا آهن ته "اسان کي ڪو به ڪجهه نٿو ڪري سگهي" افسوس جو وياجين سبب ڪيترائي نوجوان پنهنجي قيمتي زندگيون به وڃائي ويٺا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي خاندانن جا گهر اجڙي ويا آهن ۽ والدين پنهنجي نوجوان اولاد جي مستقبل بابت ڳڻتين ۾ مبتلا آهن هتان جي رهواسين سياسي سماجي مذهبي ڌرين وفاقي توڙي صوبائي حڪومت توڙي حد جي انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي وياج جو ڪاروبار ڪندڙن ۽ انهن جي ساٿارين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج تحريڪ هلائي ويندي

واٽر سپلائي اسڪيمن تي ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا پيا وڃن:خورشيد جوڻيجو

ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا پيا وڃن ته جيئن عوام جون تڪليفون گهٽ ٿي سگهن

چونڊيل ايم اين اي ۽ پ پ اڳواڻ عوام جي بغير مت ڀيد جي خدمت ڪندا رهندا

شهدادڪوٽ (د ر)شهدادڪوٽ مان چونڊيل ايم اين اي ۽ پ پ اڳواڻ خورشيد احمد جوڻيجو شهدادڪوٽ جو دورو ڪيو ان موقعي تي پ پ سٽي جي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو سان عذرخواهي ڪئي جڏهن ته دوري دوران ايم اين اي مختلف برادري جي ماڻهن ۽ ڪارڪنن سان عذرخواهيون پڻ ڪيون ويون هوڏانهن پ پ جي ايم اين اي پنهنجي تڪ جي مختلف شهرن جي چيئرمينن ۽ پ پ اڳواڻن مير امتياز بروهي ، مير آصف علي لغاري رئيس واجد خان چانڊيو ۽ سرائي قربان علي سومرو سان سنڌن جي فنڊز سان هلندڙ ترقياتي منصوبن بابت مشاورتي گڏجاڻي ڪئي دهامره جوڻيجا هائوس ۾ رٿيل گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو چيو ته واٽر سپلائي سميت ٻين اسڪيمن تي ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا پيا وڃن ته جيئن عوام جون تڪليفون گهٽ ٿي سگهن ۽ عوام جي بغير مت ڀيد جي خدمت ڪندا رهنداسين

شهدادڪوٽ پ پ اڳواڻ ۽ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو عذر خواهي ڪري رهيو آهي

40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)تعليم کاتي سنڌ ۾ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي سکر آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ظهيرعباس،فهد شيخ،عارف ڪليري،سعديه،ثمينه بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جي 40پلس مارڪون کڻندڙ اميدوار گذريل 120 مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي .هڪ پاسي اهي اميدوار آفر آرڊرن جي انتظار ۾ ويٺل آهن جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏيڻيون هيون ته پوءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هنن چيو ته اسان جي والدين ۽ وارثن اسان کي محنت مزدوري ڪري پڙهايو ۽ اسان محنت اهليت جي بنياد تي آءِ بي اي سکر جي ٽيسٽ ۾ 40پلس مارڪون کنيون پر سنڌ حڪومت پ پ جي چونڊيل نمائندن جي ٻٽي معيار سبب اسان جي محنت ضايع ٿي رهي آهي.

بااثر ماڻهو اسان جي زرعي زمين مان غير قانوني واٽر ڪورس ڪڍي ورتو آهي: بخش علي لاشاري

ڌانهون ڪرڻ تي الٽو اسان خلاف ڪيس داخل ڪري گهرن ۾ گهڙي مارڪٽ ڪئي وئي آهي

وس وارن کي اپيل آهي ته اسان جي زرعي زمين واٽر ڪورس ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جي ڳوٺ بنگل لاشاري جي رهواسي بخش علي لاشاري ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڌانهو ڪيو آهي ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن علي شير لاشاري، علي نواز لاشاري، عنايت لاشاري ۽ ٻين سنڌن زرعي زمين مان واٽر ڪورس ڪڍي ورتو آهي جنهن سبب اسان جي زمين کي نقصان پهچي رهيو آهي زمين ۾ سم ۽ ٻيا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن الٽو ڌانهون ڪرڻ تي اسان خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ايتري قدر جو گهر ۾ گهڙي مارڪٽ پڻ ڪري ويا آهن هن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڄاڻايل واٽر ڪورس ختم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

پاڪستان پيپلز پارٽي دادو طرفان يوم سياهه ملهايو ويو

پير هائوس پيپلز سيڪريٽريٽ کان دادو پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

5 جولاءِ پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ المناڪ ڏينهن آهي:پير مجيب الحق

دادو(د ر) 5 جولاءِ 1977 تي جمهوريت تي لڳايل آمراڻي وار ۽ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ واري ڪاري ڏينهن جي ياد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان يوم سياهه ملهايو ويو. پاڪستان پيپلزپارٽي دادو ضلعي جي صدر ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق ان سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه دادو ۽ سٽي دادو پاران پير هائوس، پيپلز سيڪريٽريٽ دادو کان دادو پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي.ريلي جي اڳواڻي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي نائب صدر محمد شريف جمالي، پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد حسين ڏاهري، پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه دادو جي صدر ايڊووڪيٽ ايم عمر پنهور پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه جوهي جي صدر نقاد ٿهيم رئيس محمد رجب شاهاڻي، پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي دادو جي صدر احمد نواز سولنگي، سينيئر نائب صدر افتخار احمد راهوجو پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه دادو جي سينيئر نائب صدر وڏيرو حسين سولنگي نائب صدر امتياز پنهور واجد علي ملاح انفارميشن سيڪريٽري تعلقه دادو، ڪامريڊ نظيراحمد قنبراڻي، محمد صالح پنهور عبدالڪريم لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي عهديدارن، ڪارڪنن، جيالن ۽ همدردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پريس ڪلب اڳيان ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته 5 جولاءِ 1977 جي آمراڻي اقدام جي سخت مذمت ڪندي چيو ته جمهوريت، آئين جي بالادستي لاءِ 5 جولاءِ پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ المناڪ ڏينهن آهي، جڏهن عوام جي چونڊيل حڪومت کي غير آئيني طريقي سان ختم ڪيو ويو هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه جمهوريت، آئين ۽ عوام جي حقن جي حفاظت لاءِ جدوجهد ڪندي رهندي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب سميت جمهوريت لاءِ قرباني ڏيندڙن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو

دادو پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان يوم سياهه ملهايو پيو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 06 جولاءِ 2026ع

پيٽروليم : رليف جون دعوائون يا عوام سان مذاق؟.

پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ معمولي گهٽتائيءَ جو اعلان هر ڀيري سرڪاري حلقن طرفان عوامي رليف طور پيش ڪيو ويندو آهي پر جڏهن انهن قيمتن جي جوڙجڪ جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي ٿو ته صورتحال بلڪل مختلف نظر اچي ٿي. تازو سامهون آيل انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت جو وڏو حصو اصل پيداوار يا درآمدي لاڳت نه پر حڪومت طرفان لاڳو ڪيل مختلف ليوين، ٽيڪسن ۽ مارجنز تي مشتمل آهي. اهڙي صورتحال ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا حڪومت واقعي عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي يا وري پيٽروليم شين کي آمدني گڏ ڪرڻ جو آسان ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي؟ دستاويزن موجب هڪ ليٽر پيٽرول جي بنيادي لاڳت 178 رپيا 77 پئسا آهي، پر اهو ساڳيو پيٽرول عوام کي 297 رپيا 53 پئسا في ليٽر وڪرو ڪيو پيو وڃي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته بنيادي قيمت کان لڳ ڀڳ 119 رپيا وڌيڪ رقم مختلف نالن سان عوام کان وصول ڪئي پئي وڃي. اهڙيءَ طرح هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي بنيادي لاڳت 198 رپيا 85 پئسا آهي، جڏهن ته صارفين کان 309 رپيا 50 پئسا في ليٽر وصول ڪيا پيا وڃن. هي فرق صرف ڪاروباري خرچن جو نتيجو نه پر سرڪاري پاليسين جو عڪس آهي، جن ۾ پيٽروليم ليوي، ڪلائيميٽ سپورٽ ليوي، ڪسٽمز ڊيوٽي ۽ ٻيا مارجنز شامل آهن.

حڪومت طرفان پيٽروليم ليوي کي آمدنيءَ جو هڪ اهم ذريعو بڻايو ويو آهي. پيٽرول ۽ ڊيزل تي وڏي رقم ليوي جي صورت ۾ ورتي پئي وڃي ان کان علاوه ڪلائيميٽ سپورٽ ليوي جهڙا نوان بار به عوام تي وڌا ويا آهن. موسمياتي تبديلي جي نالي تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ يقيناً عالمي رجحانن سان هم آهنگ ٿي سگهي ٿو پر پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي مهانگائي اڳ ئي عوام جي برداشت کان ٻاهر آهي، اتي اهڙن اضافي بارن کي جائز قرار ڏيڻ ڏکيو آهي. جيڪڏهن حڪومت واقعي ماحولياتي بهتريءَ لاءِ سنجيده آهي ته ان جا نتيجا به عوام جي سامهون اچڻ گهرجن نه ته ليوي صرف نون ٽيڪسن جو خوبصورت نالو بڻجي وڃن ٿي. وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته حڪومت طرفان صرف هڪ رپيو 97 پئسا في ليٽر گهٽتائي کي وڏي ڪاميابي ۽ عوامي رليف طور پيش ڪيو ويو آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ جيڪڏهن حڪومت پنهنجي وصول ڪيل ليوين ۽ ٽيڪسن ۾ معمولي گهٽتائي به ڪري ها ته عوام کي ڏهه کان ويهه رپيا في ليٽر تائين سستو پيٽرول ملي سگهي ها. اهڙي پس منظر ۾ هن ريبين جي گهٽتائي عوامي رليف کان وڌيڪ علامتي قدم محسوس ٿئي ٿي، جنهن جو عام ماڻهوءَ جي زندگي تي ڪو خاص اثر نه پوندو. پيٽروليم شين جون قيمتون صرف گاڏين تائين محدود ناهن هونديون، بلڪ انهن جو اثر سڄي معيشت تي پوي ٿو. ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌڻ سان خوراڪ، دوائن، زرعي شين ۽ روزمره استعمال جي تقريباً هر شيءِ جي قيمت متاثر ٿيندي آهي. خاص طور تي ڊيزل جي مهانگائي زراعت ۽ مال برداري جي شعبي تي سڌو اثر وجهي ٿي، جنهن جو بار آخرڪار صارفين کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته پيٽروليم شين تي وڌندڙ ٽيڪسن جو اثر صرف گاڏي هلائيندڙ طبقي تائين محدود نه هوندو آهي، پر ملڪ جي هر شهريءَ جي زندگي تي پوي ٿو.

ملڪ جو عام شهري اڳ ئي بجلي، گئس، خوراڪ ۽ ٻين ضروري شين جي مهانگائيءَ هيٺ دٻيل آهي. اهڙي وقت ۾ پيٽروليم شين کي سرڪاري آمدني جو مستقل ذريعو بڻائڻ عوامي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ برابر آهي. حڪومت کي گهرجي ته پيٽروليم ليوي ۽ ٻين ٽيڪسن جي شرح تي نظرثاني ڪري، شفافيت کي يقيني بڻائي ۽ اهڙي متوازن پاليسي اختيار ڪري جيڪا رياستي ضرورتن ۽ عوامي مفادن ٻنهي جو خيال رکي. ٻي صورت ۾ هر نئين قيمتي اعلان سان گڏ رليف جون دعوائون ته ٿينديون رهنديون پر عوام جي اکين ۾ اهي دعوائون آهستي آهستي پنهنجو اعتبار وڃائينديون رهنديون.

اروڙ يونيورسٽي: ٽيڪنالاجي جي نئين دور ڏانهن سفر!



رحمت الله ٻرڙو

سنڌ جي تاريخي شهر اروڙ جي نالي سان قائم ٿيل اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊزائين اينڊ هيريٽيج رڳو هڪ تعليمي ادارو نه پر فن، ثقافت، ورثي ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي سنگم طور اڀري رهي آهي پاڪستان ۾ اعليٰ تعليم جي شعبي ۾ جتي گهڻيون يونيورسٽيون روايتي مضمونن تائين محدود آهن، اتي اروڙ يونيورسٽي پنهنجي منفرد سڃاڻپ فنون لطيفه، آرڪيٽيڪچر، ڊزائين ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ سان جوڙي آهي گذريل ڪجهه سالن دوران هائير ايجوڪيشن ڪميشن آف پاڪستان پاران هن يونيورسٽي کي مالي ۽ اداراتي سهڪار فراهم ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد جديد تحقيق، جدت ۽ تخليقي معيشت (Creative Economy) کي فروغ ڏيڻ آهي

هڪ ارب ريين جي لڳ ڀڳ PSDP منصوبي جي اهميت: هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) جي سهڪار سان اروڙ يونيورسٽي ۾ "Immediate Needs for Artistic Innovation and Technology Integration at Aror University of Art, Architecture, Design and Heritage Sindh" نالي هڪ وڏو PSDP منصوبو هلي رهيو آهي هن منصوبي جي مجموعي لاڳت تقريباً 971.7 ملين رپيا مقرر ڪئي وئي آهي ۽ ان جو بنيادي مقصد فن، ڊزائين، تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ آهي منصوبي جا اهم مقصد هي آهن: جديد ليبارٽريون ۽ اسٽوڊيوز قائم ڪرڻ شاگردن لاءِ جديد ڊجيٽل سهولتون مهيا ڪرڻ تحقيق ۽ جدت کي هٿي ڏيڻ يونيورسٽي ۽ صنعت جي وچ ۾ فاصلو گهٽائڻ ثقافتي ورثي جي تحفظ سان گڏ نئين ٽيڪنالاجي کي فروغ ڏيڻ نوجوانن ۾ ڪاروباري ۽ تخليقي صلاحيتن کي وڌائڻ **هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي مانيٽرنگ ۽ اطمينان:** 2025ع دوران HEC جي مانيٽرنگ اينڊ ايووليوئيشن ڊويزن جي ٽيم اروڙ يونيورسٽي جو دورو ڪيو دوري دوران منصوبي جي مالي ۽ فزيڪل اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي نمائندن منصوبي جي معيار ۽ پيشرفت تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ يونيورسٽي انتظاميا جي ڪوشش کي ساراهيو اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته وفاقي سطح تي جاري هي منصوبو نه رڳو ڪاغذن تائين محدود آهي پر عملي طور تي به اڳتي وڌي رهيو آهي **تحقيق ۽ جدت جو مرڪز ORIC:** هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي هدايتن تحت يونيورسٽي ۾ Office of Research, Innovation and Commercialization (ORIC) قائم ڪيو ويو آهي هيءُ ادارو استادن، محققن ۽ شاگردن کي تحقيق فنڊنگ، پيٽنٽس صنعت سان رابطن ۽ ڪمرشلائيزيشن بابت سهولتون فراهم ڪري ٿو اداري جو بنيادي مقصد اهو آهي ته يونيورسٽي اندر ٿيندڙ تحقيق صرف مقالن تائين محدود نه رهي پر عملي شين ڪاروباري خيالن ۽ سماجي مسئلن جي حل ۾ تبديل ٿي سگهي **تحقيق کي معيشت سان ڳنڍڻ:** هائير ايجوڪيشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ ORIC نيٽ ورڪ ذريعي يونيورسٽين کي صنعت سان ڳنڍڻ جي پاليسي تي عمل پيرا آهي ان تحت محققن کي مختلف گرانٽس خاص طور تي National Research Program for Universities (NRPU) ۽ ٻين فنڊنگ اسڪيمن اروڙ يونيورسٽي لاءِ اهم موقعو آهن ڇاڪاڻ ته آرٽ، ڊزائين، ورثي جي تحفظ ۽ تخليقي صنعتن ۾ پاڪستان وٽ وڏي معاشي صلاحيت موجود آهي جيڪا اڃا مڪمل طور استعمال نه ٿي آهي **ثقافتي ورثي جي تحفظ ۾ نئون ڪردار:** سنڌ جي قديم تهذيب، موهن جو دڙو، اروڙ رني ڪوٽ ۽ ٻين تاريخي ماڳن جي دستاويزڪاري، ڊجيٽل آرڪائيو ۽ تحفظ لاءِ به يونيورسٽي وٽ اهم موقعا موجود آهن جديد ٽيڪنالاجي جهڙوڪ 3D اسڪيننگ، ڊجيٽل ماڊلنگ ۽ ورچوئل ميوزيمز جي ذريعي سنڌ جي ورثي کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائي سگهجي ٿو PSDP منصوبي جو هڪ مقصد به ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي گڏيل استعمال کي فروغ ڏيڻ آهي **مستقبل جا امڪان:** جيڪڏهن هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي مالي سهڪار ORIC جي اداراتي صلاحيت ۽ يونيورسٽي جي علمي وسيلن کي مؤثر نموني استعمال ڪيو ويو ته اروڙ يونيورسٽي مستقبل ۾ پاڪستان جي تخليقي معيشت، آرٽس ڊزائين آرڪيٽيڪچر ۽ ثقافتي تحقيق جي اهم مرڪزن مان هڪ بڻجي سگهي ٿي سنڌ لاءِ به اها سٺي صورتحال هوندي، ڇاڪاڻ ته صوبي ۾ ڀريون پيرو اهڙي نوعيت جو ادارو فن ۽ ورثي کي جديد ٽيڪنالاجي سان جوڙي رهيو آهي حقيقت ۾ اروڙ يونيورسٽي جو هي سفر رڳو هڪ يونيورسٽي جي ترقي نه پر سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ، علمي خوداعتمادي ۽ تخليقي معيشت جي مستقبل سان جڙيل هڪ اهم قومي ڪوشش آهي **جديد پاڻي جي سپلائي، فلٽريشن ۽ ڊسٽريبيوشن سسٽم:** يونيورسٽيءَ لاءِ هڪ جامع پائيدار پاڻيءَ جي فراهميءَ جو نظام تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ نارا ڪينال مان لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تان پاڻي حاصل ڪرڻ جو انتظام شامل آهي هن منصوبي ۾ M/s So-Safe پاران جديد پاڻي صاف ڪرڻ جون سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن جن ۾ الٽرا فلٽريشن (UF) ميمبرين ٽيڪنالاجي ۽ ريورس اوسموسس (RO) شامل آهن جيڪي پاڻيءَ مان نقصانڪار بيڪٽيريا ۽ ٻين آلودگين کي مؤثر طريقي سان ختم ڪن ٿيون ان کان علاوه منصوبي ۾ اعليٰ گنجائش واري پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي ڍانچي ۽ سڄي ڪيمپس ۾ پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ اندروني نيٽ ورڪ پڻ شامل آهي اهو نظام اهڙي ريت تيار ڪيو ويو آهي جو يونيورسٽي جي تعليمي گهريلو ۽ باغباني جي ضرورتن لاءِ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي قابل اعتماد ۽ ڏگهي مدي واري پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي پاڻيءَ جي صفائي ذخيرن ۽ وسيلن جي مؤثر انتظام ذريعي هيءُ منصوبو اعليٰ ڪارڪردگي سان ڪم ڪري ٿو ان سان گڏ 100 سيڪٽرو شمسي توانائي (آن گرڊ ۽ آف گرڊ) جي انضمام کي يقيني بڻايو ويو آهي جنهن سان سڄو نظام پائيدار، ماحول دوست ۽ توانائي جي بچت وارو بڻجي ويو آهي اهو پروجيڪٽ سالياني ترقياتي پروگرام (ADP) تحت تقريباً 179.2 ملين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي **جديد طرز تي تعمير ڪرايل سينٽرل لائبريري:** تقريباً 12 هزار چورس فوٽن تي مشتمل هڪ جديد ۽ تحقيق ۽ تعليم جي مقصد لاءِ تعمير ڪيل سينٽرل لائبريري قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ لڳ ڀڳ 4 سئو شاگردن جي ويهڻ جي گنجائش موجود آهي اهڙي سهولت جديد مطالعي تحقيق ۽ ڊجيٽل سکيا جي جديد وسيلن سان آراسته آهي ان کان علاوه يونيورسٽيءَ نيشنل ۽ انٽرنيشنل ڪتابن جو ناياب ذخيرو ۾ پڻ دستياب آهي لائبريري ۾ جديد RFID تي ٻڌل لائبريري مئنيجمينٽ سسٽم (LMS)، سيلف چيڪ-اِن يا چيڪ-آئوٽ ڪيوسڪ، ڊجيٽل آرڪائيو ۽ ڪتاب اسڪيننگ سسٽم ۽ مڪمل طور تي فرنشڊ سمارٽ لرننگ اسپيسز مهيا ڪيا ويا آهن ان سان گڏ مستقبل جي جديد ٽيڪنالاجي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ توسيع جي گنجائش پڻ رکي وئي آهي سالياني ترقياتي پروگرام (ADP) جي هن اهم جزو کي تقريباً 8.5 ڪروڙ رپين (85 ملين رپيا) جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي جيڪو يونيورسٽي ۾ علمي، تحقيقي ۽ ڊجيٽل تعليمي سرگرمين جي واڌاري لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو

عبدالستار بچاڻي جي ڀرپور ورسيءَ تي: هڪ دوست جي ياد

آمريڪا جي فضائن مان

راجا زاهد اختر خانزاده

ڪي ماڻهو مرڻ کان پوءِ به ناهن مرندا هو رڳو يادگيرين ۾ ئي نه رهندا آهن پر ماڻهن جي ڳالهين ۾، پنهنجن فيصلن ۾، پنهنجي ڪردار ۾ ۽ انهن دلين ۾ رهندا آهن جن کي هنن پنهنجي محبت، پنهنجي اخلاص ۽ پنهنجي وفاداري سان ڇهيو هوندو آهي وقت، سندن جسم ته زمين حوالي ڪري ڇڏيندو آهي پر سندن نالو، سندن ڪردار ۽ سندن خوشبوءِ تاريخ جي صفحن تان ڪڏهن به ميساري نه سگهندو آهي اسان جي تنبي اهيار جي مٽي به اهڙو ئي هڪ ماڻهو پيدا ڪيو هو جنهن جو نالو عبدالستار بچاڻي هو.

5 جولاءِ 2025ع تي جڏهن ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال مان سندس لاڏاڻي جي خبر ملي ته مون کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ منهنجي زندگيءَ جي هڪ وڏي محفل اوچتو خاموش ٿي وئي هجي ائين لڳو ڄڻ ڇليهن سالن جون يادون، سياسي ويهڪون، دوستيون، اختلاف، صلاحون، ڪِل ڀوڳ ۽ بيشمار ملاقاتون هڪ ئي پل ۾ ماضي بڻجي ويون هجن ڪجهه ماڻهو زندگيءَ جي سفر ۾ رڳو گڏ هلندا آهن پر ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پاڻ ئي ان سفر جو حصو بڻجي ويندا آهن عبدالستار بچاڻي منهنجي لاءِ صرف هڪ سياستدان نه هو پر اهڙو دوست هو، جنهن سان وقت هڪ اهڙو رشتو جوڙي ڇڏيو هو جنهن کي ڪنهن نالي جي ضرورت ئي نه هئي هو مون کي ڪڏهن به صرف صحافي نه سمجهندو هو، هميشه چوندو هو ته "راجا ته پنهنجو آهي، منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي" شايد انهيءَ ڪري جڏهن به اسلام آباد ويندو هو ته سنڌس ڪمري جو ليونگ ايريا منهنجو ٿي ويندو هو، پر مون کي ڪڏهن به اهو احساس نه ٿيڻ ڏيندو هو ته مان مهمان آهيان در ڪلندي ئي چهري تي اها ئي ساڳي مرڪ اچي ويندي هئس ۽ چوندو هو "راجا...! اوهان اچي ويا آهيو، هاڻي ته هتي رونق ٿي وئي" اها رڳو مهمان نوازي نه هئي اها اعتماد جي اها منزل هئي جتي هر ماڻهو پهچي نٿو سگهي

اسلام آباد هجي ڪراچي هجي ٽنڊو الهيار هجي يا سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ سياسي ويهڪ، هو مون کي هميشه پاڻ سان گڏ رکندو هو اهم سياسي فيصلا هجن يا ذاتي ڳالهيون، ڪيترائي ڀيرا هو پاڻ ئي چوندو هو ته "راجا، تنهنجي راءِ ڇا آهي؟" مان پنهنجي راءِ ڏيندو هئس ڪڏهن اختلاف به ڪندو هئس. ڪڏهن بنا گهرڻ جي به صلاح ڏئي ڇڏيندو هئس هو خاموشيءَ سان ٻڌندو هو، سوچيندو هو ۽ پوءِ فيصلو ڪندو هو.

اڄ پوئتي موٽي ڏسان ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته سنڌس ڪيترن ئي اهم سياسي فيصلن ۾ منهنجي راءِ به ڪنهن نه ڪنهن

عبدالستار بچاڻي جي پنهنجي ويجهي دوست ۽ هن مضمون جي ليکڪ راجا زاهد اختر خانزاده ۽ سنڌس پٽ رڪن قومي اسيمبليءَ ذوالفقار ستار بچاڻي سان گڏ ورتل آخري يادگار تصوير

صورت ۾ شامل رهي شايد انهيءَ ڪري هو بار بار چوندو هو "تون آمريڪا ۾ سياست ڪر، مون کي يقين آهي ته تون تمام گهڻو اڳتي ويندين" مان هر ڀيري کلندي چوندو هئس "سائين..! سياست منهنجي وس جي ڳالهه ناهي، مان صحافت ۾ وڌيڪ خوش آهيان" هو زور سان کلندو هو، پوءِ چوندو هو "هڪ ڏينهن تون منهنجي ڳالهه ضرور مڃيندين" اهو ڏينهن ته نه آيو پر سنڌس محبت آخر تائين ساڳي رهي عبدالستار بچاڻي جي سياسي سفر جي شروعات رڳو هڪ چونڊ وڙهڻ سان نه ٿي هئي پر هڪ نظريي سان ٿي هئي 1977ع ۾ جڏهن هن عملي سياست ۾ قدم رکيو، تڏهن سنڌس سامهون صرف اقتدار جو رستو نه پر ذوالفقار علي ڀٽو جو اهو خواب هو، جنهن ۾ عام ماڻهوءَ کي عزت، هاريءَ کي سڃاڻپ ۽ جمهوريت کي مستقبل سمجهيو ويندو هو هن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو صرف هٿن ۾ نه کنيو پر پنهنجي ضمير جو حصو بڻائي ڇڏيو پوءِ ملڪ ۾ ڪيئي حڪومتون آيون ۽ ويون، اقتدار جي موسم به آئي ۽ ڏکيا ڏينهن به پر عبدالستار بچاڻي پنهنجي نظريي کان ڪڏهن به نه هٽيو ڪي ماڻهو حالتن سان گڏ پنهنجا رستا بدلائيندا آهن پر ڪي ماڻهو حالتن کي منهن ڏيندا آهن ۽ پنهنجي واٽ تي قائم رهندا آهن

جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ جڏهن جمهوريت جي آواز کي دٻايو پئي ويو، سياسي ڪارڪنن لاءِ جيل، ڪوڙا ۽ اذيتون هر روز جي ڳالهه بڻجي ويا هئا ان وقت خاموش رهڻ سڀ کان آسان ڪم هو پر عبدالستار بچاڻي خاموش رهڻ وارن مان نه هو ايم آر ڊي تحريڪ جڏهن سنڌ ڌرتيءَ تان اڀري ته هو انهن اڳواڻن ۾ شامل هو، جن جيل، اذيت ۽ ڪوڙن کي پنهنجي وفاداريءَ جي قيمت سمجهيو، حيدرآباد جيل کان وٺي مڇ جيل تائين سنڌس سفر ڪنهن ڏوهاريءَ جو نه پر هڪ نظرياتي ڪارڪن جو سفر هو

1988ع ۾ جڏهن محترمه بينظير ڀٽو اقتدار ۾ آئي ته عبدالستار بچاڻيءَ کي سنڌ حڪومت ۾ روينيو ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي جي وزارت ملي ساڳئي وقت هو حيدرآباد ڊويزن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو صدر به رهيو پر وزارت سنڌس مزاج کي تبديل نه ڪري سگهي هو اوطاق ۾ به ايتروئي سادو هو، جيترو وزارت جي آفيس ۾. هڪ هاري، هڪ مزدور، هڪ صحافي يا ڪو وڏو آفيسر، سڀني سان سنڌس لهجو ساڳيو هوندو هو شايد انهيءَ ڪري حيدرآباد ڊويزن ۽ ٽنبي اهيار جي سياست ۾ سنڌس نالو هڪ اداري جي حيثيت اختيار

ڪري ويو ماڻهو چوندا هئا ته جيڪڏهن بچاڻي صاحب سان ڳالهه ٿي وڃي ته گهٽ ۾ گهٽ توهان جي ڳالهه ضرور ٻڌي ويندي، سن 2000ع ۾ جڏهن مان آمريڪا منتقل ٿيس ته ڪيترن ماڻهن سمجهيو ته هاڻي شايد اسان جو رابطو گهٽجي ويندو پر ڪجهه رشتا فاصلا ختم نٿا ڪري سگهن اسان جون فون تي ڳالهيون ٿينديون هيون هو پاڪستان جي سياست بابت ڳالهائيندو، سنڌ جي حالتن تي ڳڻتي ظاهر ڪندو ۽ پوءِ کلندي چوندو "راجا، تون آمريڪا ۾ سياست ڪر، مون کي يقين آهي ته تون تمام اڳتي ويندين" مان هر ڀيري جواب ڏيندو هئس "سائين مان صحافي ئي ٺيڪ آهيان. سياست منهنجي مزاج جي ڳالهه ناهي" هو مرڪي چوندو هو "خير، تنهنجي مرضي پر مون کي تنهنجي صلاح تي اڄ به اوتروئي ڀروسو آهي" اها ڳالهه منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نه هئي 2002ع ۾ بچاڻي خاندان جي سياسي سفر هڪ نئون موڙ ورتو جڏهن عبدالستار بچاڻي پاڻ چونڊ وڙهڻ کان محروم ٿيو ته سنڌس گهرواري آپا شمشاد ستار بچاڻي عوام جي عدالت ۾ آئي ڪيترائي ماڻهو سمجهندا هئا ته شايد هوءَ صرف نالي جي اميدوار هوندي پر جلد ئي ثابت ٿي ويو ته هوءَ پنهنجي حق ۾ عوامي نمائندگي آهي هن رڳو پنهنجي مڙس جو سياسي سفر جاري نه رکيو پر پنهنجي شخصيت، وقار ۽ عوام سان سڌي رابطي ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ به جاءِ ناهي 2008ع ۾ ٻيهر سنڌس ڪاميابي ان ڳالهه جو ثبوت هئي ته عوام جو اعتماد ڪنهن هڪ شخص تي نه پر ان خاندان جي خدمت تي آهي محترمه بينظير ڀٽو پاران ڪيس پاڻ ٽڪيٽ ڏيڻ پڻ انهيءَ اعتماد جي وڏي نشاني هئي 2013ع ۾ عبدالستار بچاڻي پاڻ ٻيهر قومي اسيمبليءَ ۾ پهتو اها صرف چونڊن جي فتح نه هئي پر ماڻهن جي محبت جو اظهار هو قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌس موجودگي رڳو هڪ ميمبر جي موجودگي نه هئي پر سنڌ جي هارين مزدورن ۽ محروم ماڻهن جي آواز جي موجودگي هئي جڏهن هو ڳالهائيندو هو ته لڳندو هو سنڌ ڳالهائي رهي آهي ڳوٺاڻ ڳوٺاڻ روڊ هجي يا ٽنڊو بهاول جهڙا المناڪ واقعا، هو جڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ انهن جو ذڪر ڪندو هو ته سنڌس آواز ۾ سياست کان وڌيڪ انسانيت جو درد هوندو هو هو تقريرون ڪرڻ لاءِ نه پر پنهنجن ماڻهن جي وڪالت ڪرڻ لاءِ اٿندو هو ۽ شايد انهيءَ ڪري سنڌس لفظن ۾ وزن هوندو هو سنڌس وفاداريءَ جو اعتراف دوست ۽ مخالف به ڪندا هئا فريال تالپر جڏهن کيس "ڪن نسلن جو ساٿي" سڏيو ته اهو رڳو تعزيتي جملو نه هو پر سنڌس سڄي سياسي زندگيءَ جو خلاصو هو ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي محترمه بينظير ڀٽو، پوءِ آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري تائين عبدالستار بچاڻي هڪ ئي جهنڊي هيٺ بيٺو رهيو زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا سازش ناانصافيون به ٿيون، نقصان به رسيو ڪجهه ويجهن ماڻهن وفاداريءَ جو صلو به نه ڏنو پر مون ڪڏهن به سنڌس زبان تي شڪايت نه ٻڌي هو چوندو هو "نظريو جيڪڏهن مفادن سان ڳنڍجي وڃي ته پوءِ اهو نظريو نه رهندو" ۽ شايد انهيءَ ڪري اڄ به ماڻهو کيس رڳو هڪ سياستدان نه پر هڪ وفادار انسان جي حيثيت سان ياد ڪن ٿا

2018ع ۾ جڏهن عبدالستار بچاڻي پنهنجي پٽ ذوالفقار ستار بچاڻي، جنهن کي گهر وارا پيار مان "سومي" سڏيندا آهن کي سياسي ميدان ۾ آندو ته اها رڳو هڪ ٽڪ جي اميدواري نه هئي پر هڪ فڪر هڪ روايت ۽ هڪ عوامي اعتماد جي منتقلي هئي. ذوالفقار، جنهن جو نالو بچاڻي صاحب پنهنجي گهر ۾ پٽ ڄمڻ وقت شهيد قائد ذوالفقار علي ڀٽو سان والهانه محبت، گهري عقيدت ۽ نظرياتي وابستگيءَ جي اظهار طور رکيو هو. هاڻي پنهنجي والد جي سياسي ورثي جو امين بڻجي عوام آڏو بيٺو هو. اهو رڳو هڪ نالو نه هو پر هڪ نظريي سان وفاداريءَ جو زنده اظهار هو. ذوالفقار بچاڻي کي سياست ورثي ۾ ضرور ملي پر عوام جو اعتماد کيس پنهنجي ڪردار، خدمت ۽ عملي جدوجهد سان حاصل ڪرڻو هو. هن 2018ع جي عام چونڊن ۾ شاندار ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته 2024ع ۾ ان کان به وڌيڪ ووٽن سان ٻيهر عوام جو اعتماد حاصل ڪري ثابت ڪيو ته بچاڻي خاندان سان ماڻهن جو رشتو رڳو ناتي جو نه پر اعتماد، محبت ۽ خدمت جو رشتو آهي. ووٽن جو وڌندڙ انگ رڳو چونڊ نتيجو نه هو پر اهو انهيءَ ڳالهه جو اظهار هو ته ٽنبي اهيار جا ماڻهو اڄ به بچاڻي خاندان کي پنهنجي خوشين ۽ ڏکن جو ساٿي سمجهن ٿا. بچاڻي خاندان جي سياسي تاريخ پاڻ ۾ هڪ مڪمل داستان آهي. عبدالستار بچاڻي پاڻ سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر رهيا، پوءِ قومي اسيمبليءَ تائين پهتا، ان کان پوءِ آپا شمشاد ستار بچاڻي قومي اسيمبليءَ ۾ عوام جي نمائندگي ڪئي، وري عبدالستار بچاڻي پاڻ قومي اسيمبليءَ ۾ پهتا ۽ هاڻي ذوالفقار بچاڻي اهو سفر جاري رکيو بيٺو آهي. ٻاهران ڏسندڙ شايد ان کي صرف هڪ سياسي خاندان جون پر جيڪي ٽنبي الهيار جي سماج، ماڻهن ۽ تاريخ کي ڄاڻن ٿا، اهي سمجهن ٿا ته اهو رڳو هڪ خاندان جو سفر نه پر عوام ۽ پنهنجي نمائندن جي وچ ۾ ڏهاڪن تي پکڙيل اعتماد جو رشتو آهي. اهڙو رشتو نه پئسي سان ٺهندو آهي، نه اختيار سان پر ماڻهن جي درن تي وڃڻ، سندن غم ۾ ويهڻ، خوشين ۾ شامل ٿيڻ ۽ هر وقت موجود رهڻ سان پيدا ٿيندو آهي.

مون کان اڄ به مارشل لا جا اهي ڏينهن وسرن نٿا، جڏهن خوف هر دل تي ڇانيل هو. ڪيترائي ماڻهو پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کان به پري رهندا هئا پر جڏهن عبدالستار بچاڻي جي گلي ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيندي هئي ته منظر ئي بدلجي ويندو هو ماڻهو ٻوڙي اچي گاڏيءَ کي گهيري وٺندا هئا، ڪي محبت مان گاڏيءَ کي هٿ لائيندا هئا ۽ پوءِ 'جيئي ڀٽو' جا نعرا فضا ۾ گونجڻ لڳندا هئا مان انهن منظرن جو رڳو ٻڌندڙ نه پر اکين ڏٺو شاهد آهيان اڄ به اهي لمحا ذهن ۾ فلم وانگر هلي وڃن ٿا. اهو احترام اقتدار جو نه پر ڪردار جو هو. اقتدار ووٽن سان ملي سگهي ٿو پر دلين ۾ جاءِ صرف اخلاص سان ملندي آهي

پيرلوءِ: گم ٿيل ٻارن جي واپسيءَ لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم!



ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

سنڌ جي اترين ضلعن ۾ جيئن ئي جولاءِ جو مهينو شروع ٿيندو آهي ته نه رڳو گهٽ ۽ هوسٽ واري گرمي پر رات جي وقت مڇرن جو آزار به وڌي ويندو آهي ساڳي وقت ماضيءَ ۾ اڄوڪن ڏينهن اندر هتي سکر ۽ گڊو ٽ سنڌو درياهه ۾ پاڻي به پنهنجي موج ۽ مستيءَ ۾ هوندو هو هن وقت جيئوٽيڪ ته رڳو سانوڻيءَ جي منڊ پر خريف جو فصل پوکجڻ جا ڏينهن به اچي پهتا آهن پر سنڌو درياهه ۾ جيڪو وقتائتو پاڻي اڄوڪن ڏينهن ۾ پهچندو هو سو به ڪوٽ پهچي سگهيو آهي يعني پاڻي جي گهٽ مقدار سبب آبادگارن پاران اڃان تائين خريف جو فصل پوکي ڪو نه سگهيا آهن جيڪڏهن پاڻي سنڌو درياهه ۾ هن وقت ماضيءَ واري صورتحال موجب موجود هجي ها ته اترين ضلعن ۾ اڄ رونبو به عام جام پوکجي ها ۽ اهڙي پوکائي دوران اڃان وڌيڪ گرمي گهٽ ۽ هوسٽ وارو ماحول موجود رهندو آهي هتي خيرپور، ٺيڙهي ۽ پيرلوءِ وارن علائقن ۾ اڄ جهڙي ريت کجي پنهنجي اوج سان پچي راس ٿي رهي آهي ۽ انهيءَ کجيءَ يعني ڏوڪي مان ڪجور ۽ قسمين قسمين جو ڇوهارو ٺاهڻ لاءِ انهن علائقي ۾ مزدورن ديرا ڄمائي ورتا آهن ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ٻاهه جون بنيون به لڳڻ واريون آهن جتي هن ننڍڙ اُس ۾ پيرلوءِ-سکر وٽ گذريل 10 ڏينهن کان سنڌ جي مختلف علائقن مان جيڪي معصوم ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اغوا ٿيل آهن تن جي بازيابيءَ لاءِ انهن جي والدين پاران احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي هو اهو عهد ڪري ويٺل آهن ته جيستائين سندن جون کليل ٿيل جهوليون انهن معصومن سان ته ڀريون وينديون، تيستائين هو احتجاجي ڪئمپ ختم نه ڪندا سنڌ مان اغوا ڪيل انهن معصوم ٻارڙن جي بازيابي توڙي پنج سال اڳ سنگرار مان اغوا ڪيل پريا ڪماري جي واقعي خلاف اقليتي معاملن بابت سنڌ بابت سينيٽ ڪميٽي جو اجلاس به هڻ ڏينهن تائين جاري رهيو جتان آيل خبرن موجب ته ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ اهڙي اجلاس ۾ آءِ جي سنڌ شريڪ نه ٿيو اجلاس جي ڪيل فيصلن طرف وڃڻ کان ڀهريان هڪ آفيسر جي بيان کي ڏسون ٿا ته آءِ جي سنڌ ڪراچي جي نميوار صحافين پاران پريا ڪماري جي پنجن سالن گذرڻ باوجود جيڪا بازيابي عمل ۾ نه اچي سگهي آهي تنهن سوال جو جواب نه رڳو پريا جي والدين پر سڄي سنڌ جي زخمن مٿان لوڻ ٻرڪڻ وارو جواب ڏنو ته هو نفن ٿيل معاملو ٻيهر چو پيو کوليو وڃي ۽ گلوگڏ صحافين سان ناپسنديده رويو به ڪنهن افسوس ڪرڻ کان گهٽ ڪونه هو هاڻ ڪيتري نه بي حسيءَ جي ڳالهه چئجي ته هڪ آفيسر اهڙي طرح جا اگر مؤقف يا جواب ڏيندا ته پوءِ پاڻ ڪهڙي اميد رکي سگهون ٿا ساڳئي وقت سنڌ مان چونڊيل نمائندن به صحافين پاران پڇيل سوالن جي جواب ۾ پاڻ لاچاري ڏيکارڻ ته گلوگڏ بي وسي واريون ڳالهيون ڪيون هاڻ "پريا ايڪشن ڪميٽي" ناهي وئي آهي جنهن جي سڏ تي شروعاتي طور گذريل 10 ڏينهن کان پيرلوءِ سکر ۾ احتجاجي ڪئمپ هلندڙ آهي جتي حمايت طور مختلف مکتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري آهي سنڌ جي مختلف ضلعن يا علائقن مان مجموعي طور ته رڳو پريا ڪماري، اڄالا سولنگي نويد لاشاري، صبا ڪلهوڙو، آصف مغل، خوشي مهر ۽ ٻين ٻارن جا والدين توڙي مٽ مائٽ انهيءَ عزم سان رات ڏينهن پيرلوءِ بائي پاس پرسان احتجاجي طور ويٺل آهن ته هاڻ انتظاميه جي ڪوڙن دلاسن بجاءِ نتيجو ڏنو وڃي اقليتي اڳواڻن جي ڪيل اجلاس دوران سنڌ پوليس جي نميوار آفيسرن اهو به اعتراف ڪيو ته انهن گذريل پنجن سالن ۾ جيڪا جانچ ڪئي سا غلط رخن سان ٿي آئون گذريل هفتي اها ڳالهه واضح ڪري چڪو آهيان ته ڇا پريا ڪماري کي اغوا ڪندڙ سکر جي ڪچي مان ڏوهاري آيا هئا، جن هڪ معصوم کي ٽارگيٽ ڪري اغوا ڪري ويا؟ پوليس پاران خبر ناهي ته ڪهڙي من گهڙت ڳالهه ڪري واقعي جي اصل حقيقت کي دٻايو پيو وڃي پاڻ اها ڳالهه مسلسل ڪندا پيا اچون، جيئن تازو ٿيندڙ اجلاس ۾ اقليتي اڳواڻ ايم اين اي رميش ڪمار به صاف لفظن ۾ اها ڳالهه واضح ڪئي ته پريا واقعي ۾ بااثر ماڻهو ملوث آهن

هتي جنهن به ٿاڻي جي حد ۾ ڪو واقعو ٿئي ٿو ان ٿاڻي جا عملدار واقعي ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح شامل يا سهولتڪار هوندا آهن هتي ڳالهه ڪجي دادو ضلعي جي ميهڙ شهر مان هڪ ٻي معصوم اڄالا سولنگي اغوا واقعي بابت ته نياڻي به معمول موجب اسڪول ويندي اغوا ڪئي وئي آهي يقيناً هيءَ واقعو به ٿل جي فضيلا سرڪي ۽ سکر مان پريا ڪماري واقعي جيان انهن بااثرن جا بدڪردار هٿ ملوث آهن جن پاران هڪ نياڻي کي ٽارگيٽ ڪري سندن پنهنجن اناڻن خاطر اغوا ڪرايو آهي جيڪب آباد شهر مان اغوا ڪيل معصوم ٻار نويد لاشاري جا مائٽ به اوچتگارون ڏيندي ۽ روئيندي سنڌ حڪومت کان معصوم ٻار جي بازيابيءَ جو مطالبو ڪري رهيا آهن ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي ته آخر سنڌ پوليس انهن علائقن ۾ ايتري تعداد جي سهولتن اضافي نيٽ ورڪ توڙي گهڻ رخين مراعتن هجڻ باوجود سنڌ مان هيتري تعداد اندر اهي معصوم ٻار اغوا ٿيل آهن انهن جي بازيابيءَ لاءِ هو ڪو منظم تحرڪ چو نه ٿا وٺن؟ جيئن پيو وڃي ته پنجاب مان اغوا ٿيل ٻه عيسائي نياڻيون هڪ مهيني اندر بازياب ڪرايون ويون، پشاور مان اغوا ٿيل پناڻ ناري هٿ ڪئي وئي پريم پرٽن لاءِ جوڙا گم ٿين ٿا، انهن جي گولا عمل ۾ آندي ٿي وڃي آهي نياڻيون، جيڪي مقامي بااثرن هٿان اغوا ڪرائي پنهنجون اناڻون مجرايون وڃن ٿيون. اهي ٻارڙا اڄ سنڌ پوليس کان ڇو بازياب نٿا ٿي سگهن؟ يقيناً هيءَ سڀ پوليس جون ڳنڍجوڙ واريون حرڪتون آهن جو اهي اغوا ٿيلن بابت مڪمل ڄاڻ رکڻ باوجود ڪنهن قسم جي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن هن وقت جيئوٽيڪ اترين ضلعن جي شديد گرمي ۾ ويٺل آهي احتجاجي والدين پنهنجن ٻچن جي بازيابيءَ لاءِ پرزور گهر ڪري رهيا آهن ڏهن ڏينهن کان لڳل احتجاجي ڪئمپ ۾ هيستائين ڪوبه چونڊيل نمائندو يا پوليس آفيسر ته پنهنجي جاءِ تي پر حد جي پوليس به هنن وٽ وڃڻ جي زحمت نه ڪئي آهي هن مسئلي تي سنڌ جي سياستدانن توڙي ادبي دوستن کي گهرجي ته سنڌ مان اغوا ٿيل معصوم ٻارن جي بازيابيءَ لاءِ هڪ طاقتور تحريڪ هلائين جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَڪَرَ مَنجهه ڪَپارَ جُهڙُ نِيٽِئُون نَه لَهي،
جهِڙا مُنهِنجا سُپِرين، تهِڙا مينگهه مَلارَ،
ڪَڏَ اکِيُونَ ڪِلَ يارَ تـه وَڃِنِ سُورَ سَنڌا ڪِيو.

ڪپار = ذهن ۾، مٿي ۾، خيال ۾. / نيٽئين = اکين مان يا اکين اڳيان / مينگهه ملار = ملهاري منڊ، مينهن جا ماڻڌاٽا، مينهن جو سعيو پر هتي ٿيندو سونهن وارو، خوبصورتي وارو. ڪارا اڇا ڪڪر جڏهن اڀ تي ڇانئبا آهن ته منظر وڻندڙ ۽ دل ليائيندڙ لڳندو آهي.

سڄڻ جي نينهن جا نشا ئي اهڙا آهن جو لطيف سائين ان جي اپٽار ڪندي، سڄڻ کي ساريندي جڏهن ٿو پرين جي ياد جا ڪڪر ذهن تي، خيالن ۾ ڇانيل آهن ڏينهن ڪيڏو به تتل ۽ تکو آهي آڙنگ ۽ اڳهمو پر منهنجي اکين کي، منهنجي نيڻن کي اها سچ جي ٽڪ جهڙالي ٿي لڳي، جو ته جهڙا منهنجا پرين آهن محبوب آهن تهڙي ئي هيءَ مينهن وسڻ واري جهڙالي موسم يعني مينگهه ملهاري منڊ آهي اي منهنجا سائين اي منهنجا سپرين اي منهنجا پيارا پنهنجون اکيون مون ڏانهن ڪٽي ته نهاري، ڪل ته سهي، هن دل ديواني کي جيڪي وڇوڙي جا ود آهن تو کان دوريءَ جا، جي درد آهن ڏک سور آهن سي ته پنهنجي پڇائيءَ کي پهچن انهن جو ته خاتمو ٿئي ڪو دلي سڪون ملي

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن —— 06 جولاءِ

تارا ميرچنداڻي



تارا ميرچنداڻيءَ جو نالو هڪ ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نويس طور سنڌي ادبي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن ناليواري اديبه جو جنم 6 جولاءِ 1930ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان ڪندن مل هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌس ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر پوني ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائين. اتي ئي هن ٻارهون ڪلاس جئه هند ڪاليج مان پاس ڪيو سنڌس گهر واري موتيرام جي ديهانت بعد پنهنجي ڌيءَ سان گڏ الله آباد ۾ رهندي هئي. هوءَ اڃا 19 سالن جي مس هئي جو جڏهن سنڌس پهريون ناول "ڪومل ڪلي" ڇپجي پڌرو ٿيو. هوءَ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هفتيوار رسالي "وڌارٿي" جي ايڊيٽر پڻ رهي. هن پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن وقت تائين سنڌس يارهن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سنڌس ڇپيل ناولن ۾ ڪومايل ڪلي (1949)، آشا (1958)، هٺ يوڳي (1990)، سورج جي ڀيرين ڪرڻ (1998) ۽ لهرن جي گونج (1999) شامل آهن. سنڌس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ آئينو ۽ قفس (1965)، ريڙ جي گڏي (1966)، الجهيل تندون ريشم جون (1986)، درد (1991)، وساري نه وسرن (1996) ۽ جذبات جا موتي (2023) شامل آهن. هن جي ڪجهه ڪهاڻين جا مجموعا گجراتي، هندي ۽ بنگالي ٻولين ۾ به ترجمو ٿي چڪا آهن. هن 8 نومبر 2023ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

ڊاڪٽر رجب ميمڻ



سنڌ جي هن ساک واري تعليمي ماهر مشهور قوم پرست اڳواڻ ۽ انمول انسان جو جنم 6 جولاءِ 1945ع تي سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ ٿيو هو پاڪستان جي مڃيل زرعي ماهرن مان هڪ هو. هن حيدرآباد جي مشهور نورمحمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ زرعي ايڪانامڪس واري شعبي ۾ سنڌ زرعي ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ٽنڊي ڄام مان ماسٽر آف سائنس جي سند حاصل ڪئي. اڳتي هلي آمريڪا جي آئيووا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۾ پروفيسر طور ڪم ڪيو ۽ انهيءَ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي زرعي تنظيمن جو ميمبر رهيو. هن "ايڪسٽينشن ميٿڊس" نالي سان هڪ ڪتاب پڻ لکيو. تدريسي ۽ تحقيقي ڪمن سان گڏ هو هڪ مهان قومي ڪارڪن ۽ قوم پرست اڳواڻ پڻ هو. پاڻ رسول بخش پليجي جي ٺاهيل عوامي تحريڪ جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو. عمر جي آخري حصي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي سينيئر وائيس چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنائين. زراعت جي ميدان ۾ عظيم الشان خدمتون سرانجام ڏيڻ جي مڃتا طور پاڪستان سرڪار کيس 1991ع ۾ اعزاز فضيلت جهڙي اهم اعزاز سان نوازيو. هن 25 جولاءِ 2021ع تي وفات ڪئي.

ٻولڻ راهي



هن مشهور سنڌي ڪلاڪار، شاعر ۽ ڊراما نگار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1949 ۾ اجمير ۾ ٿيو هن ايم اي (سنڌي) ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون سڄي عمر اسڪول ۾ استاد طور پڙهائي رٽائر ٿيو هو هڪ سٺو شاعر آهي شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس پر غزل سنڌس من پسند صنف آهي شاعر هجڻ سان گڏوگڏ هڪ سريلو راڳي پڻ آهي سنڌس ڳايل ڪلامن جون ڪيتريون ئي آڊيو ڪيسٽون به جاري ٿيون. هن ڪيترائي ڊراما لکيا آهن ۽ انهن ڊرامن جي هدايتڪاري به پاڻ ڪئي آهي هو آل انڊيا ريڊيو ۽ دور درشن جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ شرڪت ڪري چڪو آهي سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ تيڻن اوتيو تيڻهن (1970)، عڪس ۽ پڙاڏا (1985)، ذات جون ڏياٽيون (1987)، مور پنکي پل (1995)، انڌيرو روشن ٿئي (2002)، استري تنهنجا روپ (2006) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

اڄ سنڌ جي نامور اديب، محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي جنم جو ڏينهن آهي هن انمول انسان تاريخ 6 جولاءِ 1954ع تي ڳوٺ مٺا خان جوکئي تعلقي دولتپور ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان، ثانوي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول دولتپور ۽ اعليٰ ثانوي تعليم گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوابشاهه مان حاصل ڪئي هن ايم اي (انگريزي ادب)، ايم اي (تاريخ) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون شاگرديءَ واري زماني ۾ هن ڪجهه عرصو انور شگرمل ۾ ڪلارڪ ۽ "روزاني سنڌ نيوز" جي نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪيو اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ پاڪستان اسٽڊيز جو ليڪچرار مقرر ٿيو 1994ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي جنرل هسٽريءَ واري شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو اڳتي هلي ساڳئي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو هن کي سنڌ جي تاريخ تي عبور حاصل هو ۽ لڳ ڀڳ 20 ڪتاب لکي سنڌ جي تاريخ ۽ ادب ۾ قيمتي واڌارو آندائين هو ڪجهه عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ مان جاري ٿيندڙ "ادب" رسالي جو ايڊيٽر رهيو ۽ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ تاريخ واري شعبي جو پڻ ايڊيٽر رهيو. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي 03 مارچ 2025ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

حميد پٿو



اڄ مشهور صحافي ليکڪ، هدايتڪار ۽ ڪمپيئر حميد پٿو پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي هو 6 جولاءِ 1969ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو هن ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي (سوشالاجي) جي سند حاصل ڪيائين هن ننڍي هوندي کان ئي سياسي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو اسڪول ۾ پڙهڻ دوران اسٽيج ڊرامن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين 1988ع ڌاري ٽائيگر آرٽ اڪيڊميءَ جو بنياد وجهي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اسٽيج ڊراما پيش ڪيائين ساڳئي سال مشهور هدايتڪار شاهه اسد سان گڏجي "سنڌ فنڪار تنظيم" جو پايو وڌائين پاڻ مختلف سنڌي اخبارن جو چيف رپورٽر پڻ رهيو آهي هن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ڪمپيئر ۽ اناؤنسر طور ڪم ڪيو ۽ مختلف سنڌي ٽيليويزن چينلن تي ميزبان، پروگرام مئنيجر ۽ ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون.



مختيار ائڙ

علي مراد جتوئي

هن مشهور ڳائڻي جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1974ع ۾ ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ علي مردان جتوئيءَ ۾ ٿيو راڳ ننڍي هوندي کان ئي سنڌس روح ۾ رچيل هو. اسڪول جي تقريبن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي پنهنجي استادن ۽ ساٿي شاگردن کان داد حاصل ڪندو هو هن پنهنجي اسڪول جي استاد غلام قادر چانڊيئي کان موسيقيءَ جا ابتدائي گر سکيا ۽ ان بعد مشهور فنڪار استاد محمد يوسف کان راڳ جون رمزون سکيون هن جي ڳايل ڪلامن جون 60 کان وڌيڪ ڪيسٽون، سيڊيون ۽ وڊيو سيڊيز جاري ٿيون تاريخ 15 آگسٽ 2025ع تي سنڌس ساهه جي تند ٽٽي پئي

اعظم پٽي

اڄ مشهور ليکڪ، ڪالم نگار ۽ صحافيءَ اعظم پٽيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 6 جولاءِ 1977ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ڄائو سنڌس والد جو نالو محمد اشرف پٽي آهي هن بي ڪام، بي ايڊ ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيون ۽ روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي هو هڪ ڪهاڻيڪار شاعر ۽ مضمون نگار طور ادبي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو سنڌس ڪالم، مضمون ۽ سوانحي خاڪا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن هن پنهنجي صحافتي سفر جي شروعات "روزاني آفتاب حيدرآباد" کان ڪئي ان بعد مختلف اخبارن جو ٽنڊي محمد خان لاءِ رپورٽر رهيو. پاڻ ٽنڊي محمد خان مان نڪرندڙ ڏات اخبار جو ايڊيٽر، هفتيوار ماروئڙا نيوز جي ايڊيٽوريل صفحي جو انچارج ۽ مهراڻ ماڻها مئگزين جو اسسٽنٽ ايڊيٽر به رهي چڪو آهي هو ڪيترن ئي سماجي ۽ ادبي تنظيمن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو آهي، جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، يونين آف جرنلسٽ ٽنڊو محمد خان، مهراڻ ادبي سٿ ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن

رنوير سنگهه



اڄ هندستاني فلمن جي مشهور اداڪار رنوير سنگهه جي سالگره جو ڏينهن آهي هو 6 جولاءِ 1985ع تي ممبئيءَ جي هڪ سنڌي خاندان ۾ پيدا ٿيو سنڌس والد جو نالو جگجيت سنگهه ڀاوناڻي هو. سنڌس ڏاڏاڻا ڪراچيءَ جا رهواسي هئا ۽ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏي وڃي ممبئيءَ ۾ آباد ٿيا. جڏهن ته سنڌس ناناڻا ڪراچيءَ جي هڪ عيسائي خاندان سان واسطو رکن ٿا هن آمريڪا جي انڊيانا يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ اداڪاريءَ جي ميدان ۾ پير پاتو هن جي پهرين فلم "بينڊ باجا برسات" 2010ع ۾ رليز ٿي جنهن ۾ هن هيرو جو ڪردار ادا ڪري فلم فيئر ايوارڊ حاصل ڪيو ان بعد هن ڪيترين ئي ٻين فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا سنڌس مشهور فلمن ۾ "لٽيرا"، "رام رسيلا"، "پدماوت"، "گلي بواءِ"، "راڪي اور راني ڪي پريم ڪهاڻي" ۽ ٻيون فلمون شامل آهن

آنڊل فقير

آنڊل فقير شڪارپور ضلعي جو صوفي شاعر هو. هن جو جنم شڪارپور ضلعي جي بيڪاري ڳوٺ ۾ 1912ع ۾ ٿيو سنڌس والد ڪوهن ۾ ٽيپي هٽي انهن جي صفائيءَ جو ڪم ڪندو هو. آنڊل فقير به پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي ساڳيو ڪم سکيو غربت سبب ڪنهن به مڪتب يا مدرسي ۾ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي راڳ، موسيقيءَ ۽ شاعريءَ سان لڳاءُ رهيو پاڻ هڪ سٺو شاعر پڻ هو سنڌس ڪلام قلمي نسخي جي صورت ۾ موجود آهي هن 6 جولاءِ 1972ع تي هن دنيا کان هميشه لاءِ منهن موڙي ڇڏيو

ابراهيم سارنگ

هن ناليواري اديب جو جنم 11 آگسٽ 1958ع تي شڪارپور ضلعي جي مشهور ميان جي ڳوٺ ۾ ٿيو. سنڌس والد محمد آدم چنه سکر جيل ۾ قيدين کي مختلف هنر سيکاريندو هو. ابراهيم سارنگ پنهنجي عمر جو گهڻو حصو سکر جيل جي ڪالونيءَ ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏ گذاريو هن پهرئين کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم سکر ۾ حاصل ڪئي اڳتي هلي انگريزيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين. ان بعد ڪميشن جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. وقت سان گڏ ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين ۽ عطا حسين ڊگري ڪاليج جي پرنسپال طور ذميداريون سنڀاليائين. هن کي ننڍي هوندي کان ئي ادب ۽ ادبي سرگرمين سان دلچسپي رهي، سياسي طور تي هو رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ سان لاڳاپيل رهيو. ادبي دنيا ۾ هو هڪ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار طور پنهنجي ڇاپ ڇڏي ويو. هن ڪجهه دوستن سان گڏ پرهه ڦٽي رسالي ۽ پورهيت پبليڪيشن جو بنياد وڌو پر اهي رسالا ڪجهه وقت کان پوءِ بند ٿي ويا. ابراهيم سارنگ 6 جولاءِ 2018ع تي وفات ڪئي.

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ-I، ڏگڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 15 سال 2026

مسمات جميلا زال زين چانڊيو، مسلم، بالغ ذات چانڊيو، گل محمد ولد زين چانڊيو، منٺر ولد زين چانڊيو رهندڙ تعلقو ڏگڙي، ضلع ميرپورخاص....پلينٽف. بخلاف زين چانڊيو پٽ گل محمد، مسلم، بالغ ذات چانڊيو رهندڙ علي مراد چانڊيو تعلقو ۽ ضلعو بدين...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس آف مائنرز داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ-I، ڏگڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ، سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 64 سال 2026

مسمات سميرا زال غلام حيدر بروهي، مسلم، بالغ، رهندڙ ڳوٺ غلام محمد چانڊيو، تعلقو سڪرنڊ، ضلع شهيد بينظير آباد...پلينٽف. ديدار علي پٽ حاجي حنيف جتوئي، مسلم، بالغ، رهندڙ ڳوٺ راضي خان جتوئي تعلقو قاضي احمد، ضلع شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ريڪوري آف مينٽيننس اينڊ ڊسوليشن آف ميريج داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ، سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ، سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 75 سال 2026

مسمات اپيلا ڌيءُ عبدالغفار مغل پٺاڻ، مسلم، بالغ، رهندڙ محراب پور روڊ نزد حيدري مسجد، تعلقو سڪرنڊ، ضلع شهيد بينظير آباد...پلينٽف. بخلاف محمد بلال پٽ محمد ظهيرالدين راجپوت، مسلم، بالغ، رهندڙ گهر نمبر 402، اسٽريٽ نمبر 09، محلو عزيز نگر، اورنگي ٽائون ڪراچي ويسٽ، ضلع ڪراچي...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ريڪوري آف ڊاوري (جهيز) آرٽيڪلز داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ، سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج، شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 244 سال 2026

مسمات Pith ڌيءُ لطاف حسين ابڙو، مسلم، بالغ، رهندڙ علوي ڪالوني سانگهڙ روڊ نوابشاهه، تعلقو نوابشاهه ضلع شهيد بينظير آباد...پلينٽف.بخلاف ذوالفقار پٽ ميرل ابڙو، مسلم، بالغ رهندڙ بخارا ڪاريا، بي او ڏرڪري، تعلقو ۽ ضلع لاڙڪاڻو...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊسوليشن آف ميريج، مينٽيننس، ريٽرن آف جهيز آرٽيڪلز داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج، شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جام شورو
فيملي سوٽ نمبر 174 سال 2026

مسمات ثنا خلاف آفتاب حيدر پٽ حيدر بخش، مسلم، بالغ، رهندڙ شورا ڳوٺ، جام شورو، نزد بي بي ٽي بي اسپتال ضلع جام شورو، سيل نمبر 03146171486 ....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته هن ڪورٽ ۾ توهان جي خلاف مسمات مريم رند جي وڪيل طرفان خلع جي ذريعي نڪاح جي ٽوڙ (شادي جي خاتمي) لاءِ سوٽ داخل ڪئي وئي آهي،تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج، جام شورو

بقايا 1 ’روزاني عبرت‘

شهرين پريس ڪلب اسلام ڪوٽ کان احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو.ريلي شهر جي مختلف رستن جو گشت ڪيو ويو.ريلي مليءِ اسلام ڪوٽ باءِ پاس روڊ تي پهچي جتي احتجاج ڪندڙن ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻن تاج محمد سومرو،عبدالخالق جوڻيجو،سيد پورل شاهه،مير محمد بليدي،عبدالغني ميمڻ،لجپت سوراٺي،سابق ناظم گهنشام داس پاراوٺي،محسن لنجو،ياسين راهمون،ننڌو فقير،اشوڪ شرما،رفيق بجير،دلاور سميجو،شاهنواز خاصخيلي،گل محمد رسائي پوڪو ۽ خطاب ڪندي چيو ته ڪجهه شرپسند عنصر هر پنجن يا ڇهن مهينن بعد شهر جي آبادي اندر شراب جو گتو کولڻ جي ڪوشش ڪري نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪڻ جي سازش ڪن ٿا، پر اسلام ڪوٽ جا باشعور شهري هر ڀيري اهڙين ڪوششن کي ناڪام بڻائيندا رهيا آهن هنن چيو ته ڪجهه وقت اڳ به اهڙي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جنهن کي شهرين جي گڏيل جدوجهد سبب ناڪام بڻايو ويو جڏهن ته هاڻي وري ساڳيون ڌريون شراب جو گتو کولڻ تي بضد آهن،جنهن جي ڪنهن به صورت ۾ اجازت نه ڏني ويندي،مقررين الزام هنيو ته ايڪسائيز کاتي مبينا طور لک ڇپ ۾ وڏي رشوت عيوض شراب جي گتي لاءِ لائسنس جاري ڪرڻ ۽ شهرين جا اعتراض نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي،پر عوام جي سجاڳي سبب اها سازش ڪامياب نه ٿي سگهي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته آبڪاري شراب جي گتي جو مبينا جعلي لائسنس فوري طور رد ڪيو وڃي ۽ ان ۾ ملوث ڌرين خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.احتجاج ڪندڙن چيو ته منشيات ۽ شراب نوجوان نسل کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري حڪومت نون شراب جي گتن بدران تعليمي ادارا قائم ڪري نوجوانن کي تعليم ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪري هنن چيو ته هندو ۽ مسلم برادريون گڏجي هن سماجي برائي خلاف هڪ آواز آهن ۽ پنهنجي ايندڙ نسل کي تباهي کان بچائڻ لاءِ هر ممڪن جدوجهد جاري رکنديون.مقررن چيو ته جيڪڏهن شراب جو گتو کولڻ جي ڪوشش نه روڪي وئي ته ذميوار ڌرين جو سماجي بائيڪاٽ ڪيو ويندو،شهر ۾ شٽرڊائون هڙتال سميت سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي ۽ ڪنهن به صورت ۾ شهر جي آبادي اندر شراب جو نئون گتو کولڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.واپاري ايسوسيئيشن جي صدر ڪلديپ پاراوٺي ۽ سابق ناظم گهنشام داس پاراوٺي خطاب ڪندي چيو ته اسان هندو مسلم ڀائرن وانگر رهون ٿا،ڪجهه عنصر هتي جي امن ۽ ڀائيچاري کي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا،اسان اڄ واضح اعلان ڪيون ٿا ته ڪلنڊڙ توڙي هلنڊڙ شراب خانا ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونهي،ٿر ۾ هر قسم جي هلنڊڙ منشيات جو خاتمو چاهيون ٿا،واپاري ايسوسيئيشن جي صدر چيو ته اسان جي ضرورت پئي ته مڪمل طور تي شٽرڊائون هڙتال جو سڏ ڏنو ويندو،شراب جو گتو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي،سنڌ حڪومت هن عمل جو نوٽيس وٺي امڪاني طور ڪلنڊڙ گتو بند ڪرائي سان گڏ اشتهار پکيڙيندڙن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي،پ پ تعلقي اسلام ڪوٽ جي صدر فقير فيصل بلالاڻي احتجاج ۾ شرڪت ڪرڻ بعد خطاب ڪندي چيو ته شراب جي نئين ڪلنڊڙ گتي سميت هر منشيات جي خلاف آهيون،ڪنهن به صورت ۾ اهڙي حرڪت قبول نه ڪبي،شراب جا حامي نوجوان نسل کان تعليمي شعور کسڻ لاءِ اهڙي سازش ڪري رهيا آهن اسان حڪومت سان ڳالهائي عوام جي شڪايت رڪنداسين

بقايا 2 ’روزاني عبرت‘

ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام

هنيو آهي ته سندس زرعي زمين تي سندس برادري جي علي احمد چنا ۽ امان الله چنا مبينا طور قبضو ڪري هٿيارٻند ماڻهو ويهاري ڇڏيا آهن غلام محمد چنا صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن واقعي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي شڪايت پڻ داخل ڪرائي آهي پر سندس چوڻ موجب پوليس اڃا تائين ڪو به مؤثر قدم نه کنيو آهي هن الزام لڳايو ته جوابدار نه رڳو سندس زمين تي قبضو ڪري ويٺا آهن پر کيس جان کان مارڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته هو هڪ غريب پورهيت آهي جڏهن ته جوابدار بااثر آهن جنهن سبب کيس پنهنجي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين جي جان جو سخت خطرو آهي غلام محمد چنا چيو ته جيڪڏهن کيس يا سندس خاندان جي ڪنهن فرد کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار علي احمد چنا ۽ امان الله چنا هوندا.آخر ۾ غلام محمد چنا سنڌ جي گهرو وزير آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي مبينا قبضي جو خاتمو آندو وڃي ۽ قانون موجب ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪندي کين گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 3 ’روزاني عبرت‘

جتوئي پوليس ڪارروائي ڪندي ٽرڪ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي جڏهن ته ٽرڪ ڊرائيور جاءِ واردات تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو فوتي جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.فوتي ريڙهي تي مزدوري ڪندو هئو

بقايا 4 ’روزاني عبرت‘

چيڪنگ شروع ڪري ڏني ته پوليس ذريعن موجب ته هڪ ڪاري رنگ جي ويگو گاڏي ماڊل 2025 کي روڪي تلاشي ورتي ته انهيءَ جي دوران گاڏي مان 12 ڪٽا سفينا جنهن ۾33000 ٽيٽيهه هزار سفينا شاشي جڏهن ته 1990 ، گرام چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار جيڪو اصل ڪوئيٽا جو رهواسي اهي جوابدار ثناء الله ولد ميان خان لانگو ، بروهي کي گرفتار ڪري ورتو جنهن جي موجوده رهائش سهراب ڳوٺ ڪراچي ٻڌائي پئي وڃي جڏهن ته انهيءَ ڪارروائي دوران منشيات فروش ڪوئيٽا واسي ساجد علي ولد بڪن خان جمالي جڏهن ته راهوڪي واسي شيرمحمد عرف شيرو لانگاهه ، صالح ولد حسن لانگاهه فرار ٿيڻ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته پوليس ذريعن موجب ته شيرو لانگاهه تي منشيات فروشي سميت ڪيترائي ڪيس داخل آهن جڏهن ته سي آئي اي پوليس انسپيڪٽر گل حسن لغاري ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار برآمد ڪيل منشيات گاڏي سميت ڪڙيوگهنور پوليس اسٽيشن تي منتقل ڪري ڇڏي جتي انسداد منشيات ايڪٽ تحت ڪيس جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪري ڪارروائي کي وسيع ڪيو ويو آهي جڏهن ته جاچ جو دائرو اعلي سطحي تي وڌايو ويو آهي جڏهن ته شهري توڙي عوامي ذريعن موجب ته پوليس ڪاري رنگ جي گاڏي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته منشيات فروشن گاڏي کي ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس سندن گاڏي جو پيڇو ڪيو ۽ ناڪابندي ڪئي وئي جنهن جي دوران منشيات فروشن مجبورن راهوڪي ۾ گاڏي لاڪ ڪري پاڻ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران هڪ جوابدار گرفتار ٿي پيو باقي جوابدار فرار ٿيڻ۾ڪامياب ٿي ويا جڏهن سي آئي اي پوليس جي انسپيڪٽر گل حسن لغاري ۽ ڪڙيوگهنور پوليس پاران روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته پوليس کي هڪ وڏي منشيات فروشن جي بين الصوبائي اسمگلنگ گروهه جي خلاف ڪارروائي کي پوليس ڪاميابي طور ڏٺو پيو وڃي ،

بقايا 5 ’روزاني عبرت‘

بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي سنڌ شاگرد سڀا جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪالرو جساف ضلعي ميرپورخاص جي اڳواڻ فراز لغاري، آر ايس ايف جي ضلعي اڳواڻ سرمد لغاري، ڊاڪٽر افتخار لغاري ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته تعليمي ادارن ۾ سنڌي نياڻين سان ٿيندڙ مبينا ناانصافين ۽ هراسانيءَ جي واقعن کي روڪڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن هنن چيو ته ڊاڪٽر فهميده لغاري جي وارثن کي يونيورسٽي انتظاميا پاران موڪليل نوٽيس افسوسناڪ عمل آهي جنهن جو اعليٰ اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر فهميده لغاري واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ تعليمي ادارن ۾ اينٽي هراسانيءَ ڪميٽين ۾ شاگردن جي نمائندگي کي يقيني بڻايو وڃي.جيئن شاگردن جا مسئلا مؤثر نموني حل ٿي سگهن

بقايا 6 ’روزاني عبرت‘

پوليس جو ايف آءِ آر ڪرڻ کان ٽيڏ جواب، متاثر ڌر جو سٽابو خيرپور بائي پاس تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا تفصيل موجب راڌيڊيرو پرسان بهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سٽابو ، خيرپور لاڙڪاڻو بائي پاس تان نامعلوم هٿيارٻندن پاران ڳوٺ قائم الدين ڪلهوڙو جي رهواسي سردار بخش عباسيءَ کان موٽر سائيڪل ، ٽي لک روڪ رقم ڦُر ۽ نوجوان نديم علي عباسيءَ کي مبينه طور اغوا ڪري کڻي ويا. ڦُر خلاف ۽ مبينه اغوا ٿيل نوجوان جي بازيابيءَ لاءِ ڪلهوڙا برادريءَ سٽابو خير پور لاڙڪاڻو بائي پاس تي رات دير سان ڪيترائي ڪلاڪ ڌرڻو جاري هيو ۽ ان سان گڏوگڏ احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو ان دوران روڊ جي ٻنهي طرفن کان سوين گاڏيون ڦاسي پيون مسافر پريشانيءَ جو شڪار رابطو ڪرڻ تي متاثر ڌر جي ماڻهن سردار بخش عباسيءَ ، ڪامران عباسيءَ ۽ ٻين ڌرڻي واري هنڌ تي متاثرن ٻڌائيندي چيو ته سردار بخش عباسيءَ ۽ نديم عباسي پنهي عاقل کان واپس پنهنجي ڳوٺ طرف اچي رهيا هياسون ته بهارو ٿاڻي جي حد ڪماليديرو وٽ نامعلوم هٿيارٻندن کين روڪي ڦُر ڪري موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦُر ڪري نوجوان نديم علي عباسيءَ کي اغوا ڪري کڻي ويا. اهو اطلاع جڏهن بهارو پوليس کي ڏنو ته ايس ايڇ او ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ۾ لک ريپا گهريا نه ڏيڻ جي صورت ۾ ايس ايڇ او ٿاڻي مان ڌڪا ڏيئي ڪڍي ڇڏيو سندن چوڻ هيو ته اسين ايس ايس پي خيرپور ، ڊي آءِ جي سکر کان اسين مطالبو ڪيون ٿا ته نوجوان کي بازياب ڪرائي ۽ ڦُر ٿيل رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي ٻئي طرف رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او بهارو ڪال اٽينڊ ڪرڻ جي به زحمت نه ڪئي

بقايا 7 ’روزاني عبرت‘

حالت ۾ گمس اسپتال آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ، سندس لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي

بقايا 8 ’روزاني عبرت‘

لاءِ ڪنڊو محمد خان اسپتال روانو ڪيو بلاڙي شاهه ڪريم پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ جاري آهي نينگر کي ليڊي ميڊيڪل لاءِ اماڻيو ويو آهي ميڊيڪل رپورٽ اچڻ کان پوءِ وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي اطلاع آهن ته پليس ملزمن کي گرفتار ڪيو آهي

بقايا 9 ’روزاني عبرت‘

اندر هڪ پورهيت جي گهر تي مبينا غيرقانوني چڙهائي، گهر ۾ ڀڃ ڊاهه عورتن تي تشدد، حمل ضايع ٿيڻ ۽ نوجوان کي ڪنهي تشدد جو نشانو بڻائڻ واري واقعي بابت عدالت جي حڪم تي ٽن سجاول پوليس عملدارن سميت 15 اهلڪارن خلاف بي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي داخل ڪيل ايف آءِ آر فريادي طالب حسين سيال موقف اختيار ڪيو آهي ته ۾ مهينا اڳ بي سيڪشن ٿاڻي جو اڳوڻو ايس ايڇ او گل حسن سومرو اي ايس آءِ زبير سومرو اهلڪار آصف ڪشميري ۽ 15 نامعلوم پوليس اهلڪار بنا ڪنهن قانوني جواز جي سندس گهر تي چڙهائي ڪري گهر ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي عورتن تي مبينا تشدد ڪيو ۽ ڪيس کنيي گم ڪرڻ بعد تشدد جو نشانو بڻايو فريادي پوليس جي مبينا تشدد دوران عورت ناهيد اختر سخت زخمي ٿي جنهن سبب سندس حمل ضايع ٿي ويو هن الزام هنيو ته پوليس مڪمل طور غيرقانوني ڪارروائي ڪئي طالب حسين سيال وڌيڪ الزام لڳايو ته ڪيس کنيڻ بعد پوليس وارثن کان 5 لک ريپا رشوت طلب ڪئي ۽ رشوت نه ڏيڻ تي سندس خلاف پوليس مقابلي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويو متاثر نوجوان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن سيشن ڪورٽ خيرپور ۾ لاڳاپيل پوليس عملدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني، جنهن تي عدالت بي سيڪشن ٿاڻي کي جاچايل پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالتي حڪم تي بي سيڪشن ٿاڻي تي ٽن سجاول پوليس عملدارن ۽ 15 نامعلوم اهلڪارن خلاف لاڳاپيل دفعات تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 10 ’روزاني عبرت‘

بجلي فراهم ڪري ٿي، ان ۾ اوچتو فني خرابي پيدا ٿيڻ سبب ڪوٽڙي جي مختلف فيڊرن ڏانهن بجلي جي فراهمي اوچتو معطل ٿي وئي بجلي بند ٿيڻ سان شهر جا ڪيترائي علائقا اونده ۾ ٻڏي ويا، جنهن سبب سخت گرميءَ جي ڪري شهري سخت پريشاني ۽ عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا. حيسڪو انتظاميا انڊسٽريز مل مالڪن جي دعا هيٺ اچي ايمرجنسي بنيادن تي متبادل انتظام ڪندي ڪنڊو محمد خان سان عارضي طور ڪمرشل انڊسٽريز کي بجلي فراهم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي جڏهن ته ابتدائي جاچ موجب، زمان ٽيڪسٽائل مل پرسان ٽرانسميشن ٽاور وٽ فني خرابي سامهون آئي جنهن کي درست ڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪل ٽيمون هنگامي بنيادن تي گهراڻي فني خرابي جي جڙ کي ڳولي بجلي بحال ڪرڻ ۾ رڌل ، جڏهن ته ٻئي طرف عوام ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر شهري آڌي رات جو گهرن کان ٻاهر نڪري آيا خلاف نعريبازي ڪندا رهيا شهري مطالبو ڪري رهيا هئا ته خرابي جلد ختم ڪري بجلي جي فراهمي مڪمل طور بحال ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 11 ’روزاني عبرت‘

احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران ڪارڪنن سخت نعريبازي ڪندي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا.احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي ايس يو پي ضلعي صدر سڪندر علي سوڏن تعلقي صدر حبيب الله حضوري، سينيئر اڳواڻ حاجي خان مارفاڻي ضلعي پريس سيڪريٽري امجد سولنگي تعلقي نائب صدر نور محمد جتوئي، سٽي صدر اختر رکو تعلقي پريس سيڪريٽري عبدالمجيد سوڏن اسحاق سوڏن نديم سنڌي فاروق خاصخيلي، صدام چانڊيو ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي ٽاڪي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي پهريون ۽ آئيني حق سنڌ واسين جو آهي، پر مسلسل انهن وسيلن تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن. جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن اڳواڻن چيو ته 27-2026 ع جي بجيٽ عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن آهي جنهن کي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مڪمل طور رد ڪري ٿي هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ سان ٿيندڙ هر قسم جي ناانصافي جو فوري خاتمو ڪيو وڃي.

بقايا 12 ’روزاني عبرت‘

سيڪريٽري تي پير منور علي شاهه 34 ووٽ کڻي ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن ته سندن مقابلي ۾ بيلٽ پيپر ۾ چيئرمين لاءِ غلام مصطفيٰ ڪنير جنرل سيڪريٽري لاءِ محبوب ملاح وائيس چيئرمين لاءِ صالح بوهڙ ۽ جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ منير سومرو صرف 21 ووٽ حاصل ڪري سگهيا ۽ هارائي ويا ڪامياب اميدوارن مولا بخش جوڻيجو بخش ڪاتيار محمد حنيف پوٽ ۽منور شاهه کي سندن دوستن لنگهين اجرڪن ۽ گلن جا هار پارايا ڪاميابي جي خوشي ۾ دهل ۽ شرنائن تي جهمريون هنيون ويون ۽ نوٽن جي ورکا ڪئي وئي

بقايا 13 ’روزاني عبرت‘

ٿاڻي جي حد ۾ سري برادري سان تعلق رکندڙ غلام قادر سريءَ جي گهر مان نامعلوم چور چوري ڪري ويا جنهن جو الزام رند ۽ سري برادري جي ماڻهن مٿان لڳايو ويو هو. جڏهن ته پيارو لنڊ ٿاڻي جي پوليس موبائل نمبر لوڪيشن ٽريسنگ جي بنياد تي سري برادري سان تعلق رکندڙ سڪيور جي رهواسي حيات خان سريءَ کي گرفتار ڪري مڪس چوريءَ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته حيات خان سري معذور شخص آهي جنهن مٿان پوليس بغير ڪنهن ثبوت جي ڪيس داخل ڪيو آهي جنهن جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن وڌيڪ ٻڌايو ته چوريءَ جي الزام ۾ پيارو لنڊ واسي يوسف سري پڻ گرفتار آهي جنهن سان ذاتي تعلقات جي بنياد تي پوليس حيات خان مٿان شڪ هيٺ هٿ ٺوڪيو ڪيس داخل ڪيو آهي جڏهن ته پوليس الزام هيٺ آيل رند برادري ۽ اصل چورن جا نالا اڃا ظاهر نه ڪيا آهن هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو الهيار ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته حيات خان سريءَ مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري سري برادريءَ سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 14 ’روزاني عبرت‘

الله پنهور، ٽائيگر عمر سولنگي، وقاص ياسين، شهاب پنهور اميد علي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي معصوم ٻارن جو اغوا ٿيڻ کيترن سالن باوجود سندن بازيابي نه ٿيڻ رياستي ادارن ۽ حڪومت جي سنگين ناڪامي ۽ بيحسي جو کليل ثبوت آهي هنن چيو ته مغوي ٻارن جا والدين ۽ وارث هر پل اذيت، بيچيني ۽ ڪرب جي زندگي گذاري رهيا آهن هر روز اميد سان جيئن ٿا ۽ روز مايوسي سان مري رهيا آهن پر حڪومتي مشينري سندن درد محسوس ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿي اچي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته معصوم ٻارن جي حفاظت رياست جي بنيادي ذميواري آهي. تنهن ڪري حڪومت بنا ڪنهن دير جي مغوي ٻارن کي بازياب ڪرائي سندن وارثن جي بيچيني ختم ڪري ۽ اغوا ۾ ملوث ڏوهارين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏئي جيئن مستقبل ۾ ڪو به معصوم ٻار اهڙي ظلم جو شڪار نه بڻجي سنڌي ادبي سنگت شاخ قلندري اسٽيشن جي اڳواڻن واضح ڪيو ته جيڪڏهن مغوي ٻارن جي جلد بازيابي لاءِ سنجيده قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي هر فورم تي هن انسانيءَ الميي خلاف آواز بلند ڪيو ويندو

بقايا 15 ’روزاني عبرت‘

ڪان بمبلي مائنر ۾ پاڻي نه هجڻ سبب سندن زرعي زمينون سڪي رهيون آهن بيٺل فصل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن ۽ هزارين ايڪڙ زمين بنجر بڻجڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي هنن چيو ته پاڻي جي اڻاٺ سبب معاشي نقصان سان گڏ هارين ۽ آبادگارن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پر لاڳاپيل اختيارين سندن مسئلي جي حل لاءِ ڪو به عملي قدم ناهن کنيا آبادگارن مطالبو ڪيو ته بمبلي مائنر ۾ فوري طور پاڻي ڇڏيو وڃي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ذميوار عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪڏهن سندن جائز مطالبا فوري طور قبول نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ان موقعي تي آبادگارن اعلان ڪيو ته سياحي سيڪشن ڊائريڪٽر گهوٽڪي جي آفيس اڳيان وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو جنهن ۾ بمبلي مائنر جي مختلف ڳوٺن جا آبادگار وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا.

بقايا 16 ’روزاني عبرت‘

ڳوٺ ڪوٽ نياڻو پنهور جو رهواسي آهيان مان مجهند جو 2 وڳي ڳوٺ کان پيارو اسٽيشن طرف اچي رهيو هيس ته ڪن موٽرسائيڪل سوار اڻڄاتل هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي موٽرڪان 2024 ماڊل سي ڊي موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦُر ڪري فرار ٿي ويا، سون اهڙي اين سي رپورٽ پيارو پوليس پوسٽ تي داخل ڪرائي آهي مان ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺي ڦُر ٿيل موٽرسائيڪل روڪ ۽ موبائل فون واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 17 ’روزاني عبرت‘

پيش ڪيو مقالن ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ڪردار تي ڳالهائيندي هنن چيو ته اڄ ضرورت آهي ته اسين ڪربلا جي شهيدن جي ڏسيل راهه تي هلون انهن جي رهنمائيءَ ۾ حق ۽ باطل جي سڃاڻپ ۽ حق جي وات جا پانڌيئڙا ٿيون پوءِ ڀلي ان وات ۾ اسان جو استقبال ڪنڊا ڇو نه ڪن پر اسين انهيءَ وات تي امام صاحبان جي ڏنل عملي درس سان پورو پورو لاڳو ٿيندي، انهن جي ڏسيل همت، حوصلي، صبر ۽ استقامت تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪريون جڏهن ته اياز چند اعجاز شاهه راشديءَ جي شاعري، عبدالغفار ناچيز ميمڻ ترنم ۾ قصيدو خيال ڪتري ڪربلا عنوان سان غزل پيش ڪيا جن تي سيني دوستن پنهنجا ويچار ونڊيندي شهداءَ ڪرام کي پنهنجن پنهنجن لفظن ۾ پيڙا پيش ڪرڻ جي سعي ڪئي محفل مسالمه ۾ سليم احمد ڪتري، آصف جان سومرو رفيق احمد ميمڻ حيدر سومرو معشوق علي منگوانو ۽ ذوالفقار علي عاقلاڻي ميمڻ پڻ شرڪت ڪئي آخر ۾ صدارتي خطاب ڪندي وقتي صدر رفيق احمد پنهور شاخ جي ڪم کي ساراهيندي، چيو ته ادبي سنگت جي مکياري شاخ جيئن قائم ٿي آهي تيئن متحرڪ رهندي پئي اچي ان جي متحرڪ رهڻ ۾ سيني عهديدارن ۽ ميمبرن جو خلوص شامل آهي جنهن ڪري مکياري شاخ 5 سالن کان مسلسل بنا رڪاوٽ پنهنجيون ادبي سرگرميون جاري رکيو اچي ٿي تنهن ڪري کيس جس ڏجي ٿو انهيءَ تي گڏجاڻيءَ جي پڄاڻي ٿي

بقايا 18 ’روزاني عبرت‘

ڪيو ويو جنهن دوران شهر جي مختلف علائقن ۾ سوين غير قانوني بجلي ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، بجلي چوري ۾ ملوث ماڻهن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا، جڏهن ته لکين ريپا بقايا به وصول ڪيا ويا. آپريشن اسسٽنٽ ڪمشنر سکر عبدالحق سيال، ايڪسائيز سکر خليل احمد چانڊيو ۽ ايس ڊي او سب ڊويزن بندر روڊ خليل الرحمان ڊومڪي جي نگراني ۾ ڪيو ويو آپريشن ۾ عبدالمالڪ سومرو خادم ڪٽيبي برڪت علي مهر مقصود پتي ارشد مغل شڪيل شاهه اويس قريشي راجا ويسٽلي گل زمان مهتاب پٽ ۽ ٻين آفيسرن اهلڪارن حصو ورتو سيپڪو ٽيمون ورڪشاپ روڊ اچار گلي شمشاد آباد، بئراج روڊ، ملير روڊ، آدم شاهه ڪالوني ۽ ٻين علائقن ۾ بجلي ڪنيڪشن چيڪ ڪرڻ لاءِ گهر گهر ويون چيڪنگ دوران بجلي چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف موقعي تي ڪارروائي ڪئي وئي غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا ۽ ڊيفالٽرن کان لکين ريپا بقايا جي صورت ۾ وصول ڪيا ويا. آپريشن دوران بجلي ڊفالٽرن کي سختي سان هدايت ڪئي وئي ته اهي فوري طور تي پنهنجا واجبات ادا ڪن ٻي صورت ۾ انهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ان موقعي تي سيپڪو عملدارن چيو ته بجلي چوري قومي معيشت کي نقصان پهچائڻ جي برابر آهي، تنهن ڪري بجلي چوري خلاف ٻي رحم موجب، بجلي چوري جي روڪٿام ۽ وصولي مهم مستقبل ۾ چيف انجنيئر جي هدايتن ۽ ايس ڊي او سب ڊويزن بندر روڊ جي نگراني ۾ جاري رهندي ته جيئن بجلي جي منصفاڻي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ قومي خزاني کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن سان مؤثر طريقي سان ڊيل ڪري سگهجي

بقايا 19 ’روزاني عبرت‘

پلاڳي سليمان پلاڳي، ديدار چانڊيو سليم لاکي، اين بي ڪوس نوجوان صحافي سهيل جويو، حيات ميراڻي، علي محمد مگسي ديدار چيچڙ ۽ ٻين اڳواڻن ۾ ڌرين وٽ پهچي ٻنهين مثبت موٽ ڏيندي فيصلي تي راضپو ظاهر ڪيو ۽ فيصلي تائين امن برقرار رکڻ جو يقين ڏياريو امن ۽ ميڙ قافلو ٻهرين مگسي برادري وٽ پهتو جتي عالم مگسي عبدالمجيد مگسي، غلام مصطفيٰ مگسي عرفان مگسي سان ملاقات ڪئي، جن چيو ته معزز عارف خان مگسي اسپتال ويل آهي ۽ اسان مٿان زميواري آهي ته امن ۽ ميڙ قافلي سان ملاقات ڪيون ٿا امن قافلي واقعي بابت تفصيل ورتا ۽ ڪين جهيڙي کي روڪي فيصلو ڪرڻ جي اپيل ڪئي جنهن تي مگسي برادري پاران اسپتال داخل زخمي تاج محمد جي صحتياب ٿيڻ کان پوءِ بعد فيصلو ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ فيصلي تائين ڪابه اڳرائي نه ڪرڻ جو پڻ يقين ڏياريو.جنهن بعد امن ۽ ميڙ قافلو بليدي برادري وٽ پهچي ڪائونسلر غلام شبير بليدي، نظير بليدي، رشيد بليدي، وليد بليدي، مولوي انور بليدي سان ملاقات ڪئي جنهن جي بليدي ڀائرن پڻ واقعي بابت تفصيل ڏنا جن کي امن قافلي فيصلو ڪرڻ جي اپيل ڪئي جنهن تي پڻ بليدي برادري پاران فيصلي تي راضپو ظاهر ڪندي جي پڻ قافلي کي زبردست سان ڏنو امن قافلي فيصلو ٿيڻ تائين ڌرين کي سوشل ميڊيا تي هڪ ٻئي خلاف مهم هلائڻ ۽ پوسٽون رکڻ ۽ جهيڙي واري مک گلي ليبلز بازار ۾ ڌرين جي نوجوانن کي ويهڻ کان پڻ منع ڪئي جنهن تي ٻئي ڌريون آماده ٿيون ۽ ڌرين وٽ الڳ الڳ دعا خير پڻ گهري وئي

بقايا 20 ’روزاني عبرت‘

اينڊ تنظيمي سرگرمين بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ هيومن رائيٽس فورم جي سرپرست اعليٰ مير الطاف حسين ڏالير خصوصي شرڪت ڪئي، جڏهن ته صوبي سنڌ جي انفارميشن سيڪريٽري پيار علي ڏالير پڻ شرڪت ڪري گڏجاڻي کي خطاب ڪيو.ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هيومن رائيٽس فورم جو بنيادي مقصد سماج جي هر طبقي جي بنيادي انساني حقن جو تحفظ، انصاف جي فراهمي ۽ عوام جي جائز مسئلن جي حل لاءِ مؤثر آواز اٿارڻ آهي هنن زور ڏنو ته تنظيم کي ضلعي ۽ تعلقہ سطح تي وڌيڪ منظم، فعال ۽ مضبوط بڻايو ويندو جيئن وڌيڪ کان وڌيڪ ماڻهن تائين فورم جون خدمتون پهچي سگهن گڏجاڻي دوران تنظيم جي موجوده ڪارڪردگي، ميمبرشپ مهم، ايندڙ پروگرامن، ضلعي سطح تي تنظيمي ڍانچي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ مختلف معاملن تي تفصيلي خيال ونڊيا ويا. ان سان گڏوگڏ تنظيم جي آئين ۽ مقصدن موجب گڏيل سهڪار سان ڪم جاري رکڻ ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن ڪوششون تيز ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته هيومن رائيٽس فورم انساني حقن جي تحفظ، سماجي ڀلائي ۽ انصاف جي قيام لاءِ پنهنجو ڪردار اڳ کان وڌيڪ مؤثر نموني سان ادا ڪندي گڏجاڻي ۾ عهديدارن شهزاد احمد قادري، مير فراز ڏالير بابو ڀائي شهزاد رضا خواجه بابو ڀائي ميمڻ شرڪت ڪئي گڏجاڻي جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي، قوم جي ترقي، سنڌ جي خوشحالي، تنظيم جي استحڪام، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي ڪاميابي سميت سموري انسانيت جي امن ڀلائي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا 21 ’روزاني عبرت‘

ويو چيپيا اختيارين موجب اصغر ولد ساجد بلوچ دڪان ۾ ڪم ڪري رهيو هو ته اوچتو بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو اطلاع ملڻ تي چيپيا جي ايمبولينس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي کي فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو چيپيا ذريعن موجب فوتي جي سڃاڻپ 27 ورهين جي اصغر ولد ساجد بلوچ طور ٿي آهي واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 22 ’روزاني عبرت‘

احمد بلوچ ،ارباب علي سولنگي ،عبدالقدير سولنگي ۽ ٻين چڱن مڙسن ڪئي معززين وڌيڪ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ پرامن رهڻ جي اپيل ڪئي الرا برادري شرط رکيو ته عورت جي واپسي ڪانيءَ جي فيصلي تي اڳيرائي ممڪن ٿيندي ميڙ منٿ ڪندڙن شرط جتوئي برادري تائين پهچائڻ ۽ ڀيهر ڳالهين جو يقين ڏياريو.

بقايا 23 ’روزاني عبرت‘

فرينڊس ڪلب ڊاهڻ جو نه ئي ڪو لوڪل گورنمينٽ يا ڊسٽرڪٽ ڪائونسل کان ڪا اجازت ورتي وئي آهي نه ئي فرينڊس ڪلب ڊاهڻ يا ان مان نڪتل سامان جو ڪوئيندر آڪشن وغيره ڪرايو ويو آهي جڏهن ته غير قانوني طور تي 80 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو پلاٽ هڪ بااثر نامعلوم شخص کي ڏيڻ جا اطلاع آهن جيڪو هن پلاٽ تي شاپنگ سينٽر ٺاهي رهيو آهي ۽ تعمير دوران شهدادپور ميونسپل ڪميٽي جي مشينري ۽ سامان استعمال ڪيو پيو وڃي.شهدادپور جي باشعور عوام مطالبو ڪيو آهي ته سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ سنڌ، ڊي سي سنڌ ۽ چيئرمين اينٽي ڪرپشن سنڌ فوري طور تي شهدادپور جي سي ايم او کي معطل ڪري ۽ شهدادپور ميونسپل ڪميٽي جي ڪروڙين رپين جي پلاٽ جي جانچ ڪئي وڃي ته وڏا [illegible] جا امڪان آهن هنن شهدادپور جي سي ايم او ۽ ڪروڙين رپين جي پلاٽ تي قبضو ڪندڙن خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي

بقايا 24 ’روزاني عبرت‘

منيهن نصير واهه جي پي پاسي هلي وئي هئي نوجوان ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري منيهن کي واپس نصير واهه مان آڻي رهيو هو پاڻي جي تيز وهڪري ۾ ٻڏي ويو هو جنهن مقامي ٽوبن سان گڏ جامشورو مان ٽوبن ريسڪيو جي ٽيم پنج ڏينهن کان پوءِ ڊالو موري وٽان ڪجهه مفاصلي تي رنگي ٻڏي فوت ٿيل ذوالفقار جو لاش ڪڍي آيا ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري جي پوڙهي ماءُ پٽ جو لاش ملڻ تائين قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي اکين نير هاريندي رب پاڪ کان پنهنجي ٻڏي ويل ٻچي لاءِ دعائون گهرندي رهي پنج ڏينهن کان پوءِ رنگي موري وٽان ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري جو لاش هٿ اچڻ کانپوءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي کانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو 18 سالن جي نوجوان ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري جو لاش ڳوٺ صاحب خان ڏاهري ۾ گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۽ عزيزن ۾ ماتم پکڙجي ويو ٻڏي فوت ٿي ويل نوجوان ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري جي جنازي نماز ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جيڪي کيس سوين آلين اکين اڳيان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 25 ’روزاني عبرت‘

ڪورنگي نمبر 4 اويس شهيد پارڪ جي ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ فضل وهاب قتل ٿي ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي. گڏاپ سٽي ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي گڏاپ روڊ جي ويجهو سوئمنگ پول جي اندر رهندڙ 4 سالن جو معصوم نينگرو حسبا دي يوسف ٻڏي فوت ٿي ويو. لاش فاطما بقائي اسپتال ٽول پلازا منتقل ڪيو ويو الفلاح ٿاڻي جي حد ملير جي علائقي ولايت شاهه بابا جي مزار جي ويجهو 11 سالن جي ٻارڙي فريدا دي موسي جو لاش مليو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي ٿاڻي جي ڪارروائي جي بعد جناح اسپتال منتقل ڪئي وئي آهي شاهراهه فيصل ٿاڻي جي حد گلستان جوهر بلاڪ 18 جي ويجهو رهائشي عمارت جي فليٽ مان 63 سالن جي پيرسن عاصم جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش مليو فوتي جي لاش ايڌي سرد خاني سهراب ڳوٺ منتقل ڪيو ويو آهي ڊيفنس فيز 5 راحت ڪمرشل جي ويجهو تيز رفتار واٽر ٽينڪر گهر جي پٽ سان ٽڪرائجي وڃڻ جي نتيجي ۾ ياسر پٽ ڪرم دين فوت ٿي ويو جڏهن ته رضوان پٽ نياز احمد ۽ 10 سالن حذيفا پٽ ياسر زخمي ٿي پيا. فوتي جي لاش ۽ زخمين کي چيپيا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي اورنگي ٽائون جي علائقي گلشن بهار ۾ اقصي مسجد جي ويجهو گهر ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ اصغر پٽ ساجد بلوچ فوت ٿي ويو آهي ناظم آباد بورڊ آفيس کان ڪي ڊي اي جي طرف ويندي پل جي مٿان موٽرسائيڪل سوار عورت نايابا دي مصطفيٰ علي رضا جو برقو چين ۾ اڙجڻ سبب ڪرڻ فوت ٿي وئي کارادر ٿاڻي جي حد کارادر جي علائقي بخاري شاهه درگاهه جي پويان گهٽي مان 55 کان 60 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي. لاش کي ايڌي سرد خاني منتقل ڪيو ويو مچر ڪالوني ۾ الله والي مسجد جي ويجهو ريلوي ٽريڪ کان لڳ 45 کان 50 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو موت جو سبب آخري اطلاع تائين معلوم ناهي ٿي سگهيو ملير سٽي ٿاڻي جي حد داؤد ڳوٺ جي ويجهو گهر ۾ نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ زليخا زال ڪريم بخش زخمي ٿي پئي خواجا اجمير نگري ٿاڻي جي حد نارٿ ڪراچي سيڪٽر 2 جمعرات بازار جي ويجهو فائرنگ ۾ 10 سالن جو نينگر حسين پٽ بخت شير زخمي ٿي پيو قائد آباد جي علائقي مانسهرا ڪالوني ۾ دلدار هوٽل جي ويجهو انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ بلال زخمي ٿي پيو

بقايا 26 ’روزاني عبرت‘

نيشنل هاءِ وي گرين پارڪ سٽي ويجهو مبينا مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ 40 سالن جو ڦورو مارجي ويو ملزمن جي فائرنگ ۾ ٻه پوليس اهلڪار زخمي ٿيا، زخمي اهلڪارن ۽ مارجي ويل ملزم جي لاش کي خانگي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو،ڪراچي پوليس ترجمان موجب زخمي اهلڪارن ۾ پوليس ڪانسٽيبل 40 سالن جو غلام عباس پٽ غلام رسول ۽ 38 سالن جو ڪانسٽيبل زبير احمد پٽ مختيار احمد شامل آهن زخمي اهلڪارن کي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ کان پوءِ اسٽيڊيم روڊ تي خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايڇ او شاهه لطيف انسپيڪٽر ممتاز مروت چيو ته مارجي ويل ڦورو وٽان مليل سڃاڻپ ڪارڊ جي سڃاڻپ 40 سالن جي قيصر خان پٽ افسر خان جي نالي سان ٿي آهي ۽ سندس سڃاڻپ جي تصديق بايوميٽرڪ ذريعي ڪئي ويندي مارجي ويل ڦوري جا ساٿي فائرنگ ڪرڻ کان پوءِ موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

بقايا 27 ’روزاني عبرت‘

ڪيترن ئي ڏينهن کان سڪي پئي آهي، جتي پاڻي بدران واري اڏامڻ لڳي آهي پاڻي نه ملڻ سبب ڦٽي، مرچ، ڪمند ۽ ٻيا بيٺل زرعي فصل سڪي تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن. جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي به اڻلڀ بڻجي ويو آهي ان سنگين صورتحال خلاف 24 ميل موري تي پراڻ شاخ جي ٽيل وارن آبادگارن جو هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ آبادگارن شرڪت ڪئي اجلاس کان پوءِ احتجاجي مظاهرو ڪري آبپاشي کاتي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ متفقه طور فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن پراڻ شاخ ۾ فوري طور پاڻي بحال نه ڪيو ويو ته ايندڙ هفتي ميرپورخاص ۾ ڊائريڪٽر نارا ڪينال جي آفيس آڏو احتجاجي مدي تائين تاريخي ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو پاڻي جي فراهمي تائين جاري رهندو احتجاجي تحريڪ جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ موقعي تي ئي آبادگارن کان فنڊ پڻ گڏ ڪيو ويو آهي ان موقعي تي آبادگارن جي اڳواڻن نصير احمد رمداڻ مير اعجاز ٽالپر زاهد حسين رمداڻ ۽ محبوب ڪيڙو خطاب ڪندي چيو ته نارا ڪينال ۾ 13 ڪيوسڪ پاڻي موجود هجڻ باوجود آبپاشي عملو پراڻ شاخ کي ڪيترن ئي ڏينهن کان هٽرادو بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب هزارين ايڪڙن تي بيٺل فصل سڪي ويا آهن ۽ آبادگار معاشي تباهي جي منهن ڏئي رهيا آهن هنن الزام هنيو ته آبپاشي عملو منڊ وارن علائقن ۾ ڊي اوڙ واٽر ڪورسن کي غيرقانوني طور پاڻي فراهم ڪري رهيو آهي جتي پابندي باوجود سارين جا فصل پوکيا پيا وڃن جڏهن ته ٽيل جي آبادگارن کي مڪمل طور پاڻي کان محروم ڪري سندن حق تلفي ڪئي پئي وڃي آبادگارن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ ڊائريڪٽر نارا ڪينال جي آفيس آڏو "دمادم مست قلندر" ٿيندو هنن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پراڻ شاخ ۾ بنا دير پاڻي ڇڏيو وڃي ٻي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ هر صورتحال جي ذميواري آبپاشي کاتي تي هوندي

بقايا 28 ’روزاني عبرت‘

شعبي جي چيئرمين قاسم نظاماڻي، ناميارا ماهر تعليم سيد اعجاز علي شاهه، سنڌ اطلاعات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر خالد ڪنبوهه، ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد آصف، ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد يعقوب پٽي ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد سعد، سينيئر انفارميشن آفيسر عالمگير رانجهاڻي انفارميشن آفيسر علي وقاص سهتو سميت مختلف سياسي سماجي ۽ صحافتي شخصيتن مرحوم جي دوستن احبابن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن مرحوم عليم الدين خان جي پيشهوارانه خدمتن اعليٰ ڪردار خوش اخلاقي ايمانداري ۽ عوام دوست روين کي ڀرپور نموني ڀيٽا ڏيندي چيو ته هو اطلاعات کاتي جا انتهائي قابل فرض شناس ۽ محنتي آفيسر هئا جن پنهنجي سڄي ملازمت دوران صحافي برادري سميت پنهنجي ساٿي آفيسرن ۽ ملازمن سان هميشه سهڪار شفقت ۽ خلوص جو مظاهرو ڪيو هو هميشه بنا ڪنهن فرق جي هر ممڪن مدد ڪئي ۽ پنهنجي خوش اخلاقي ۽ خدمت خلق جي جذبي سبب هر دلعزيز شخصيت بڻجي ويا هوان موقعي تي ناميارا ماهر تعليم سيد اعجاز علي شاهه پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته عليم الدين خان سندن انتهائي قابل محنتي ۽ باصلاحيت شاگرد هو هن چيو ته سندس ۽ عليم الدين خان جو رشتو ڪتابن سان محبت جو هو جڏهن ته هو سائنس ملڻ ويندو هو ته مرحوم مختلف موضوعن تي ڪتابن گڏ ڪري رکندو هو جنهن سان ملاقات جو هميشه شوق هو دل جو هوهن چيو ته اڄ سندن هڪ بهترين ۽ لائق شاگرد هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي جنهن جو ڏک هميشه محسوس ٿيندو رهندو حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر جنيد خانزاده چيو ته مرحوم عليم الدين خان صحافي برادري جو مخلص دوست هو هن ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن طور پنهنجون ذميواريون نهايت ايمانداري سان نڀايون ۽ صحافين جي ڀلائي مالي سهائتا ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ هميشه ڀرپور ڪردار ادا ڪيو سندن خدمتن کي صحافي برادري هميشه قدر جي نگاهه سان ياد رکندي،تقريب جي پڄاڻي تي مرحوم ڊپٽي ڊائريڪٽر عليم الدين خان جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پونئيرن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري وئي ان موقعي تي حادثي ۾ زخمي ٿيل مرحوم جي گهرواري جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ پڻ خصوصي دعا ڪئي وئي واضح رهي ته مرحوم عليم الدين خان پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ سير تفريح جي سلسلي ۾ ڪالام ويل هو جتي هڪ افسوسناڪ ٽريفڪ حادثي جي نتيجي ۾ هو لاڏاڻو ڪري ويو جڏهن ته سندس گهرواري زخمي ٿي پئي، جيڪا هن وقت اسلام آباد جي هڪ اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي

بقايا 29 ’روزاني عبرت‘

25سال پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڏنا، پر بدلي ۾ سندن پلاٽ تي قبضو ڪيو ويو ۽ گهر آڏو بيٺل ڪار پڻ چوري ٿي وئي، جنهن سبب هو مايوس ٿي عوام جي خدمت لاءِ الڳ سياسي جماعت تحريڪ انسانيت پاڪستان قائم ڪرڻ تي مجبور ٿيا هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ايماندار نظرياتي ماڻهن بدران "ٻه نمبر" ماڻهن کي اهميت ڏئي رهي آهي. جڏهن ته جن ماڻهن ملڪ ۽ عوام لاءِ جدوجهد ڪئي، اهي جيلن ۾ قيد آهن هن دعويٰ ڪئي ته اڳوڻو وزيراعظم عمران خان سياسي انتقام جو شڪار بڻيل آهي. تنهن ڪري سندس آزادي هاڻي سندن مشن بڻجي چڪي آهي منصور احمد آرائين چيو ته عمران خان رهائي ڪميٽي جي پليٽ فارم تان سڄي پاڪستان ۾ پرامن ۽ آئيني جدوجهد شروع ڪئي ويندي، جنهن جو مقصد عمران خان جي آزادي ۽ ملڪ ۾ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ آهي هن چيو ته هو هر شهر ضلعي ۽ صوبي ۾ عوام سان رابطا ڪري هڪ پرامن تحريڪ هلائيندا.هن موجوده حڪومتي اتحاد تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته اقتدار ۾ شامل ڌرين جو واحد مقصد ذاتي مفادن جو تحفظ آهي سندس چوڻ هو ته حڪمرانن کي ملڪ جي معاشي بدحالي مهانگائي بيروزگاري ۽ عوامي مسئلن جي ڪا پرواهه ناهي بلڪ انهن جي خواهش آهي ته ملڪ ڀلي معاشي بحران جو شڪار رهي پر سندن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ محل ۽ ملڪيتون هجن هن وڌيڪ چيو ته ملڪ کي موجوده بحران مان ڪڍڻ لاءِ ايماندار قيادت شفاف نظام ۽ عوامي نمائندگي ضروري آهي هن اعلان ڪيو ته عمران خان جي آزادي، جمهوريت جي بحالي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ هو پنهنجي ساٿين سان گڏ پرامن جدوجهد جاري رکندا.پريس ڪانفرنس ڪندي منصور احمد آرائين چيو ته هو پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين پنهنجي سياسي مقصدن عوام جي حقن ۽ عمران خان جي آزادي لاءِ جدوجهد جاري رکندا ۽ ڪنهن به دٻاءُ يا رڪاوٽ آڏو نه جهڪندا.

بقايا 30 ’روزاني عبرت‘

طور بچي ويو جڏهن ته ڊاڪسن ۾ سوار چار ڄڻا ٻڏي ويا مقامي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت امدادي ڪم ڪري ٻن ڄڻن کي بچائي ورتو جڏهن ته ٻه ڄڻا 10 سالن جو لالو ۽ 20 سالن جو نوجوان مجيب گولو لڙهي ويا جن جي ڳولا لاءِ مقامي ماڻهن پاڻي ۾ لهي پيا ڊاڪسن به پاڻي مان مقامي ماڻهن پاڻ ڪڍي ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ جي باوجود هٿ نه اچي سگهيا انتظاميا ۽ مدد لاءِ وقت سر نه پهچي واقعي تي سوشل ميڊيا تي انتظاميا تي سخت تنقيد ڪئي وئي جنهن بعد ڪيترائي ڪلاڪ بعد شاهي واهه حادثي واري هنڌ پهچي معلومات ورتي خبر فائيل ٿيڻ تائين ٻڏي ويلن جا لاش هٿ نه اچي سگهيا آهن

بقايا 31 ’روزاني عبرت‘

ويا آهن پر بدين تعلقي جي 88 اميدوارن کي گذريل پنجن سالن کان نظرانداز ڪيو پيو وڃي جنهن سبب هو سخت بيچيني، مايوسي ۽ بيروزگاري جو شڪار آهن هنن الزام هنيو ته ضلعي جي تعليم کاتي جي لاڳاپيل عملدارن جي نااهلي سبب 88 اميدوارن کي سندن جائز حق کان محروم رکيو ويو آهي جڏهن ته ٻين ضلعن ۾ حڪومت هزارين استادن کي آرڊر جاري ڪري چڪي آهي انهن جي پڪ اسان جي رهي آهي هنن چيو ته ٻين ڪي پي ايس اميدوارن پنجن سالن کان آفر آرڊرن جا منتظر آهن،احتجاج ڪندڙن چيف جسٽس بلاول ڀٽو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته بدين تعلقي جي 88 آءِ بي اي پاس اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي کين فوري طور نوڪريون فراهم ڪيون وڃن

بقايا 32 ’روزاني عبرت‘

ڪري کڻي ويو آهي هنن چيو ته اغوا جي رپورٽ بلو ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس اڃا تائين اسان جي نينگري بازياب نه ڪرائي ڏني آهي هنن چيو ته اغوا ڪندڙ اسد چانگ ڏوهاري ۽ لوفر قسم جو ماڻهو آهي جيڪو زينب کي جان کان مارڻ جون موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته سندن اغوا ٿيل نياڻي زينب شيخ کي فوري طور تي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي

بقايا 33 ’روزاني عبرت‘

مان ٻن معصوم ڀائرن ۽ پيرسن نائي جو اهڙي موت سبب علائقي ۾ ڏک وارو ماحول آهي هي واقعو پراسرار سان گڏ شڪي بڻجي ويو آهي مختلف سوال جنم وٺي رهيا آهن خاص ڪري واقعي واري رات فوتي ڀائرن جي والده ۽ ٻين ٻارن اهو ڪاڌو نه کائڻ سميت مختلف خدشا پيدا ٿين پيا فوتي ڀائرن جي والد آصف ڪاڇيلن پڻ پوسٽ مارٽم جي شفاف رپورٽ ظاهر ڪري جانچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو علائقي واسين واقعي جي شفاف جانچ جي گهر ڪئي

بقايا 34 ’روزاني عبرت‘

سالن کان PST/JEST گريڊ 14 جي ميرٽ لسٽ ۾ شامل آهن پر اڃا تائين سندن مقرري لاءِ ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي هنن چيو ته سکر سٽي لاءِ ڪيترن ئي سالن کان نئين SNE (Sanctioned New Expenditure) جي منظوري نه ڏني وئي آهي، جنهن سبب استادن جي نيون خالين جي ڀرتيون رڪيون ويون آهن مظاهرين وڌيڪ چيو ته گذريل لڳ ڀڳ پندرهن سالن کان سکر سٽي لاءِ نيون تدريسي سيٽون فراهم نه ڪيون ويون آهن جڏهن ته سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ گهٽ نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن کي به پڪي مستقل طور مقرر ڪيو ويو آهي هنن الزام هنيو ته ٻين علائقن ۾ 32 ۽ 33 نمبر حاصل ڪندڙ هزارين اميدوارن کي به ڀرتي ڪيو ويو جڏهن ته سکر جا اهل اميدوار اڄ به ويٽنگ لسٽ ۾ شامل هجڻ باوجود مقرري جا منتظر آهن مظاهرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سکر سٽي لاءِ فوري طور نئين SNE جي منظوري ڏئي ويٽنگ لسٽ ۾ شامل سڀني اهل اميدوارن کي ميرٽ جي بنياد تي جلد کان جلد مقرر ڪيو وڃي

بقايا 35 ’روزاني عبرت‘

مطالبو ڪيو احتجاج دوران صحافين سان ڳالهائيندي مائي زوريت الزام لڳايو ته سندس چار ٻار آهن جن ۾ هڪ 18 سالن جي ڌيءُ به شامل آهي سندس مطابق سندس سسر پنهنجي ڌيءَ جي شادي خاندان ۾ ڪرائڻ چاهين ٿا پر هوءَ ۽ سندس ڌيءُ هن رشتي تي راضي نه آهن هن چيو ته سندس مڙس عبدالله سندس ڀائرن امير علي عاشق علي ۽ بنگل جي درخواست تي کيس سندس ڀاءُ جي گهر ڇڏي ويو جڏهن کان هو سسر مٽس مسلسل دٻاءُ وجهي رهيا آهن ته جيڪڏهن شادي قبول نه ڪئي وئي ته کيس طلاق ڏئي ڇڏيندا.مائي زوريت چيو ته سندس ئي سسر سندس ڀاءُ عبدالغفار ڀيو جي گهر ۾ ڪيترائي ڀيرا داخل ٿي کيس ۽ سندس ڀاءُ کي تشدد جو نشانو بڻايو ويا آهن هن چيو ته ان حوالي سان لاڳاپيل پوليس اسٽيشن ۾ رپورٽ پڻ داخل ڪئي وئي هئي پر سندس مطابق پوليس جوابدارن خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي جنهن ڪري انهن کي مسلسل موت جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن معاشره وڌيڪ الزام لڳايو ته اڄ سندس سسر سندس ڀاءُ عبدالغفار ڀيو کي تشدد ڪرڻ کان پوءِ اغوا ڪيو جنهن جي فوري طور تي لاڳاپيل پوليس اسٽيشن کي رپورٽ ڪئي وئي احتجاج جي آخر ۾ مائي زوريت مطالبو ڪيو ته سندس سسر خلاف فوري ۽ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، سندس مبينا طور تي اغوا ٿيل ڀاءُ عبدالغفار ڀيو کي محفوظ طور تي بازياب ڪرايو وڃي، ۽ کيس ۽ سندس خاندان جي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 36 ’روزاني عبرت‘

ڏينهن کي ڪارو ڏينهن ڪري ملهايو ويو رپورٽ موجب بدين ۾ ڊاڪٽر سجاد علي چانڊيو فدا حسين منڌرو عبدالغفور نظاماڻي يار محمد خاصخيلي نياز لاشاري، حاجي عبدالغفور ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي هوڏانهن سجاول ۾ منظور رحيم پليجي نجيب سروهي، عارف ابڙو محبت لغاري، شفيع لغاري علي محمد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي ٻئي طرف ٽنڊوالهيار ۾ ظهير عباس ڀٽي ۽ مولا بخش ڀيو، رمضان سري، غلام قادر دل ،

اسلام ڪوٽ ۾ امڪاني شراب جي ڪلنڊز گٽي خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا، روڊ بلاڪ

مذهبي جماعتن، سول سوسائٽي، هندو ۽ مسلم برادري پاران ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

ڪجهه شرپسند عنصر هر 5 يا 6 مهينن بعد شراب جو گٽو کولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن:مظاهرين

امڪاني شراب جي گٽي جو مبينا جعلي لائسنس فوري طور رد ڪري ان ۾ ملوث ڌرين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ شهر ۾ آبادي اندر امڪاني طور شراب جي گٽي کولڻ خلاف مذهبي جماعتن، مختلف مڪتب فڪر جي اڳواڻن، سول سوسائٽي، هندو ۽ مسلم برادرين سميت وڏي انگ ۾ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

دولت پور ۾ زمين تي قبضي خلاف پيرسن پورهيت جو احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

دولت پور صفن (ن ع) دولت پور پرسان زرعي زمين تي قبضي خلاف پيرسن پورهيت جي پريس ڪانفرنس، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل دولت پور پرسان ڳوٺ ٽنگرمڪان جي رهواسي پيرسن پورهيت غلام محمد چنا شاهپور جهانيان پريس بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو بدامني ۽ پوليس جي زيادتين خلاف ڪلهوڙا برادري جو احتجاجي ڌرڻو

لاڙڪاڻو باءِ پاس تان هٿياربندن سردار بخش عباسيءَ کان ڦرلٽ ڪري نوجوان نذير کي مبينا اغوا ڪري ويا

پوليس پاران ڪيس داخل نه ڪرڻ ۽ نوجوان جي بازيابيءَ لاءِ ڪلهوڙا برادريءَ سنابو باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو

ايس ايس پي ۽ ٻيا وسوارا واقعي جو نوٽيس وٺي نوجوان کي بازياب ڪرائي ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائين: مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) گمبٽ پرسان بهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪمالديرو، خيرپور لاڙڪاڻو بائي پاس تان نامعلوم هٿياربندن پاران پيرسن کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر نوجوان مبينه طور اغوا بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت پاران گهر تي چڙهائي نوجوان کي کڻڻ الزام ۾ 15 اهلڪارن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

خيرپور(د ر)پورهيت جي گهر تي مبينا چڙهائي ۽ نوجوان کي کڻي گم ڪرڻ وارو معاملو ڪن سڃاتل پوليس عملدارن سميت 15 اهلڪارن خلاف ڪيس داخل خيرپور ۾ ٻه مهينا اڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پرسان ڪارگو لوڊر کي ٽرالر جي ٽڪر لڳڻ سبب واپاري فوت

قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ بشير احمد ملاح سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي گمس اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان روڊ حادثي ۾ بهارو واسي چوپائي مال جو واپاري فوت راضيديرو جي واري ڳوٺ بهارو جي رهواسي چوپائي مال جو واپاري بشير احمد ملاح صبح سوير ڪارگو لوڊر تي مال وڪرو ڪرڻ لاءِ هالاڻي مال پڙي تي وڃي رهيو هو ته قومي شاهراهه تي پويان ٽرالر جو ٽڪر لڳڻ سبب واپاري ڪري پيو ۽ سندس ٽنگهن تي ٽرالر چڙهي ويو ڪيس سخت ٻڌتي واري بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

فني خرابي سبب ڪوٽڙي جي مختلف فيڊرن ڏانهن بجلي جي فراهمي معطل، شهري پريشان

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) حيسڪو جي 132 ڪي وي هاءِ ٽرانسميشن لائين جيڪا ڪوهسار کان ڪوٽڙي گرڊ اسٽيشن تائين بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ 14 ورهين جي نينگر سان مبينا زيادتي

متاثر نينگر جي والد پاران ٿاڻي تي رپورٽ، طبي معائني لاءِ اسپتال منتقل

واقعي جي جاچ ڪيون پيا، ميڊيڪل رپورٽ بعد قانوني ڪارروائي ڪبي: پوليس

ٻلڙي شاهه ڪريم(ت ر) ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ 14 ورهين نينگر سان مبينا بدفعلي، ٻن جوابدارن مبينا طور نينگر ساجد علي ولد نواز سيال کي اغوا ڪري ڪمند جي فصل ۾ وٺي وڃي ڪيس جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو،واقعي کان پوءِ متاثر نينگر جي والد متاثر نينگر کي ساڻ ڪري ٻلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي تي پهتو جتي پوليس نينگر کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري وڌيڪ جاچ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ايس يو پي جا عوام دشمن بجيٽ ۽ سنڌ دشمن پاليسين خلاف مظاهرا، ريليون

سکر، ميرپورخاص، ڪنڊڪوٽ، بدين، گلاب لغاري، ميهڙ، سيوهڻ، ڪوٽڙي سائيٽ، مورو سميت ٻين شهرن ۾ احتجاج ڪيا ويا

سنڌ جي ناٿي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي ڀهرين ۽ آئيني حق سنڌ واسين جو آهي ۾ مسلسل انهن وسيلن تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن:اڳواڻ

درياهن تي نون منصوبن ۽ پاڻي جي ورهاست بابت سنڌ جي آئيني ۽ قانوني حقن جو احترام ڪيو وڃي

حيدرآباد(نمائندن وٽان) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي تعلقه ميهڙ ۾ 2026-27 ع جي مبينا عوام دشمن بجيٽ، سنڌ جي ناٿي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن جي مبينا ڦرلٽ ۽ سنڌ دشمن پاليسين خلاف بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

جامشورو: ايس يو پي پاران بجٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيسڪو بدين ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين جون چونڊون، مزدور دوست پينل ڪامياب

بدين (د ر) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرواليڪٽرڪ ورڪرز يونين طرفان حيسڪو سب ڊويزن بدين ۾ ٻن گروپن جي پينلن مزدور دوست ۽ جٽي لطيف پينل وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ مزدور دوست جي پينل جي چيئرمين مولا بخش جوڻيجو جنرل سيڪريٽري □بخش ڪاتيار وائيس چيئرمين محمد حنيف پوٽ ۽ جوائنٽ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سنڌي ادبي سنگت مٽياري پاران ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ محفل مسالمه

مقالن ۾ حق، صبر، استقامت ۽ قرباني جي فلسفي کي اجاگر ڪندي شهيدن جي ڏسيل وات تي هلڻ جي تلقين

شاعري، قصيدي ۽ ڪربلا جي موضوع تي ادبي پيشڪش ذريعي حضرت امام حسينؑ ۽ شهيدن کي ڀرپور ڀيٽا پيش

وقتي صدر رفيق احمد ڀنڀرو مٽياري شاخ جي پنجن سالن کان بنا وقفي جاري ادبي سرگرمين کي ساراهيو

مٽياري (د ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ پاران ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ محفل مسالمه زير صدارت رفيق احمد ڀنڀرو ٿي گذري جنهن شروعات اسلم ميمڻ تلاوت سان ڪئي نعت عبدالقادر ٻلالي، سهراب خان ٻاٽي شاهه جا شعر پڙهيا ۽ امامن جا قول پيش ڪيا. سائين عبدالرزاق ميمڻ مقالو رفيق احمد سومرو مقالو محمد بچل ميمڻ مقالو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پيارو اسٽيشن ويجهو هٿياربند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل، روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو پي ايس رڪڻ جي حد ۾ ڪوٽ موري پرسان هٿيارن جي زور تي پيارو دادو لنڪ روڊ تي ڏينهن ڏٺي جو ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل ڦر ٿي وئي، ان موقعي تي ڦر متاثر ڳوٺاڻي ٻڌايو ته منهنجو نالو عبدالوحيد پنهور مان بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ نوجوان ناري سميت 3 ڄڻن پاران ڏار ڏار آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ نوجوان ناري ڪريمان ڏيءُ محمد بچل. نوجوان نذير ولد فوٽو ڀيل ۽ نوجوان جاويد علي گهرو مسئلن سبب ڏار ڏار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو

شهدادپور: 5 جولاءِ جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان پ پ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

سيپڪو سکر پاران بجلي چوري ۽ بقيدارن خلاف ڪريڪ ڊائون، ڪنيڪشن ڪٽيا، ڏنڊ لاڳو

ايس ڊي او سب ڊويزن بندر روڊ خليل الرحمان ڊومڪي جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا

ڇاپن دوران سوين غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي ڏنڊ لاڳو ڪري لکين رپيا بقيدارن کان وصول ڪيا ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سيپڪو جي چيف انجنيئر اعجاز احمد چنا جي خاص هدايتن تي، سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني (سيپڪو) سب ڊويزن بندر روڊ پاران بجلي چوري خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٻه ٻارڙيون پالڻ لاءِ پسنديدا گلر ملڻ تي خوش نظر اچي رهيون آهن

جامشورو ۾ مڪسي ۽ بليدي برادري ۾ جهيڙي جي خاتمي لاءِ امن قافلو ڌرين وٽ پهتو

شهر جي معزز شخصيتن سياسي سماجي صحافي ۽ مذهبي اڳواڻن ڌرين کي ٺاهه لاءِ منٿ ڪئي

ٻنهي ڌرين جي اڳواڻن پاران امن قافلي کي مان ڏيندي ٺاهه لاءِ راضپو ظاهر ڪيو

جامشورو: (د ر) شهر ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ مڪسي ۽ بليدي برادري ۾ ٿيل جهيڙي وارو معاملو: شهر جي معزز شخصيتن سياسي سماجي صحافي ۽ مذهبي اڳواڻن تي مشتمل امن قافلو ساگر الاهي بخش عالماڻي صحافي اڳواڻ شريف ابڙو مولانا صبغت الله بازري، استاد سراج الدين ٽيوٽو عنايت الله قريشي رحيم جمالي،قادر بخش پلاٽي، سرور برفت، حاجي واحدبخش بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ دڪان اندر ڪم دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون گلشن بهار ۾ اقصيٰ مسجد پرسان هڪ دڪان ۾ ڪم دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب 27 ورهين جو نوجوان فوت ٿي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هيومن رائيٽس فورم بدين جي گڏجاڻي، انساني حقن جي تحفظ ۽ تنظيم وڌيڪ فعال بڻائڻ جو عزم

تنظيمي استحڪام، ميمبرشپ مهم ۽ ضلعي سطح تي ٻانچي کي مضبوط ڪرڻ بابت اهم فيصلا

اڳواڻن جو انصاف جي فراهمي، عوامي مسئلن جي حل ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪرڻ تي زور

بدين (د ر) هيومن رائيٽس فورم آف پاڪستان بدين جي اهم تنظيمي گڏجاڻي، تنظيمي استحڪام ۽ عوامي خدمت بابت اهم فيصلا ڪيا ويا بدين ۾ هيومن رائيٽس فورم ضلعي بدين جي هڪ اهم تنظيمي گڏجاڻي ڊويزنل صدر نعيم احمد ميمڻ جي صدارت هيٺ منعقد ٿي جنهن ۾ فورم جي تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ، انساني حقن جي تحفظ، عوامي خدمت ۽ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: ايس يو پي پاران بجٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پراڻ شاخ ۾ هٽڙادو پاڻي بند ڪرڻ خلاف ڊائريڪٽر نارا ڪينال آفيس آڏو اڻڄاتل مدي واري ڌرڻي جو فيصلو

جمڙائو ڪينال جي پراڻ شاخ سڪي وئي، ڦٽي، مرچ، ڪمند سميت بيٺل فصل تباهي جي ڪناري تي آهن:آبادگار

نارا ڪينال ۾ پاڻي موجود هجڻ باوجود ٽيل تائين فراهم نه ڪيو وڃي، آبپاشي عملو پاڻي وڪرو ڪن پيا

پاڻي بحال نه ٿيو ته ايندڙ هفتي ميرپورخاص ۾ تاريخي ڌرڻو هڻبو، احتجاجي تحريڪ لاءِ فنڊ پڻ گڏ ڪري ورتو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڪوٽ غلام محمد تعلقي ۾ هٽڙادو پاڻي جي ڪوٽ خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري وئي آهي جمڙائو ڪينال جي مک پراڻ شاخ گذريل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ عليم الدين خان جي ايصال ثواب لاءِ تعزيتي تقريب

تقريب ۾ مختلف صحافتي، تعليمي ۽ سماجي شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

اڳواڻن پاران مرحوم جي ايمانداري، خوش اخلاق ۽ صحافي برادري لاءِ خدمتن کي خراج تحسين

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ اطلاعات کاتي جي مرحوم ڊپٽي ڊائريڪٽر عليم الدين خان جي ايصال ثواب لاءِ لطيف آباد ۾ هڪ تعزيتي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ اجتماعي دعا جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر جنيد خانزاده، سنڌ يونيورسٽي جي ماس ڪميونيڪيشن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عمران خان رهائي ڪميٽي اڳواڻ جو ڪار چوري خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(د ر) تحريڪ انسانيت پاڪستان جي چيئرمين ۽ عمران خان رهائي ڪميٽي جي چيئرمين منصور احمد آرائين پريس ڪلب خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته هن پنهنجي زندگي جا پنجويهه (بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: هڪ نينگر روڊ ڪناري مفلر وڪرو ڪري رهيو آهي

مورو ويجهو تيز رفتار ٽرڪ جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

نوان جتوئي شهر ۾ حادثي سبب 13 ورهين جو شهزاد پٺاڻ سخت زخمي ٿي پيو

نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو پي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

مورو(ن ع) مورو ويجهو نوان جتوئي شهر تيز رفتار ٽرڪ جو نوجوان کي ٽڪر سبب 13 سالا نوجوان شهزاد علي پٺ پٺاڻ دونگهو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو ۽ ڊاڪٽرن پڻ فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته نوان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي، منشيات اسمگلنگ گروهه جو جوابدار گرفتار

ڊيگو گاڏي مان 33 هزار سفينا ۽ 2 ڪلو چرس هٿ، ثناءُ الله لانگو کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدار جا ٻيا ساٿي ڀڄڻ ۾ ڪامياب، انسداد منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور جي ويجهو سي آءِ اي پوليس جي وڏي ڪارروائي ڪري منشيات فروشن جي بين الصوبائي اسمگلنگ گروهه جي جوابدار کي گرفتار ڪري وڏي انگ ۾ منشيات هٿ ڪري ورتي بدين جي سي آءِ اي پوليس انسپيڪٽر گل حسن لغاري خفيه اطلاع ملڻ تي پنهنجي پوليس پارٽي سان ڪڙيوگهنور ٿاڻي جي حد ۾ حيدرآباد گولاڙچي روڊ جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي واقعي خلاف احتجاجي ريلي

سنڌ شاگرد سڀا ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو

ڊاڪٽر فهميده لغاري جي موت واري واقعي جي شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي:مظاهرين

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) سنڌ شاگرد سڀا، ڊاڪٽر فهميده لغاري جي وارثن ۽ مختلف سماجي تنظيمن پاران ڊاڪٽر فهميده لغاري جي موت واري واقعي ۾ انصاف نه ٿيڻ ۽ تعليمي ادارن ۾ سنڌي نياڻين سان مبينا طور ٿيندڙ هراساني ۽ ناانصافين خلاف گورنمينٽ ڊگري ڪاليج کان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سنڌ دشمن
بجيٽ
نامنظور
سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعو سکر

سکر: ايس يو پي پاران بجٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هالا ۾ مزدور نوجوان تي ڪوڙو چوري ڪيس داخل ڪرڻ خلاف مري برادري جو احتجاج

پوليس تي بغير ثبوت حيات خان مري کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي:مظاهرين

اصل چورن کي گرفتار ڪرڻ بدران بيگناهن کي ڦاسايو پيو وڃي، انصاف ڪيو وڃي

هالا (رپورٽ: منصور حيات بلوچ) هالا پرسان ڪڇي واري علائقي سکيور جي رهواسي مري برادريءَ پاران پياري لنڊ ٿاڻي تي چوريءَ جو ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف هالا پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين غلام رسول مري ۽ گل الدين مري جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو آهي ته ٽي هفتا اڳ پيارو لنڊ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن ۾ ساس جو اجالا پروين ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

سنڌ جي معصوم ٻارن جو بازياب نه ٿيڻ حڪومت جي نااهلي ۽ بيحسي جو ثبوت آهي

مغوي ٻارن جا والدين ۽ وارث هر پل اذيت، بيچيني ۽ ڪرب جي زندگي گذاري رهيا آهن:مظاهرين

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڦلجي اسٽيشن پاران معصوم اجالا سولنگي پريا ڪماري سميت گم ٿيل معصومن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ اديبن سماجي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيڪريٽري هالار ياسين آرائين، محمد نواز چانديو وفا ياسين آرائين، نورالدين ساگي آخوند نوراحمد، اماز بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر بمبلي مائنر ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف احتجاج جو سلسلو جاري

آبادگارن حاجن مهر ياسين مهر شوڪت مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو

جائز مطالبا فوري طور قبول نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: آبادگار

خانپورمهر(ن ع) بمبلي مائنر جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ آبادگارن حاجن مهر ياسين مهر شوڪت مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاهپورمهر جي مين پل تي وڏي انگ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج دوران آبادگارن سخت نعريبازي ڪندي آبپاشي اختيارين ۽ سيڊا انتظاميا خلاف پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو احتجاج ڪندڙن چيو ته ڪيترن ئي ڏينهن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

گمبٽ جي ڪڇي ۾ الرا ۽ جتوئي برادرين ۾ تڪرار جي خاتمي لاءِ ميڙ منٿ قافلو

سردار حسين بخش خان ناريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قافلي الرا برادري جي چڱن کي منٿ ڪئي

الرا برادري شرط رکيو ته عورت جي واپسي ڪانپوءِ ئي فيصلي تي اڳڀرائي ممڪن ٿيندي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ جي ڪڇي واري علائقي پريالوءِ ۾ الرا ۽ جتوئي برادرين وچ ۾ گذريل ٽن سالن کان جاري خوني تڪرار جي خاتمي لاءِ علائقي جي معززين جو ميڙ منٿ قافلو ڳوٺ سليمان الرو جي معزز شخصيتن وڏيرو راجا خان الرو وٽ پهتو قافلي جي اڳواڻي سردار حسين بخش خان ناريجو ،صدرالدين پتو ،مولوي سراج احمد جمالي ،وڏيرو غلام نبي ڦليپوٽو ،حاجي مينر بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي شهرين لاءِ قائم ڪيل فرينڊس ڪلب کي انتظاميا ڊهرائي پٽ

غير قانوني طور تي ڪروڙ رپين جو پلاٽ بااثر شخص کي ڏيڻ جا اطلاع

اعليٰ عملدار سي ايم او کي معطل ڪري ۽ معاملي جاچ ڪرائين: رهواسي

شهدادپور (ن ع) ضلعي ڪائونسل سانگهڙ پاران شهدادپور جي شهرين لاءِ قائم ڪيل فرينڊس ڪلب کي شهدادپور ميونسپل ڪميٽي جي سي ايم او غير قانوني طور تي فرينڊس ڪلب کي ڊاهي ڇڏيو ۽ عمارت جي پوري ڍانچي کي ضايع ڪري ڇڏيو جنهن ۾ ڇت، ڀيم سريون دروازا دريون ۽ ٻيون قيمتي شيون شامل آهن.ان سلسلي ۾ مليل معلومات موجب ته بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

چونڊڪو پرسان ڀهاڙي واري علائقي مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

خيرپور(د ر)چونڊڪو پرسان ڀهاڙي واري علائقي ۾ اچڙوٽر ڪاهوڙي مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ، اسپتال منتقل. لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. تفصيل موجب چونڊڪو پرسان اچڙو ٿر ڪاهوڙي واري علائقي ۾ 45 ورهين جي نامعلوم شخص جو لاش علائقي واسين ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن کان پوءِ پوليس پهچي لاش چونڊڪو اسپتال منتقل ڪرايو آخري اطلاعن تائين لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي هئي جڏهن ته لاش چونڊڪو اسپتال جي مرده خاني ۾ رکرايو ويو هو.

نصير واهه ۾ ٻڏي ويل ڏتار جو لاش ونگي موري وٽان هٿ، وارثن حوالي

مسڻ وڏي (ن ع) يوسي بيگن جروار جي ڳوٺ صاحب خان ڏاهري جو 18 سالا نوجوان ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري پنج ڏينهن اڳ مال چاريندي نصير واهه جي ڏالو موري پرسان ٻڏي ويو هو ٻڏي فوت ٿيل ذوالفقار علي ولد محرم ڏاهري نصير جي ڏالو موري پرسان منيهنون جاري رهيو هو ته هڪ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم ٻارڙي ۽ عورت سميت 9 ڄڻا فوت

ڪورنگي ۾ نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ فضل وهاب قتل ٿي ويو

گلاب روڊ ويجهو سوئمنگ پول ۾ وهنجندي 4 سالن جي معصوم نينگري حسبا ڌي يوسف ٻڏي فوت ٿي

ملير جي علائقي ولايت شاهه بابا جي مزار ويجهو 11 سالن جي ٻارڙي فريدا ڌي موسي جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم ٻارڙي ۽ عورت سميت 9 ڄڻا فوت، جڏهن ته عورت سميت 5 ڄڻا ٻيا زخمي ٿي پيا. ڪورنگي ٿاڻي جي حد بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي هڪ ڌوري مارجي ويو، ٻه اهلڪار زخمي

شاهه لطيف پوليس جو نيشنل هاءِ وي گرين پارڪ سٽي ويجهو مبينا مقابلو ٿيو

فائرنگ دوران 40 سالن جو قيصر خان مارجي ويو، ٻه اهلڪار غلام عباس ۽ زبير احمد زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف پوليس مبينا مقابلي ۾ هڪ ڌوري کي ماري ڇڏيو ٻيا ملزم فائرنگ ڪندي فرار ٿي ويا، ملزمن جي فائرنگ ۾ ٻه پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا، مارجي ويل ڌوري وٽان هٿيار ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو.شاهه لطيف ٽائون پوليس جو آچر جي صبح بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

هالا: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊڪوٽ ويجهو زبون حال پل تان ڊاٽسن واهه ۾ ڪري پئي، چار ڄڻا ٻڏي ويا، ٻه فوت

ڳوٺ پيارو خان گولو مان ڊاٽسن مسافر کڻي رسالدار ڏي وڃڻ دوران زبون حالي شاهي واهه پل مان گذرڻ دوران ڪري پئي

ڊاٽسن ۾ سوار چار ڄڻا ٻڏي ويا مقامي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت امدادي ڪم ڪري ٻن ڄڻن کي بچائي ورتو

10 سالن جو لالو ۽ 20 سالن جو مجيب گولو لڙهي ويا، ٽوبن جي مدد ڳولا باوجود لاش هٿ اچي نه سگهيا

ڪنڊڪوٽ (د ر) ڪنڊڪوٽ لڳ ڳوٺ پيارو خان گولو مان ڊاٽسن مسافر کڻي رسالدار ڏي وڃڻ دوران زبون حالي شاهي واهه پل مان گذرڻ دوران ڪري پئي جنهن ڪري ڊاٽسن ڊرائيور حفيظ گولو معجزاتي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: 5 جولاءِ جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان پ پ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين ۾ آئي بي اي پاس استاد اميدوارن جو آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

بدين (د ر) بدين تعلقي جي آئي بي اي پاس جي اي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو غلام قادر سومرو، اسدالله بروهي غلام نبي چاوڙو جاويد ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اميدوارن چيو ته ضلعي جي ٻين سڀني تعلقن جي ڪامياب اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪيا بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

هالا ويجهو ستين ڪلاس جي شاگردياڻي مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

اسد چانگ ۽ ساٿي نينگري زينب شيخ کي زبردستي کڻي ويا آهن:مظاهرين

بلو ٿاڻي تي رپورٽ باوجود بازياب ناهي ٿي سگهي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

هالا (ت ر) ڀنجمورو جي رهواسي مير محمد شيخ پنهنجي گهرواري مسمات شهلا نوشين سان گڏ پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي چيو ته جمع واري ڏينهن ڀنجمورو جي مشتاق آباد ڪالوني مان اسد چانگ پنهنجي ساٿين سان گڏ اسان جي ٻارنهن ورهين جي ستين ڪلاس ۾ پڙهندڙ نينگري زينب کي گهر جي اڳيان گهٽي مان هٿيارن جي زور تي زبردستي اغوا بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سماجي اڳواڻ منشيات خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

عمرڪوٽ: ڳوٺ گينو ۾ زهريلو کاڌو کائيندڙ پيرسن به فوت، انگ ٽي ٿي ويو

ڳوٺ حيات گينو ۾ مبينه طور زهريلو کاڌو کائڻ سبب ٻه ٻارڙن فوت ٿي ويا هئا

حيدرآباد اسپتال ۾ علاج دوران پيرسن ڏاڏو اصغر آرائين به دم ڏئي حوالي ڪيو

عمرڪوٽ(د ر) ڳوٺ گينو ۾ زهريلو کاڌو کائيندڙ پيرسن به فوت،فوتين جو انگ ٽي ٿي ويو . واقعو پراسرار سان گڏ شڪي بڻجي ويو گذريل ڏينهن ڳوٺ حيات گينو ۾ مبينه طور زهريلو کاڌو کائڻ سبب ٻه معصوم ٻارڙن حسنين ۽ حسن آرائين کان پوءِ سندن پيرسن ڏاڏو اصغر آرائين به فوت ٿي ويو واقعي بعد اصغر آرائين حيدرآباد ۾ زير علاج هو جتي هن دم ڏئي ڏنو هڪ گهر بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ويٽنگ لسٽ اميدوارن جو جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

اميدوارن محفوظ احمد، ماجد، فضل الرحمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ويٽنگ لسٽ ۾ شامل سڀني اهل اميدوارن کي ميرٽ جي بنياد تي جلد کان جلد مقرر ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر سٽي جي PST/ JESTويٽنگ لسٽ ۾ شامل نوجوان اميدوارن پنهنجي جائز مطالبن جي حق ۾ سکر پريس ڪلب آڏو محفوظ احمد، ماجد، فضل الرحمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي بيٺا هئا، جن تي سندن مطالبن جي حمايت ۾ نعرا لکيل هئا.ان موقعي تي اميدوارن چيو ته هو گذريل پنجن بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پنوعاقل واسڻ جو ساهورن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل جي رهواسي عبدالله پيو جي زال مائي زوريت پنهنجي پاءِ تي سندس سسر پاران ڪيل ظلم تشدد، ڌمڪيون ۽ اغوا خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪيو اعليٰ اختيارين کان فوري انصاف ۽ تحفظ جو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

5 جولاءِ 1977 تي جنرل ضياءُ الحق پاران پ پ جي حڪومت ڪيرائڻ خلاف مختلف شهرن ۾ ريليون

حيدرآباد، بدين، سجاول، ٽنڊوالهيار، خيرپور ۾ ڪارڪنن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو

سکر، نوشهروفيروز، ٽنڊومحمد خان، ميرپورخاص ۽ ٻين شهرن ۾ ريليون ڪڍي ڪارو ڏينهن" ملهايو ويو

مٽياري، هالا، ڀٽ شاهه، مورو، ٽنڊوآدم، شهدادپور، ڪنڊيارو ۾ پڻ ڪارڪنن ريليون ڪڍي نعريبازي ڪئي

حيدرآباد(نمائندن وٽان) 5 جولاءِ 1977 ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل عوامي جمهوري حڪومت تي ڌاڙو هڻي فوجي جنرل ضياء الحق ملڪ تي مارشلا هڻي پنهنجي فوجي آمريت قائم ڪرڻ واري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: پيپلزپارٽي پارٽي پاران 5 جولاءِ جو ڪارو ڏينهن ملهائڻ جي تقريب جو ڏيک

خيرپور پوليس ڪروڙ رپين جي ماليت جو ڦريل ڪيڙي سان ڀريل ٽرالر هٿ ڪري ورتو

خيرپور(د ر)خيرپور پوليس اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ ڦر ٿيل 7 ڪروڙ رپين جي ماليت جو امپورٽڊ ڪيڙي سان ڀريل ٽرالر ۽ ان ۾ موجود سمورو مال برآمد ڪري ورتو،ها ڳالهه ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ٻڌائي هن ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٿاڻي ٻبرلو جي حد مان 7 ڪروڙ رپين جي ماليت جو بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي، بدامني خلاف عوامي تحريڪ جو احتجاجي مظاهرو

هارين مزدورن، نوجوانن ۽ شهرين جي وڏي انگ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو

28هين آئيني ترميم کي سنڌ ۽ صوبائي حقن خلاف سازش قرار ڏيندي رد ڪيون ٿا:مظاهرين

ٽنڊوالهيار (د ر) سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙن 28 هين ترميم منشيات جي وڌندڙ وڪري سبب نسلن جي تباهي بدامني ۽ عورتن جي قتل عام خلاف عوامي تحريڪ طرفان ريلي ڪڍي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ آبادگارن هارين پورهيتن نوجوانن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي عوامي تحريڪ ضلعي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ناميارن ليکڪ ۽ سياسي سماجي اڳواڻ لعل بخش منگيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو لفظن جي ڀيٽا پيش

خيرپور(د ر)لعل بخش منگيءَ ادارا ٺاهيا، ڪتاب لکيا ۽ محبتون ورهايون اهڙن خيالن جو اظهار مختلف ساڃاهه وندن ڏاڏو وڇڙي ويل ناميارن ليکڪ ۽ سياسي سماجي اڳواڻ لعل بخش منگيءَ جي ياد ۾ منعقد ٿيل تعزيتي ريفرينس کي مخاطب ٿيندي ڪيو پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اميدوارن غضنفر سولنگي، گلزار اوٺو، اسلم چنو، عدنان مغل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٽيسٽ پاس سمورن اهل اميدوارن کي بنا دير آفر آرڊر جاري ڪري روزگار فراهم ڪيو وڃي

هنگورجا (ن ع) تعلقي سوڀوديرو سان تعلق رکندڙ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي (PST) ۽ جي ايس ٽي (JST) اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف هنگورجا پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي غضنفر سولنگي، گلزار اوٺو، اسلم چنو عدنان مغل ۽ عبدالقادر شيخ ڪئي جڏهن ته وڏي انگ ۾ اميدوارن شرڪت بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب هنگورجا
احتجاج احتجاج احتجاج
تعلقه سوڀوديرو آءِ بي اي 40
ويٽنگ اميدوار گورنمينٽ آف سنڌ

هنگورجا: آءِ بي اي اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو پرسان اديب، دانشور، استاد پروفيسر جمال الدين مومن خاصخيلي جي ٽين ورسي تقريب، لفظن جي ڀيٽا پيش

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ الله بخش خاصخيلي ۾ سنڌ جي ناميارو اديب، دانشور استاد ۽ علمي شخصيت پروفيسر جمال الدين مومن خاصخيلي جي ٽين ورسي جي تقريب نهايت عقيدت احترام ۽ علمي ماحول ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب جي ميزباني استاد آدم خاصخيلي، استاد راهب خاصخيلي ۽ ايڊووڪيٽ امين الدين بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

گمبٽ واسي نوجوان ڪراچي فيڪٽري ۾ ڇت ڪرڻ سبب دٻجي فوت، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

گمبٽ (ت ر) ڪينهواري جي علائقي جو نوجوان ڪراچي جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ دوران فيڪٽري جي ڇت ڪرڻ سبب دٻجي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: پاڻي جي کوٽ سبب سڪل شاخ جو ڏيک

ٻلوري ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف پوڇڙ جي آبادگارن جو احتجاج

بگهاڙ شاخ سڪي وئي، ساريالو ٻج اڃا تائين نه پوکجي سگهيو آهي:مظاهرين

زمينون بنجر ٿيڻ جو خطرو آهي، چوپائي مال لاءِ به پاڻي ناهي اڃ رکي مري پيو

ميرپوربٺورو (ن ع) ٻلوري تعلقي ۾ شديد پاڻي جي کوٽ برقرار ڪيترن ئي شاخن جي پوڇڙ تي پاڻي نه پهچي سگهيو ساريالو ٻج به پوڇڙ جي علائقن ۾ اڃا تائين ناهي پوکجي سگهيو زمينون بنجر ٿيڻ جو خطرو وس وارن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته پوڇڙ ۾ پاڻي ڏئي آبادگارن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي بگهاڙ شاخ جي آبادگار محمد سليم ڪوڙ سليمان ڪوڙ،دودو عرف بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڊائريڪٽر نيب ٽنڊوالهيار پهتو، مختلف هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو

نيب ڊائريڪٽر جي اوچتي دوري سبب پبلڪ هيلٿ، بلڊنگ کاتي، ايجوڪيشن ۽ ٻين کاتن ۾ ٿرٿلو مچي ويو

ڊائريڪٽر نيب هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو ڪري سمورا تفصيل گڏ ڪري روانو ٿي ويو

ٽنڊوالهيار (د ر) ڊائريڪٽر نيب ٽنڊوالهيار پهتو. مختلف هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو. لاڳاپيل کاتن ۾ ٿرٿلو مچي ويو. ترقياتي اسڪيمن جي دوري بعد تفصيل وٺي روانو خبر موجب ڊائريڪٽر نيب ٽنڊوالهيار پهچي ضلعي جي مختلف هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو ڪيو جڏهن ته نيب ڊائريڪٽر جي اوچتي دوري سبب پبلڪ هيلٿ . بلڊنگ کاتي . ورڪس اينڊ سروس بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

آمريت مرده باد جمهوريت زنده باد
ڪارو ڏينهن
5 JULY 1977
عوامي حقن ۽ جمهوريت تي ڌاڙي جو ڏينهن
پاران: پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقو نوشهرو فيروز

نوشهروفيروز: 5 جولاءِ جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان پ پ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪوروواهه ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، چوري ۽ ڦر جون ٻه وارداتون

ڪوروواهه(ن ع) ڪوروواهه ٿاڻي جي حد ۾ الڳ الڳ ڦر ۽ چوري جون ٻه وارداتون. ڪوروواهه چوڪ لڳ جاتي روڊ تي اڄ ڏينهن ڏٺي نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڪشور لال اڪرائي جي ڪمدار واليم ڪولهي کان موٽرسائيڪل موبائيل فون روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا، ٻي طرف گذريل بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي پوليس مبينه پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ ۽ سندس قبضي مان غير قانوني هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.پوليس موجب سٽي پوليس جي ٽيم معمول جي گشت دوران لنجواڻي موڙ پرسان مال پڙي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي، اضافي رقم مسافرن کي واپس

بدين (د ر) چيئرمين ڊسٽرڪٽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي/ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دليت، آر ٽي اي ۽ ٽريفڪ پوليس جي عملي سان گڏجي شهر جي مختلف بس اسٽاپن ۽ ٽڪڙ پير چوڪ تي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي گاڏين خلاف گڏيل ڪارروائي ڪئي وئي دوران مسافرن بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

حڪومت ۽ پيپلزپارٽي سنڌ کي اڏوئي جيان ڪائي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي: اياز پليجو

بار بار اقتدار ۾ ايندڙ پ پ وٽ سنڌ جي خوشحالي جو ڪوبه پروگرام ناهي

پ پ اقتدار جي نشي ۾ مست ڪرپٽ حڪمران ياد ڪن ته اقتدار ڪجهه سالن لاءِ هوندو آهي

سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن آهي، امن، محبت، رواداري اسان جي تهذيب جو حصو آهن

سنڌ دشمن سازش جوڙيندڙ ٻڌي ڇڏين سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي، سنڌ آهي ته پاڪستان آهي

قومي عوامي تحريڪ جي (پ ر) حيدرآباد سربراهه اياز لطيف پليجي ڪئناڊا جي شهر ڪنوينشن کي 42 ٽورانٽو ۾ سانا جي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ۽ پيپلزپارٽي سنڌ کي اڏوئي جيان ڪائي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي بار بار اقتدار ۾ ايندڙ پيپلزپارٽي وٽ سنڌ جي خوشحالي جو ڪو به پروگرام ناهي پيپلزپارٽي اقتدار جي نشي ۾ مست ڪرپٽ حڪمران ياد ڪن ته اقتدار ڪجهه سالن لاءِ هوندو آهي اهو اڄ ٿو ۽ رهڻو آهي ۽ وطن درياهه ۽ ڌرتي سدائين لاءِ هوندا آهن.اياز لطيف پليجي چيو ته هزارين سال پراڻي تهذيب رکندڙ بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

دادو سي آءِ اي پوليس شهرين جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي:مير حسن شاهاڻي

پٽ آصف شاهاڻي کي ڪم لاءِ ٻاهر ويو ته سي آءِ اي جي شاهه محمد کيس گهر ڪري ڇڏيو

چيو ويو ته پيسا ڏئي نه ته پوليس مقابلو ڏيکاري نوڪري ماري ڇڏينداسين:آصف شاهاڻي

دادو(د ر)دادو لڳ ڳوٺ موندر جي رهواسين رٽائرڊ پوليس سب انسپيڪٽر مير حسن شاهاڻي پنهنجي پٽ آصف علي شاهاڻي سان گڏ سي آءِ اي دادو پوليس جي ناجائزين خلاف دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته دادو سي آءِ اي پوليس شريف شهرين جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي منهنجو نوجوان پٽ آصف علي شاهاڻي ڊپلوما هولڊر آهي. سرڪاري بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.